ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام

روحل فقير ۽ مراد فقير

مرتب:

لطف الله بدوي

سنڌي ادبي بورڊ

ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام

روحل فقير ۽ مراد فقير

مرتب:

لطف الله بدوي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

2006ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون	سال 1964ع	تعداد هڪ هزار
ڇاپو ٻيو	سال 1983ع	تعداد ٻه هزار
ڇاپو ٽيون	سال 2006ع	تعداد هڪ هزار

قيمت: سٺ رپيا
[Price Rs. 60 -00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

ڇپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي ٻن ڪلاسيڪل صوفي شاعرن: مراد فقير ۽ روحل فقير جي ڪلام تي مشتمل آهي. هنن ٻنهي صوفي شاعرن جو ڪلام ٿڙيل پکڙيل هو، جيڪو ڪيترن ڪشالن ڪاڻ کان پوءِ پروفيسر لطف الله بدوي هٿ ڪري ترتيب ڏنو، جنهن جو پهريون ڇاپو سنه 1964ع ۾ بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو. اهو ڇاپو ڪافي عرصو مارڪيٽ ۾ دستياب رهيو. سن 1983ع ۾ هن جو ٻيو ڇاپو پڌرو ڪيو ويو. اهو به خيرن سان مارڪيٽ مان ختم ٿي ويو ۽ پڙهندڙ حضرات خاص طور تي تعليمي ادارن جي اصرار ڪي نظر ۾ رکندي هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو نئين اهتمام سان ڇپي پڌرو ڪيو ويو آهي. اميد ٿي ڪجي، ته هيءُ ڇاپو گذريل ڇاپن وانگر پنهجي مقبوليت ماڻيندو ۽ خاص طور تي سنڌي ادب جا شاگرد هن ڪتاب مان خاص استفادو حاصل ڪندا.

ڄامشورو، سنڌ
سومر ٢٦- ذي القعد ١٤٢٧هه
بمطابق 18- ڊسمبر 2006ع

اعجاز احمد منگي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

فهرست

1 - عرض مرتب 7

2 - مقدمو 9

- روحل فقير

- مراد فقير 31

رباعيات

3 - ڪلام روحل فقير 59

● سنڌي ڪلام 61

توحيد جا بيت 63

متفرقه 70

سُر سهڻي 71

● سرائڪي: 73

دوهڙا

سي حَرفي (1) 80

سي حرفي (2) 85

ڪافيون 91

4 - ڪلام مراد فقير 101

● سنڌي ڪلام 103

معرفت 103

سُر سهڻي 109

سُر سسئي 112

سُر مومل راڻو 117

سُر عمر مارئي 118

سُر نوري 119

سُر ليلا - چنيسر 120

سُر گهاتو 121

سُر ساموندي 122

سُر پرڀاتي 123

سُر پورب 125

بيت متفرقه 128

سي حرفي 133

عشقيه 139

● سرائڪي: 147

دوهڙا

هير رانجهو 162

سي حرفي (جهولڻو) 164

ڪافيون 169

مـَــر مـَــرڪي ملاحـن ۾، نـُــوري نـُــوراني،
جنهن جهوليءَ چنڊ جهـُلي پيو، سمو سلطاني.

- مراد

مرتب پاران

سنڌي ادبي بورڊ طرفان مون کي ڪنڊڙي (تعلقي روهڙي) جي درويشن جي ڪلام جمع ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني ويئي هئي. ڪيتري عرصي کان تمنا هئي ته انهن جي ڪلام کي جلد مرتب ڪري پيش ڪيو وڃي، پر حالات جي ناسازگاريءَ سبب ترتيب ۾ دير پوندي رهي. ان جو وڏو سبب اهو هو ته متين بزرگن جو ڪلام هر جاءِ تي منتشر حالات ۾ دستياب ٿيندو رهيو. ان جي ترتيب ڪا آسان ڳالهه نه هئي. "بياض خادمي" فقير روحل ۽ فقير مراد جو سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلام ڪنهن حد تائين ملي ويو. اهو ساڳيو ڪلام سکر جي هڪ ڪتب فروش، هريسنگهه به ڇپايو هو (فقير مراد جي سنڌي ڪلام کان سواءِ). "تذڪره" جي ترتيب وقت، فقير غلام علي "مسرور" وٽ فقير روحل ۽ فقير مراد جو گهڻيءَ حد تائين ڪلام موجود ڏٺو هوم. منهنجي دوست سانوڻمل، رٽائرڊ سپروائيزنگ ٽپيدار ڏهرڪي وٽ فقير صاحب جي مڪمل ڪلام جي موجودگيءَ جو اطلاع ٿي ڏنم. مگر ان صاحب وٽان به ڪجهه جزوي ڪلام ئي ميسر ٿي سگهيو.

مئي 1956ع ۾، هڪ ڏينهن صبح جي وقت جيئن آءٌ فقير صاحب جي ڪلام جي ترتيب جي مشغول هوس، تيئن اوچتو هڪ غريب شخص، جنهن جي ڪپڙن ۾ ڪيئي پيوند هئا، مون وٽ آيو. سندس وار خاڪ آلود هئا ۽ منهن ۾ ڪيئي جهريون پيل هيس، جن مان سندس عمر جو اندازو آسانيءَ سان لڳي ٿي سگهيو. هن مون کان سوال ڪيو ته "اوهين ڪنڊڙيءَ جي درويشن جو ڪلام گڏ ڪري رهيا آهيو؟" منهنجي اثباتي جواب تي هن وعدو ڪيو، ته هو منهنجي خاطرخواهه مدد ڪندو. پوءِ هو هليو ويو.

سندس انتظار ڪندي مهينو گذري ويو، پر هو نه موٽيو. مون سندس وعدي کي هڪ اتفاقي حقيقت سمجهيو. هو وسري چڪو هو، جو وري جون جي آخري هفتي ۾ اچي نڪتو. سندس هٿ ۾ هڪ ڪتاب هو، جو مون کي ڏيئي ويو. مان پيٽڻ کي لڳي ويس ۽ ڪافي ڪلام هٿ آيم. پوئين دفعي جڏهن

ڪتاب ڪي واپس ونڻ آيو. تڏهن پنهنجو اصلي نالو لڪائي. فقط "بيراڳي" ٻڌايائين. مان ان اجنبيءَ جو، جو ڏسڻ ۾ ته واقعي "بيراڳي" هو، بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن کان روحل فقير جي هڪ ناياب سي حرفي ۽ ڪجهه ڪافيون، ۽ مراد فقير جو عشقيه ڪلام ۽ جهولڻو حاصل ٿيا. جيڪڏهن حياتي مستعار رهي ۽ هيءَ ترتيب شايع ٿي ويئي ۽ هو موقعي تي آيو، ته پنهنجو پورهيو ان جي سامهون ضرور پيش ڪندس.

مون کي هن حقيقت جو بيحد افسوس آهي، ته جي ٻه مسودا مليا آهن، انهن ۾ ڪجهه نه ڪجهه غلطيون ضرور موجود هيون. مراد فقير ۽ روحل فقير جي سنڌي ڪلام جو ڪجهه حصو مسٽر بولچند "سنڌو" رسالي ۾ ٻه ڏنو هو، جنهن جي گڏ ڪرڻ ۾ سندس مدد ڪئي هيم. آخر ۾ مان پنهنجي ڪرم فرما، سيد عبدالحسين شاهه موسويءَ جو بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن پڻ هن ڏس ۾ ڪافي مدد ڪئي اٿم.

بهرحال، سنڌ جي هنن ٻن عارفن جي ڪلام کي يڪجا ڪيو اٿم. شايد سندن ڪلام جو ڪو حصو اڃا ٻه مون تائين نه پهتو هجي، جيڪڏهن اهو حاصل ٿي ويو، جنهن جي گهڻي اميد آهي، ته پوءِ ٻئي ايڊيشن ۾ ان کي شامل ڪيو ويندو. سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جي طباعت کان پوءِ، هندي ڪلام کي ترتيب ڏني ويندي. اميد آهي ته منهنجي هيءَ ڪاوش سنڌي زبان جي گهڻگهرن وٽ مقبوليت حاصل ڪندي.

شڪارپور 14 - آگسٽ 1961ع   لطف الله بدوي

مقدمو

سنڌ جي شاعرن مان جن تي حيات جاويد جو نوراني تاج جڳ مڳ ڪري رهيو آهي، ڪنڊڙيءَ (تعلقي روهڙي) جي درويش شاعرن جا نالا خصوصيت سان ونڻ جي لائق آهن. هنن عظيم شاعرن جي گروهه جو سرچشمو ۽ مقتدا، صوفي فقير "روحل" آهي، جنهن جي پُر ڪيف ميخاني جو فيض نسلاً بعد نسل جاري رهندو آيو— پيءُ پٽ جو، ڀاءُ ڀاءُ جو، چاچو ڀائٽي جو، سلسليوار خضر بڻيو رهيو. اهڙيءَ ريت هيءُ خاندان قريب قريب ٻن صدين کان سنڌي شاعريءَ جي شمع کي روشن رکندو آيو. سنڌ وارن تي هي سنڌن فراموش نہ ٿيڻ جهڙو احسان هميشہ ڳائبو، ۽ ساراهبو رهندو.

روحل فقير ذات جو زنگيجو هو، جيئن پنهنجي ڪلام ۾ هڪ هنڌ ان جو ذڪر ٿو ڪري:

لوڪ آکي هي "روحل" ٻولينـدا،
ڪوئي آکي هي ذات زنگيجا،
نهين روحل، نهين ذات زنگيجا،
اي ڪو سر الاهي هي.

فقير صاحب جي والد جو اسم گرامي شاهو فقير هو، جيئن پنهنجيءَ تصنيف "آگم وارتا" ۾ ان جو ذڪر ڪري ٿو:

سيلے سنگي، ست ساتي، پر گهٽ آئے،
پورنماس چڪورا آيا، گهر شاهو کے پائے.

(حيا ۽ سچ جو ساٿي ظهور ۾ آيو، چوڏهينءَ جي چانڊوڪيءَ ۾ چڪور آيو، ۽ شاهو جي گهر ۾ پيدا ٿيو.)

ٻئي هنڌ ساڳيءَ تصنيف ۾ چوي ٿو:

باپ ميرا شاهو ناهين، اُس گهر نهين مات،
جنني هم جايا نهين، ڪال ورن هم نهين جات.

(منهنجو پيءُ شاهو نہ آهي، نہ وري ان گهر ۾ منهنجي ڪا ماءُ ئي آهي: مان ڪنهن مان بہ نہ ڄائو آهيان، ۽ نہ وري موت جي هٿن ۾ وڃڻ وارو آهيان.)

بهرحال، جيئن فقير صاحب لکي ٿو، سندس والد بزرگوار جو نالو فقير شاهو هو.

فقير صاحب جو اصل وطن ٿر هو. هو عمرڪوٽ جي پرسان ڪنهن پِٽَ جو رهندڙ هو. ريگستان جي زمين تي ڄائو، گولاڙن ۽ گگرين ۾ پلجي وڏو ٿيو. افسوس جو مون کي سندس ولادت جي پڪي تاريخ دستياب ٿي نہ سگهي آهي، مگر تاريخي واقعات جي ملائڻ سان تخمينو لڳائي سگهجي ٿو. فقير صاحب پنهنجي تصنيف "آگم وارتا" جوڌپور جي والي، راجا بجيہ سنگ، لاءِ تصنيف ڪئي هئي. هيءَ تصنيف سوال ۽ جواب جي صورت ۾ آهي. راجا جي درباري پنڊت، ايسرسنگ، راجا جي سامهون فقير صاحب کان سوال ڪيا ٿي، جن جا جواب فقير صاحب ڏيندو ٿي رهيو.

هن تصنيف جو جامع لکي ٿو: "سنمپاد روحل صاحب اور شري راجا بجيہ سنگ جي." (روحل صاحب ۽ راجا بجيہ سنگ جي سامهون.) ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تہ فقير صاحب بجيہ سنگ جو همعصر هو. راجا بجيہ سنگ، ميان نور محمد ڪلهوڙي [1]، ميان غلام شاھ، ميان سرفراز ۽ ميان عبدالنبيءَ جو همعصر هو. سنڌ جي هنن تاجدارن مان، ميان غلام شاھ ئي سنڌ تي طويل عرصو حڪومت ڪئي. ميان سرفراز ۽ ميان عبدالنبيءَ جي حڪومت جو دور ڪهنبي جو ڇٽڪو هو. راجا بجيہ سنگ جي ابتدائي دور ۾ ميان نورمحمد فوت ٿي ويو. سنڌ جي تاريخ مان جيئن معلوم ٿئي ٿو، هن ئي راجا، مير بجار جي شهادت لاءِ پنهنجا ماڻهو سنبرائي موڪليا هئا. هالاڻيءَ جي جنگ (1783ع) وقت، جا مير فتح علي ۽ ميان عبدالنبيءَ جي وچ ۾ لڳي هئي، بجيہ سنگ جوڌپور جو حاڪم هو. ڪيس ئي سنڌ جي ناڪام حاڪم ميان عبدالنبيءَ، عمرڪوٽ جو قلعو ۽ ان جي پر وارو ملڪ ڏيئي ڇڏيو هو. هن سڄي تفصيل ڏيڻ منجهان مراد آهي تہ معلوم ٿئي تہ فقير روحل ڪهڙي وقت، راجا بجيہ سنگ سان ملاقات ڪئي هئي. جيئن هيٺ هلي تفصيل مان معلوم ٿيندو تہ

[1] جيمس ٽاڊ: "اينالس اينڊ اينٽيڪئٽيز آف راجستان"، ص 253

فقير صاحب ميان سرفراز جي حڪومت جي دور ۾ ترڪ دنيا ڪري، سير ۽ سفر تي نڪري پيو هو. ان وقت ۾ هو ڪافي عمر جو ٿي چڪو هو. قياساً جيڪڏهن ان وقت سندس عمر 40 ورهيہ شمار ڪئي وڃي، تہ سندس ولادت جو سال 1733ع يا 1734ع[1] ٿي سگهي ٿو. هن بحث ۾ قياس کان ئي ڪم ورتو ويو آهي. ممڪن آهي تہ هن اندازي ۾ ٿورو تفاوت هجي، پر ان کي ڪا ايڏي اهميت نہ آهي. والله اعلم بالصواب.

شاهو فقير کي ٽي پٽ هئا. وڏي جو نالو سلطان، ۽ ننڍي پٽ جو نالو ميوو هو، روحل فقير وچون هو. روحل فقير جو ننڍپڻ ڪيئن گذريو ۽ هن ڪهڙي تعليم حاصل ڪئي، سي حالات تاريڪيءَ ۾ آهن. پر ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي، تہ سندس تعليم سٺي نموني ۾ ٿي. سندس ڪلام جي پختگيءَ ۽ روانيءَ کي ڏسي، يقين سان چئي سگهجي ٿو، تہ کيس سنڌيءَ سان گڏ، فارسيءَ ۽ عربيءَ جي بہ چڱي لياقت هئي. جيئن تہ ٿر جي حصي جو رخ جوڌپور ۽ جيسلمير رياستن ڏي آهي، جتي هنديءَ جو زياده رواج هو، فقير صاحب هنديءَ کي بہ حاصل ڪري ورتو هو. هنديءَ تي کيس ڪافي عبور حاصل هو، جيئن اسان کي سندس هندي تصنيفات مان نظر اچي ٿو.

تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن فقير صاحب جوانيءَ جي سن کي پهتو، تڏهن اُن وقت ڪلهوڙن جي دربار ۾ سندس رسائي ٿي. جيئن سندس خانداني روايتن مان معلوم ٿئي ٿو، هو راڄو ليڪيءَ جو ماسات هو، جو نورمحمد ڪلهوڙي جي دور ۾، سرڪاري ملازمت ۾ گهڙيو هو ۽ ميان غلام شاهہ جي حڪومت جي دور ۾، ترقي ڪري، وزير جي عهدي تي وڃي پهتو هو. غلام شاهہ جي حڪومت جي دور ۾ ٻن شخصيتن وڏي حيثيت حاصل ڪئي هئي ـ هڪ مير بهرام، ۽ ٻيو راڄو ليڪي. ليڪي وڏو دورانديش شخص هو. حڪومت ۾ پنهنجي اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ، هن پنهنجي عزيزن ۽ قريبن مان گهڻن کي سرڪاري ملازمت ۾ آندو. جيئن زباني روايتون آهن، راڄو ليڪيءَ جي مدد سان، روحل فقير بہ سرڪاري ملازمت ۾ داخل ٿيو.

ميان غلام شاهہ، فقير صاحب جي خصلتن کان پوريءَ ريت واقف هو ــــ سانتيڪو مزاج، نهٺي طبيعت، هوَس ۽ حرص کان دور. ميان صاحب سندس

---

[1] ميان سرفراز خان سن 1773ع ۾ تخت تي ويٺو.

سر پرست بڻجي پيو. هوريان هوريان، ترقي ڪري، روحل فقير توشاخاني جو ناظر مقرر ٿيو. هيءُ عهدو ڪا ٿوري شيءِ نہ هئي، مگر هو ان رتبي تي پهچڻ کان پوءِ بہ اڳي وانگر نهٺو ۽ سادگيءَ جي صورت بڻيو رهيو. ان زماني ۾ بہ هو "دست بہ ڪار ۽ دل بہ يار" جو نمونو ٿي رهيو.

فيضان الاهي جڏهن ڪنهن دل کي پنهنجي لاءِ انتخاب ڪندو آهي، تہ ان ۾ انساني شرف جون سڀيئي سعادتون اڳ ۾ ئي موجود ٿي وينديون آهن روحل فقير جي بہ پاڪيزه دل اهڙيءَ ريت انوارِ الاهيءَ جي جلوي لاءِ پيئي تيار ٿي. اوچتو ئي اوچتو سن 1722ع ڌاري، سنڌ جو ڪريم النفس حاڪم ميان غلام شاهہ گذاري ويو ۽ سندس فرزند ميان سرفراز حڪومت جون واڳون ورتيون. جواني ۽ الهڙ پڻ، سياست کان ناواقفي— اِهي اهڙيون شيون هيون، جي نوجوان تاجدار کي بي احتياطيءَ جي طرف وٺي ويون. هو راڄو ليکيءَ جي هٿن ۾ ڪيڏي رهيو هو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هو پنهنجي قديم خانداني محسن، مير بهرام کان ڪشيده ٿي ويو. فقير صاحب اگرچ راڄو ليکيءَ جو طرفدار هو ۽ سندس ئي ماڻهو ٿي سمجهيو ويو، مگر حق ۽ صداقت کيس متاثر ڪيو. مير بهرام جي خلاف منصوبن کي ڏسي هو لرزي اٿيو. سندس دل تہ هن ست رنگيءَ دنيا کان اڳ ئي بيزار هئي. خالي نالي ۽ نمود کان هو گهڻو پري هو، پر هاڻي سندس علمي مطالعو بہ وسيع ٿي ويو. هن ڄاتو ٿي تہ هنن منصوبن جو نتيجو چڱا نڪرندو. هن دنيا جي شان شوڪت، مال ۽ دولت جي بي جتاءَ ڪکر جي ڇانوَ کي قريب ٿي ڏٺو. هٿ ۾ استعيفا جو ڪاغذ کڻي، ميان سرفراز جي دربار ۾ پهتو. ميان جي طبيعت ۾ تہ هوَ تبديلي ۽ اصلاح آڻي نٿي سگهيو، ان ڪري سندس ترڪ ملازمت جو پختو عزم هو. هو هڪ قديمي ملازم هو، جو پنهنجي تجربيڪاريءَ ۽ ديانتداريءَ کان مشهور هو. تنهنڪري ميان سرفراز سندس استعيفا کي منظور ڪرڻ ۾ تامل کان ڪم ورتو ۽ پاڻ وٽ رهڻ لاءِ مٿس زور ڪيائين. مگر فقير صاحب جو فيصلو اٽل هو. ميان صاحب آخر رنج ۽ مجبور ٿي، کيس پاڻ کان ڌار ڪيو.

ڪيڏي نہ خوش نصيب زندگي آهي انهن آزاد انسانن جي، جي دنيا جي باطل هوَس کان بچي، ان جي ڦندن ۽ ڦيرن مان نڪري، انسانيت جي صحيح

شاهراهه تي قدم رکن ٿا، ۽ پوءِ "لاخوف عليهم ولا يحزنون" جي مرتبي تي پهچن ٿا. فقير صاحب دنيا کان بيزاريءَ جو منظر هيئن ٿو ڏيکاري:

دنيا ڍونڍ تي طالب کتي بينا مل عمر تاڻي،
هڏي آتون هوڏ تنهان دي وڙهندے عمر و هاٽي،
انڌيان عشق الله دا چوڙيا، پئے ولہ وڙن پاٽي،
"روحل" راهه ربانيءَ ٻاجهون ہي سڀ کوڙ کهاٽي.

خواجہ حافظ پنهنجي غير فاني ڪلام ۾ متينءَ حقيقت جو نقش هيئن ٿو ڪڍي:

غلام همت آنم ڪ زير چرخِ ڪبود،
ز هرچه رنگَ تعلق پز يِرد آزاد است.

(مان اُن شخص جي مردانہ صحت جو بندو آهيان، جو هن آسمان جي هيٺان رهي، هرهڪ اهڙيءَ ڳالهہ کان، جنهن کان ڪنهن لڳ لاڳاپي جو رنگ دل تي چڙهي ٿو، آزاد آهيَ.)

هيءَ ڪو آسان ڪم نہ آهي. ڪنهن جي دل چاهيندي تہ هو دنيا جي شان ۽ شوڪت کان علحده ٿي، دولت جي راحت ۽ دنيائي عيش جي اسباب کي پٺ ڏئي! اهوئي سبب آهي، جو انساني حيات جي مفڪرن، نفس جي جهاد کي جهاد اڪبر سڏيو آهي.

فقير صاحب هن جهاد اڪبر ۾ سوڀ لهي، سڀ ڪي ترڪ ڏيئي صراط المستقيم جي طرف قدم وڌايو. هو پنهنجي وطن مالوف ٺر ۾ پهتو ۽ عمرڪوٽ جي پرسان پدمات جي پٽ تي وڃي گوشي نشين ٿيو.

زباني روايتن مان هڪ روايت سندس ترڪ ملازمت جي لاءِ هيءَ بہ ٻڌي وڃي ٿي، تہ هڪ ڀيري جو ذڪر آهي تہ ڪي عربستان جا سوداگر ميان غلام شاهه جي دربار ۾ آيا. هنن ڪيتروئي اسباب ميان کي ڏيکاريو. ميان انهن مان ڪيتروئي پسند ڪري، خريد ڪيو. جڏهن خريد جو معاملو گذري چڪو، تڏهن سوداگرن ميان کي هڪ ڪپڙي جي جوڙي سوکڙيءَ طور ڏني، جنهن تي سارو قرآن شريف، وڏيءَ ڪاريگريءَ سان اُٽيو ويو هو. ميان اها جوڙي ادب سان وٺي، روحل فقير کي هيئن چئي سنڀاري لاءِ ڏني، تہ "هن کي توشاخاني ۾ حفاظت سان رکج، جڏهن مان مران تہ مون کي انهيءَ چادر ۾ رکيو وڃي."

”جڏهن ميان غلام شاهه وفات ڪئي ۽ سندس وڏو پٽ سرفراز خان سنڌ جو والي ٿيو، تڏهن روحل فقير مٿين جوڙي ميان سرفراز خان کي آڻي ڏني ۽ کيس سندس والد جي وصيت ٻڌايائين. ميان سرفراز هيءَ ڳالهه ٻڌي- اٿبڌي ڪري ڇڏي، ۽ اها جوڙي روحل فقير کي موٽائي ڏنائين ته ”وڃي توشاخاني ۾ رک، ڇاڪاڻ ته مان ان جوڙيءَ مان پنهنجو ڪفن ڪندس.“ هن واقعي روحل جي دل کي وڏي چوٽ رسائي، ۽ هن توشاخاني جون ڪنجيون ميان سرفراز کي سنڀاري ڏنيون.“

جيتريقدر هن حقيقت جو تعلق آهي، مون کي هن جي قبول ڪرڻ ۾ تامل آهي. هن روايت جي اندر ڪا به صداقت نظر نٿي اچي. ميان سرفراز جي سياسي ناعاقبت انديشي پنهنجيءَ جاءِ تي آهي، پر هي سندس اخلاق ۽ وضع تي وڏو حملو آهي، جنهن کي بهتان چئجي، ته به بجا آهي. اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به مورخ سندس اخلاق تي ڪو رڪيڪ يا ناپسند حملو نه ڪيو آهي. هو هڪ صالح نوجوان هو، اُن وقت جي بزرگن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ حضرت فقير الله صاحب علويءَ سان سندس بيحد تعلقات هئا. حضرت فقير الله جي مڪتوبات ۾ ميان سرفراز جا لکيل خط موجود آهن، جن مان سندس غير معمولي خصوصيتن جو اظهار ٿئي ٿو. هو پاڻ به وڏو عالم ۽ شاعر هو. اهڙو ماڻهو اهڙي ناشائسته حرڪت ڪري، ڪڏهن به اعتبار ۾ اچي نٿو سگهي. هڪ بادشاهه وٽ اهڙيون جوڙيون ميسر ٿي پئي سگهيون. نادر الوجود شيءِ ئي چو نه هجي، پر جڏهن هڪ ڪاريگر ان کي تيار ڪري پئي سگهيو، ته ان ايجاد کي وري وجود ۾ آڻڻ لاءِ ڪا به بي شيءِ مانع ٿي نٿي سگهي. جا شيءِ دستياب ٿي سگهي ٿي، ان ۾ پٽ، پيءُ لاءِ بخل ڪري، پٽ به اهو جو صالح ۽ عالم، پيءُ اهو جو لائق بادشاهه ۽ عالم، ڪڏهن به اعتبار ۾ اچي نٿو سگهي.

جيئن مختلف روايتون موجود آهن، پدمات جي پٽ تي ٿوري وقت جي گوشي نشينيءَ کان پوءِ فقير صاحب جهوڪ ميرانپور روانو ٿي ويو ۽ اتي شاهه عنايت الله صوفي شهيد جي مزار تي معتڪف ٿي رهيو. اعتڪاف کان پوءِ، اتان جي سجاده نشين شاهه عزت الله جي معتقدين ۾ شامل ٿي ويو. شاهه عزت الله شاهه شهيد جو فرزند ارجمند، ان وقت جي بزرگن ۾ بلند درجو رکندڙ هو. جيئن علي شير ”قانع“ لکي ٿو[1]:

”جو ڪجهه سندس زبان مان نڪري ٿو، اهو تقدير سان موافقت رکي ٿو. سواليءَ جي سوال کان اڳ ۾ ئي، سندس ڪرامت

[1] ”تحفة الڪرام“، ج 3، ص 170

پريءَ زبان تي ڳالهيون اچي ٿيون وڃن. منهنجو ناقص قلم، هن خاندان جي بزرگيءَ جون ڪهڙيون ڳالهيون لکي.“

جهوڪ ميرانپور مان پنهنجي تشنگي مٽائي، هو پنهنجي وطن موٽيو. ان زماني جي ڳالهه آهي ته ڪن منصوبي بازن، ميان سرفراز جا ڪن وڃي پريا ته روحل فقير توشاخاني جو سمورو سامان سنياري نه ڏيئي ويو آهي. هن بي بنياد تهمت کي سندس مخالفن اهڙي رنگ ۾ ميان صاحب کي ٻڌايو، جو هن حڪم ڏنو، ته سپاهين کي موڪليو وڃي ته هو فقير صاحب کي گرفتار ڪري اچن. شاهي حڪم موجب سپاهي پدمات جي پٽ تي وڃي پهتا، جتي روحل فقير جو هاٽي آستانو هو. فقير صاحب کي گرفتاريءَ جي حڪم کان آگاهه ڪيائون، جنهن تسليم لاءِ ڪنڌ جهڪائي جواب ڏنو ته ”بابا سياٽي هلنداسون.“ مگر اتفاق اهڙو ٿيو جو ٻئي ڏينهن صبح جو هيءَ خبر اڏرندي پهتي ته مير بهرام جي شهادت کان پوءِ ميان سرفراز تخت تان دست بردار ٿي چڪو آهي. سرڪاري ماڻهن کي جڏهن هيءَ خبر پيئي، ته هو فقير صاحب کي پنهنجي حال تي ڇڏي، پوئتي موٽيا.

فقير صاحب جي مرشد بابت هڪ روايت مطابق چيو وڃي ٿو، ته فقير صاحب پنهنجي مرشد جي نالي کي ئي مخفي رکي ڇڏيو هو، جنهنڪري سندس نالو اڄ تائين ڪنهن کي به معلوم ٿي نه سگهيو آهي. جيستائين مسلمان صوفين جي مشرب جو واسطو آهي، سپيئي تذڪرا هن حقيقت سان معمور آهن ته هر صوفي پنهنجي رهبر ۽ رهنما جي نسبت جو خصوصيت سان ذڪر ڪيو آهي، جنهن کي خير ۽ برڪت ڄاتو ٿي ويو. روحل فقير هڪ مسلمان صوفي هو، ان ڪري اهڙي لا علمي حقيقت تي اعتبار ئي نٿو ڪري سگهجي.

هن ئي سلسلي جي ٻي روايت آهي ته هو هڪ هندو فقير ڏونگرسي مهراج جو فيض يافته هو، جو ٽرپارڪر جي طرف ڇڱو ساڌ سنگت وارو ساڌو ٿي گذريو آهي. عين ممڪن آهي، ته فقير صاحب ساڻس صحبت ڪئي هجي. اڪثر مسلمان صوفين، هندو ساڌن سان صحبت ڪئي آهي ۽ هندو ساڌن مسلمان درويشن سان روح اٽڪايو آهي. ڏونگرسي هندي زبان جو ڪوي ٿي

گذريو آهي، تي سگهي ٿو ته فقير صاحب سندس ڪِـوتا مان استفاده ڪيو هجي. ڏونگرسي مهراج جو هڪ شبد مثال طور ڏيان ٿو:

پڇن ويچارو موري پائيو — من موهيلا
پنورا من پرمائيو — من موهيلا
پهلي ڪمائي جانري پرکيو — پيپڇهي ڪيسا پڇتائيو
مول گنوايو اُنهان مولان — جنم چوراسي منهن جائيو
من موهيلا
چرنين منهن لگائيو
من اپنا هاٿ رک لو — جسم ڪُبڌ نه لي جائيو
”ڏونگر“ پوري ٻوليا — من موهيلا

روحل فقير پنهنجي حياتيءَ جو وڏو حصو سير ۽ سياحت ۾ گذاريو. جوڌپور ۽ بيڪانير جي حصن جو هن خوب سير ڪيو. جنهن جاءِ تي پهتو ٿي، اتي سندس روحاني فيض ڪان سوين ماڻهو پئي سيراب ٿيا. پنهنجي مريدن کي اڪثر جوڳ جي پاڪر ڏيندو هو. اُن ڪري جوڳي فقير سندس ارادتمندن ۾ داخل آهن. هن سير ۽ سفر جي سلسلي ۾، سندس ملاقات جوڌپور جي راجا بجيه سنگ سان به ٿي، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو اٿم. فقير صاحب ڪجهه وقت جوڌپور ۾ رهي، راجا کي صوفيانه مسلڪ کان واقف ڪرڻ لاءِ، پنهنجي تصنيف ”آگم وارتا“ رچي، جنهن جي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته هو هندو ڌرم ۽ ويدانت جي هر نڪتي کي پوريءَ ريت ڄاڻندو هو. سندس هن روحاني ڪمال کي ڏسي، راجا سندس معتقدن ۾ شامل ٿي ويو. هن مٿس زور پريو ته اتي ئي رهي پوي، مگر هن مستقل سڪونت اختيار ڪرڻ اجا پسند نه ڪئي.

هاڻي سندس زندگيءَ جي شام اچي ٿي هئي. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو خاتمو ٿي چڪو هو. مير فتح علي خان سن 1783ع ۾ هالاڻيءَ جي جنگ فتح ڪري، سنڌ جو حاڪم بڻيو. ٻئي سال ميرن ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. خيرپور وارو حصو مير سهراب خان کي مليو. مير سهراب خان کي خبر هئي ته فقير صاحب ڪهڙيءَ ريت مير بهرام جو پاسو ڪٽي، حق ۽ صداقت جي سر پرستيءَ ۾ پنهنجي ملازمت کي ترڪ ڪيو هو. ان ڪان سواءِ هو هاڻي سندس روحاني عظمت جو به قائل ٿي چڪو هو. هن ڪيس لکي موڪليو ته

سندس ملڪ ۾ جتي ٻه هو پنهنجي رهائش لاءِ جاءِ انتخاب ڪري، اها ڪيس جاگير طور ڏني ويندي. مير سهراب خان جي هن محبت ڀريءَ دعوت جو فقير صاحب تي وڏو اثر پيو. جاگير جي وٺڻ ڪان تہ فقير صاحب انڪار ڪيو، پر سندس ملڪ ۾ رهڻ قبول ڪيائين. سندس ساٿي، فقير مراد، ميرن جي لاءِ هيئن دعا ڪئي:

باري پرورد گار، ڪيا وڻ ڪامل ڪڪاڙين جا،
تاريون تالپرن جون، تيِــَـــڙيون باغ بهار،
سي مرڪن شال "مراد" چئي، سنڌ صوبي سردار،
جن ڏنو ڏيهہ ڏاتار، مر ڪائن خان خوشيءَ سان.

مير صاحب جي هن دعوت کي قبول ڪندي، فقير صاحب خود بہ چاهيو ٿي تہ هاڻي ڪٿي گوشي نشين ٿي، باقي حياتي يادِ الاهيءَ ۾ گذاري. چنانچہ هو هنگامي دنيا کان ڪناره ڪش ٿي، پنهنجي سڄي اهل ۽ اطفال سميت ڪوٽ ڏيجيءَ جي پرسان ڪوٽلي جي ننڍيءَ بستي ۾ وڃي رهيو.

ڪوٽلي ۾ رهائش اختيار ڪرڻ کان پوءِ، سندس معتقد ان بستيءَ ۾ ايندا ويندا ٿي رهيا. اُتان جي زميندار کي هيءَ ڳالهہ پسند نہ آئي. دولت ۽ فقير جو تصادم ٿي پيو. فقير جو صلح ڪُل ٿئي ٿو، سو هن وير ۽ وروڌ کي ڪٿي ٿو برداشت ڪري سگهي. روحل فقير نقل مڪاني ضروري سمجهي. مير سهراب سندس بيحد دلجوئي ڪئي، مگر فقير صاحب جو فيصلو اٽل هو. هو پنهنجي سڄي اهل ۽ عيال کي وٺي، خدا تي توڪل ڪري، بنا ڪنهن مقام ۽ منزل جي اڳتي وڌيو. چون ٿا تہ جڏهن هو موجوده ڪنڊڙيءَ وٽ آيو، جو ان وقت جهنگ ۽ غير آباد پَٽُ هو، تڏهن سندس چادر جو پلؤ هڪ ننڍڙيءَ ڪنڊيءَ جي وڻ ۾ اٽڪي پيو. فقير صاحب هن معمولي روڪ کي، خدائي امر سمجهي، پنهنجي لڏي لاهڻ جو حڪم ڏنو. جلدئي جهنگ کي صاف ڪري، ساديون جهوپڙيون اڏي، هڪ ننڍڙيءَ بستيءَ کي آباد ڪيو ويو، جنهن جو نالو "ڪنڊڙي" رکيو ويو، جو نالو فقير صاحب جي رهائش جي واقعي کي ياد ڏياريندو رهي ٿو. درياءَ جي پر تي هي آجو گذران، فقير صاحب جي دلي راحت جو سبب بڻيو. روحل فقير هن ننڍڙيءَ بستيءَ جو وڏيءَ حب ۽ پيار سان ذڪر ڪيو آهي:

کنبڙيءَ ۾ کلتار ڏنوسي — رانجهو رمزن وارو يار
في أنفسكم افلا تبصرون — مخفي هي اسرار
رمز رندن جي کوکو پرکي — برهه جو باري بار
وحدت واري واٽ ونج تون — وتي نه آڻج وار
"روحل" رهجان رمز انهيءَ ۾ — بي سڀ ڪُوڙي ڪار.

ڪانن جون جهوپڙيون ۽ ڪکن جون ڇنون، هاڻي حق جي طالبن جون زيارتگاهه بڻجي پيون. ملڪ جي هر حصي کان ارادتمند فقير، پنهنجي روحاني تشنگيءَ کي مٽائڻ لاءِ اچي تي گڏ ٿيا. صبح ۽ شام وحدت جو وڻجار ٿي هليو ۽ معرفت جي هٽيءَ جو هوڪو ٿي پڌو. بنا ڪنهن مت ۽ ڀيد جي هندو ۽ مسلمان هڪ هنڌ پئي جمع ٿيا. هڪ طالب ڏرمون مل "انور" پنهنجي ستگر جي ساراهه هيئن ٿو ڪري:

ڪنبڙي ڪنبڙي ناهه، تحقيق آهي ڪاسي
روحل رام وسي اُتاهين، جنهن لائي سماڌ ابناسي
اُهي وجي ٿيا واسي، "انور" اَمرَ پد نرباڻ ۾.

مسلمان ارادتمند فقير در محمد پنهنجي مرشد جو ذڪر هيئن ٿو ڪري:

ڪنبڙيءَ جا پير پرورَ — سير وهي تنهنجي سڀ کان سر
اچن سوالي وڃن نه خالي — روحل تنهنجي در
ڏجانءِ ڏاڻ خوشيءَ مان — وهلو وير تون ور
"در محمد" مسڪين چئي — نظر نماڻي تي ڌر.

جيئن ته دنيا فاني سراءِ آهي ۽ هن مسافرخاني ۾ جو آباد ٿيو، ان کي هتان هڪ ڏينهن ڪُوچ ڪرڻو آهي. فقير صاحب جي عمر جو ماڻ به پرجي آيو. معمولي بيماريءَ کان پوءِ، سنڌ جو هي آزاد صوفي، پنهنجي خالق جي حضور ۾ وڃي حاضر ٿيو. راويت آهي ته هن سن 1804ع ڌاري، هن دنيا کان موڪلايو.

روحل فقير به شاديون ڪيون. سندس پوئين گهر واري مراد فقير جي نياڻي هئي. پهرئين گهر مان ڪيس به پُٽ ٿيا، هڪ شاهو فقير ۽ بيو غلام علي فقير. پوئين گهر مان ڪيس به فرزند ٿيا، دريا خان فقير ۽ خدا بخش فقير.

روحل فقير پنهنجي دوُر جو هڪ وڏو صوفي ٿي گذريو آهي. سندس تصنيفات ۾ چار هندي رسالا، من پر بوڌ، اديت گرنٿ، سرب گيان ۽ آگم وارتا مشهور آهن. انهن کان سواءِ ٿورا پچن پڻ ڇپيا اٿس.

فقير صاحب جو ڪلام سنڌيءَ ۽ سرائڪيءَ ۾ بہ موجود آهي، جو ٿورو آهي، پر نهايت مدلل. زبان سادي پر فصيح آهي. هو ان دور ۾ ٿي رهيو، جنهن کي سنڌي ادب ۾ متقدمين جو دور ٿو چئجي. سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف جي دور سان سندس قريبي تعلق آهي.[1] ان دور جي ساده بياني ۽ شگفتگي ضرب المثل آهي. اهوئي سبب آهي، جو فقير صاحب جي ڪلام ۾ بہ پنهنجي همعصر بزرگن واري سادگي موجود آهي. سندس ڪلام ۾ تصوف جي باريڪ نگاهي موجود آهي ۽ اهو ٻاهرئين رنگ ڪرنگ کان آزاد ۽ پاڪ آهي. هو رهبر اعظم جي مبارڪ قول "الاهُمّ اَعُوذ بِڪَ مِن عِلم لا يَنفَعُ"، (خدايا مان توکان ان علم کان پناهہ گهران ٿو، جنهن کان ڪو نفعو نہ پهچي) جو پورو پورو تابع نظر ٿو اچي— جيئن پاڻ فرمائي ٿو:

کهٽي تان هرڪو کهي، پر رهٽي اوکي بات،
پذري ٿيندي ذات، رهٽيءَ مان "روحل" چوي.

جيئن متي لکيو اٿم، فقير صاحب جي ڪلام ۾، اڪثريت ان فڪر ۽ اجتهاد جي آهي، جنهن ۾ هن صوفيءَ جي مسلڪ کي نمايان طور پيش ڪيو آهي. هن توحيد جي اهم مسئلي کي وڏي اهميت ڏني آهي، جو سندس ڪلام جو جوهر چئجي تہ بہ روا آهي. توحيد جي معنيٰ آهي "هيڪڙائي"، يعني، خلقٹهار جي هيڪڙائيءَ جي قبوليت. صوفي جيئن تہ پنهنجي ذات جو تعلق فقط، خداوند تعاليٰ سان ڳنڍيل رکي ٿو، ان ڪري هو توحيد جو دنيا ۾ وڏو علمبردار آهي. امام غزالي رحمتہ الله عليہ، پنهنجي تصنيف "المنقذ من الضلال" ۾ "القول في طريقة الصوفيہ" جي عنوان هيٺ فرمائي ٿو:

"جڏهن مان علوم کان فارغ ٿيس، صوفيہ جي طريقي جي طرف متوجهہ ٿيس، تڏهن مون کي معلوم ٿيو، تہ سندن طريقو علم ۽ عمل سان تڪميل تي پهچي ٿو. سندن علم جو نتيجو نفس جي متابعت کي قطع ڪرڻ، ٻُرن اخلاقن ۽ خبيث صفتن کان پاڪ ٿيڻ آهي، تان جو ان جي ذريعي، قلب کي غير الله کان صاف ڪيو وڃي ۽ ان کي ذڪر اِلاهيءَ کان معمور ڪيو وڃي."

---

[1] شاهہ ڀٽائيءَ جي تتبع ۾ فرمايو اٿس:
"بيت نہ پانئجو ماڻهئا، هي وحدت جو واپار."

فارسي زبان جو مشهور صوفي شاعر، مولانا نورالدين جامي، پنهنجي تصنيف "لوائح" ۾ هن نڪتي کي سادگيءَ سان هيئن ٿو پيش ڪري:

اے دل طلب ڪمال در مدرسہ چند   تڪيمل اصول و حڪمت و هندسہ چند
هر فڪر ڪہ جز ذڪر خدا وسوسہ هست   شرمے زخدا بدار اين وسوسہ چند

(اي دل مدرسي ۾ ويهي، ڪماليت جي ڳولا ڪرڻ ڪيستائين؟ اصول، فلسفي ۽ حسابن جي هيءَ تڪميل ڪيستائين؟ اهو فڪر جو خدا جي ذڪر کان سواءِ هجي، سچو وسوسو آهي. خدا کان ڊڄ هي وسوسو ڪيستائين؟)

حضرت جنيد بغدادي، جنهن کي صوفي پنهنجو سردار ڪري مڃين ٿا، فرمائي ٿو تہ: "صوفي پاڻ کان فاني ٿي وڃي ٿو، ۽ خدا سان باقي رهي ٿو." رومي فرمائي ٿو:

زندگي مقصود بهر بندگي ست   زندگي بے بندگي شرمندگي ست
جز خضوع و بندگي و اضطرار   اندرين حضرت ندارد اعتبار
هرڪہ اندر عشق يابد زندگي   ڪفر باشد پيش اُو جز بندگي.

(زندگيءَ جو مقصد فقط خدا جي بندگي آهي. بندگيءَ کان سواءِ زندگي شرمندگي آهي. نياز، بندگي ۽ دلي بيتابيءَ کان سواءِ، ٻيءَ ڪنهن بہ شيءِ کي، ان جي حضور ۾ دخل نہ آهي. جو خدا جي محبت جي اندر زندگي لهي ٿو، ان وٽ سندس بندگيءَ کان سواءِ ٻيو سڀ ڪفر آهي.)

روحل فقير بہ ان قول صادق جي هيئن شهادت ٿو ڏئي:

چشما آب حياتي دا، دل اندر حوض حضوري،
سِر دي سودي پيندي عاشق، پريت جنهان دي پوري،
سي جينديان مُوتوا ٿي ڪر بيٺي، پايا سُک صبوري،
"روحل" رنگ هڪ دي رتي، سي نُور، ملي وڃ نُوري.

فقير صاحب جنهن ٻيءَ حقيقت کي وضاحت سان بيان ڪيو آهي، اها آهي "پاڻ سڃاڻڻ" جي قوت آگاهي. فرمائي ٿو:

جي تون صحيح سڃاڻي پاڻ، اتئي قيمت سندو قطرو،
ڪوري ڪد قلوب مان، مدائيءَ جو ماڻ،
پري نهارڻ پِرَ کي، سندو چتن چاڻ،

نت سائين توهي ساڻ، راتيان ڏينهان "روحل" چوي.

هاڻي ڏسون ته پاڻ سڃاڻڻ ڇا آهي؟ رومي فرمائي ٿو:

از خود آگه چون نئي اي بي شعور،
پس نبايد برچنين علمت غرور.

(جيئن ته تون پاڻ کان واقف نه آهين، ان ڪري توکي پنهنجي ڄاڻ تي ايڏو هٺ ڪرڻ نه گهرجي.)

صوفين پاڻ سڃاڻڻ منجهان مطلب ٻانهي ۽ خالق جي توسل کي ورتو آهي. رومي ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

چون بداني تو کماهي خويش را — علم عالم حاصل آيد مرتوا
گرهمي خواهي ڪه باشي حق شناس — خويش را بشناس نه از راه قياس
بل ز راه ڪشف و تحقيق و يقين — عارف خود شوڪه حق داني ست اين.

(جڏهن پنهنجي هستيءَ کي سڃاڻيندين، ته توکي سڄي جهان جو علم حاصل ٿي ويندو. جيڪڏهن تون گهرين ٿو ته خدا کي سڃاڻين، ته پاڻ کي سُڃاڻ. پيو قياس نه وٺ. ڪشف، تحقيق ۽ يقين جي راهه کي وٺي، پاڻ سڃاڻڻ جو عارف بڻجي وڃ، ڇو ته اهائي حق داني آهي.)

شيخ محي الدين ابن العربي هن حقيقت جي وضاحت هيئن ٿو فرمائي:

اَلـعَـبـدُ عَـبَـد وَاَن ترقي والرب رب و اَن تنزل

(ٻانهون، ٻانهون آهي، پوءِ هو ڪيتري به ترقي ڪري، رب رب آهي، اگرچ هو ڪيترو نزول ڇو نه ڪري.)

مٿيئن حقيقت مان صاف ظاهر ٿيندو، ته انسان جڏهن پاڻ کي صحيح صورت ۾ عبد تصور ڪري ٿو، تڏهن ئي سندس مقام ۽ منزل جي ترقي ٿئي ٿي. علامه اقبال "عبده" جي تشريح هيئن ٿو ڪري:

عبده آ جانفزا ۽ جانستان عبده شيشو به سنگ گران عبده دنيا آ دنيا عبده

ترجمو:

رنگ سڀ آهيون ۽ هو بي رنگ وبو عبده کي ابتدا بي انتها عبده کي صبح شام آهي نه ڪا

"عبده" جي فهم ۽ ادراڪ جي اعليٰ مقام کي علامہ اقبال خوديءَ سان تعبير ٿو ڪري. سنڌ جو صوفي اڳيئي ان ڪان پوريءَ ريت واقف آهي. روحل فقير فرمائي ٿو:

وٺج وهائڻ ڪاڻ، ڇو ويين ٻئي هَٽ؟
توکي پٽ پٽيهر پانهنجو، اتي وٺج مڙوئي وَٽ!
جنهن ۾ نشو نينهن جو، ساڪا ڪوئي پَٽ!

علامہ اقبال انهيءَ قبيل ۾ فرمائي ٿو:

آدمي وٽ ئي نہ پهتين، ڪٿن خدا ڳولين پيو!
پاڻ ڪان پرتي وڃي ۽ آشنا ڳولين پيو!
پئُ وڃي ڪنهن شاخ گل ۾، آب نم سان ڪر گذر،
رنگ بگڙيي لئي وري باد صبا ڳولين پيو!

(ترجمو)

صوفيءَ جو خوديءَ بابت ڪهڙو نظريو هئڻ گهرجي، ان لاءِ "روحل" فقير هيئن ٿو فرمائي:

ڄاڻ خودي تان خود ڪون پهچين، نال خودي خود پائين،
بنا ڪيف لطيف نہ ليدا، سڻ تان سچ آکائين،
"روحل" رانجهن دل وچ وسدا، ڍوند نہ سجيان جائين.

جيئن تہ صوفين جي پَرِ "صلح ڪُل" ٿئي ٿي، ۽ هو دنيا کي محبت ۽ پيار جو پيغام ڏيندڙ آهن. روحل فقير جي ڪلام ۾ بہ اسان کي ان حقيقت جو اظهار ملي ٿو:

ڪفر ۽ اسلام ۾ تا پين ابتا پيرَ،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٽيون وچ وڏائون وير،
اُنڌن اوندهہ نہ لهي، تن کي سچ چوندو ڪير!
پر "روحل" راهہ پرين جي، جان گهڙي ڏنوسي گهير،
تہ رب مڙني ۾ هيڪڙو، جنهن ۾ ڦند نہ ڦير:
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبةالله ۾!

هڪ فارسي شعر هن قبيل ۾ روميءَ چيو آهي:

ڪفــر اســت در طريقــت ماڪينــہ داشــتن،
آئيــن مــا اســت سـينہ چـون آئينــہ داشــتن.

سچ، روحل فقير هن اڪسير جو پندار آهي:

سپ صورت صاحب دي ڄاڻن، دوئـي دل نہ لائـن،
”روحل“ رنگ هڪي دي رتي، سي سپ ڪنهن سيس نماون.

روحل فقير جي ڪلام ۾ صوفيءَ جي لاءِ هڪ مفصل پروگرام موجود آهي. سندس ڪلام ۾ ڪوبہ مبالغو يا اهڙي ڳالهہ موجود ڪانہ آهي، جنهن کي صوفي شطحيات سڏين ٿا. شطحيات منجهان مقصد آهي، اُهي ڳالهيون، جي شرع سان تضاد ۾ اچن. جيڪڏهن ڪٿي ڪو اهڙو نڪتو بيان بہ ڪيو اٿس، تہ نهايت احتياط سان. فرمائي ٿو تہ:

ٿبي ڏيئـي پـاڻ ۾، پســان جــان پيهــي،
نڪـي ملـڪ نڪـي خلـق، نڪـي اسـيئي،
اسين بہ ڳوليـون جـن کـي، سـي پـڻ اسـيئي،
ہي وائي ويئي، ”روحل“ هو نگ پرين جي هڪڙي.

هڪ سنجيده صوفي آهي، جو پنهنجي مواعظ حسنہ سان، دلين کي ڏتاريندو رهي ٿو.

روحل فقير جو ڪلام، جيئن مٿي ٻڌايو اٿم، ڪو زياده نہ آهي. مگر هنديءَ ۾ سندس ڪوتا چڱي انداز ۾ آهي. سندس هندي تصنيفات جو مٿي ذڪر ڪيو اٿم، انهن ڪان سواءِ پڇن بہ اٿس، جن جو رنگ هيٺينءَ ريت آهي:

(1)

اپنا روپ پڇان، سمجهہ من درسن پيهي.

1-جئسي شنگهہ اجاسنگ ڏولي آپ نـہ چينـي، پرمـي پولـي،
جانت هوءِ اَجان.

2-ڪستوري وسي مرگهہ کي مانهين، بـَـنُ نـَـنُ ڍونـڍي سـونگهي تـانهين،
هوءِ رهيا حيران.

3-جن تمکو نشچي ڪر جانيا، رمتــا رام ســڪل گهــٽ مانيــا،
سو ساڌو پروان.

4- تين لوڪ مين تمرا واسا، ڪاهي ڦرت هوءِ اُداسا!
جان سڪي ڪو جان!

5- جت ميري پريت صاحب سنگ لاڳي "روحل" پيت پرم ڪي پاڳي،
آتم مين غلطان.

(پنهنجيءَ صورت کي سڃاڻ اي دل، سمجهه جو اهوئي سچو ديدار آهي. جهڙيءَ ريت شينهن ٻڪريءَ جي صحبت ۾ ڦاسي، پاڻ ڇري نٿو، پر عجيب وهم ۾ مبتلا آهي. ڄاڻندي بہ اڄاڻ بڻجي ويو آهي: مشڪ هرڻ جي اندر موجود آهي، مگر هو ان خوشبو کي رڻ پٽن ۾ ڳوليندو ٿو رهي. اهڙي ريت حيران ۽ پريشان آهي.
(پر) جن توکي يقين سان ڄاتو ۽ سڃاتو تہ اهو سڀ جاءِ تي وسندڙ رام پنهنجي اندر آهي. اهوئي صادق صوفي آهي.
ٽن لوڪن [1] جي اندر تون وسندو رهين ٿو، پوءِ ڇا جي لاءِ اداس ٿو گذارين! ڪو ڄاڻڻ وارو هن حقيقت کي ڄاڻي سگهي. جڏهن منهنجي محبت ان مرشد سان لڳي، وهم ۽ سنسي جي پٽ مون ڪان پڃي پئي. (تڏهن) مان روحاني دنيا ۾ گم ٿي ويس.)

هن شبد يا پڇن جي اندر، فقير صاحب، پاڻ سڃاڻڻ جي تلقين ڪئي آهي، جنهن نظريي بابت مٿي بحث ڪيو ويو آهي تہ اهوئي صوفيءَ جي زندگيءَ جو وڏو مقصد آهي. ڪوي ڪبير فرمائي ٿو:

ڪاهي ڪو پرمت بانوري اوهہ تو تيري پاس هي،
وه وياپڪ تيري مانهين، پهولون مين جئسي باس هي،
باهر ڪو دوڙي هاٿ نہ آوي، مرگهہ ترشنا کهيل،
الک امورت، امر ابناسي، تو مانهين پرڪاش هي.

(اي بيوقوف تون ڇالاءِ وهم ۾ وڪوڙيل آهين، اهو تہ تو وٽ آهي! اهو هر شيءِ تي بسيط، تنهنجي اندر اهڙيءَ ريت آهي، جيئن گلن جي اندر خوشبوءِ ٿئي ٿي. تون ٻاهر ڊڪندو رهين ٿو، پر هو توکي

[1] هندو عقيدي موجب ٽي لوڪ شمار ڪيا ويندا آهن: 1- سرگ لوڪ (بهشت) پاتال لوڪ (دوزخ)، ماترپون (زمين). ڪي پنڊت هنن جي تقسيم هيئنءَ ريت ڪن ٿا: پور لوڪ (زمين)، سرگ لوڪ (بهشت) پوور لوڪ (خلا) صوفين جو عقيدو وري هيئنءَ ريت آهي: ماتر لوڪ، پرٿوي لوڪ پرلوڪ.

هٿ نہ ايندو، هيءَ تہ مرگهہ ترشنا جو کيل (رڃ ۾ هرڻ جو ڊوڙڻ) آهي، اهو الک، جنهن کي ڪابہ صورت نہ آهي، هميشہ جيئڻ وارو، ۽ فنا نہ ٿيڻ وارو، تنهنجي اندرئي جلوه گر آهي.)

شيخ فريد الدين عطار فرمائي ٿو:

چشم بکشا کہ جلوهٔ ديدار تجلي است از در و ديوار،
کلّ شيءِ مُحيط مي دانم چونک مي بينمش نقش و نگار،
ثم وجہ الله ايدت بنظر وَهُوَ مَعَکُمُ نمايدت ديدار،
اين تماشا چہ بنگري گوئي لَيْسَ في الدّار غيره بشمار.

(اک کول، جو دوست جو جلوو هر در ۽ ديوار مان نظر اچي رهيو آهي. هو هر کنهن شيءِ جي مٿان محيط (وياپڪ) چاڻ. سڀ ان جوئي نقش و نگار ڏسون ٿا. سڀ کنهن طرف توکي الله نظر ايندو، اهو توسان گڏ آهي، ۽ ائين توکي ديدار (درسن، ڏيکاريندو رهي ٿو. اهو تماشو ڇا جي لاءِ ٿو ڏسين؟ چوءُ تہ تنهنجي اندر انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ آهي!)

بهرحال، هن ساڳيءَ حقيقت کي ٻئي شبد يا پڇن ۾ هيئن ٿو فرمائي:

(2)

کاهي ڦِرو بنواس؟

1-	شبد کي کر سِمرنا،	وچن کا کر پاس،
	پَيو ساگر پار ترن کو،	جپ ساسون ساس.
2-	کي ڦرن مکي کي مانهين،	کن کون گنگا کي پياس،
	شِنگهہ بوکا جي ڦرے،	ڦر مول نہ کاوے گهاس.
3-	تيرا صاحب تجهہ هي مانهين،	تم تجو اور آس،
	سر دئي صاحب ملي،	اچرج، اچنبا هاس.
4-	گُر تہ "روحل" هم کون مليا،	کاٽي جم کي ڦاس،
	دن رين مجهکو ييهي هي،	تيري چرنون کي پياس.

(ڇاجي لاءِ ويرانين ۾ ڦرندو رهين ٿو؟ رات ڏينهن خدا جو ذکر کر ۽ اهو ٻول جو کري آيو آهين، ان جو خيال کر، هن دنيا جي وڏي سمنڊ

ڪي پار ڪرڻ لاءِ. هر دم سان ذڪر الاهي ڳنڍيو رهي. ڪي مڪي شريف ۾ ڦرندا رهن ٿا. تہ ڪن کي گنگا جي تيرٿ جي سڪَ آهي، شينهن توڙي ٻڪيو ڇو نہ هجي، پر هو ڪڏهن بہ گاھہ نہ ڪائيندو. تنهنجو مالڪ تنهنجي اندر آهي ۽ تون ٻي اميد ڇڏي ڏي، سر ڏي تہ توکي مالڪ ملي، هنَ تي عجب ۽ حيرت ڇو ٿو ڪرين. ”روحل“ اسان کي مرشد مليو آهي ۽ اسان موت جي بند کان آزاد ٿي چڪا آهيون، رات ڏينهن مون کي تنهنجي قدمن ۾ رهڻ جي آس آهي.)

مرشد جي آمد جو ذڪر، ڪيڏيءَ نہ خوشيءَ سان ٿو ڪري، جنهن جي هر هڪ لفظ مان صداقت ۽ عقيدت جو اظهار ٿو ٿئي:

(3)

آڄ موري سنت پڌاريا، سنت پڌاريا، هري جن پيارا!
ٻل ٻل جائون ٻلهارا!

1- آج ميري انگنان مين پئي واڌائي، ورتيا منگل چارا.
2- ياؤ ڀڳت کي ڪرون رسوئي، آنند ڪرون آهارا.
3- سيل سنتوک کي سيج بڇائون، پائون موک دوارا.
4- ڪهتا ”روحل“ سنت هي آيا، پائون درسن ديدارا.

(اڄ مون وٽ مرشد آيو آهي، مرشد آيو آهي، جو خدا جو پيارو آهي، جنهن تان مان هر هر صدقي ٿيان! اڄ منهنجي اڱڻ ۾ خوشي آئي ۽ خوشي منائجي رهي آهي. سندس طعام سندس وعظ ۽ نصيحت ٻڌايان ۽ خوشي سندس چادر ڻاهيان. صبر ۽ شڪر جي سيج وڇايان ۽ ان جي رستي ڇوٽڪارو حاصل ڪريان. ”روحل“ چوي ٿو تہ مرشد آيو آهي، شال سندس درسن ۽ ديدار حاصل ڪريان.)

ڀڳت ڪبير جي عظمت جو فقير صاحب هيئن ٿو اعتراف ڪري:

(4)

مون مين سڪل شڪل سون نيارا
مين داس ڪبير ڪهايا.

1- هماري ديس نهين ماتر پومي نهين آڪاشا،
نهين هي ڏنڌڪارا،

2- هماري ديس نهين هي چندر نهين هي سورج،
نهين هي نؤ لک تارا.
3- هماري ديس نهين هي برهما نهين وشنو،
نهين شو شکتي سارا.
4- کهت "روحل" هر روحل بهي ناهين،
کبير روپ همارا.

(مان سيکجهہ آهيان، جنهن کي ڪابہ شکل نہ آهي، مان ڪبير جو پاڻ کي پانهو چوايان ٿو. منهنجي ديس ۾ نہ زمين آهي نہ آسمان، نہ وري اونداهي آهي، منهنجي ديس ۾ نہ چنڊ آهي نہ سج، نہ وري اڻ ڳڻيا تارا ئي آهن، منهنجي ديس ۾ نہ برهما آهي نہ وشنو، نہ وري طاقت وارو شو آهي. "روحل" چوي ٿو مان بہ نہ آهيان، اسان جي صورت ڪبير جي صورت آهي.)

روحل فقير جي هڪ مريد، ٽانورداس شڪارپوريءَ، پنهنجي بياض ۾ لکيو آهي، تہ هڪ ڀيري، سندس فرزند شاهو فقير، ڪيس سوال ڪيو تہ

گوري پوري ڪو ڪم جانيان ڪُہُتَ پُري پڇان
"شاهو" اب عرض ڪري ديئو سرب گيان
گيان بنا گر ڪم پڙي، جب ستگر ڪهہ سمجهاءِ
"شاهو" پر ديا ڪرو، ديئو ترت دِکاءِ.

(مرشد جي شهر (موقف) کي گهڻ ٿو ڄاڻان، ان جي سڃاڻپ ڪتان ڪريان! "شاهو" عرض ڪري ٿو تہ ڪيس سچو ئي علم عطا ڪريو. انهيءَ علم (سمجهہ) بنا خبر ڪانہ ٿي پوي، جيڪو مرشد ئي ٻڌائي ۽ سمجهائي ٿو. شاهو تي رحم ڪريو ۽ اهو موقف اُن کي جلدي ڏيکاريو.)

روحل فقير سندس جواب مختصر مگر جامع ٿو ڏئي:

ستگر پُري پُرس هي سدا بيپرواهہ
"روحل" اُو راجا پَئي، راجن ڪي پتشاهہ
اننگ اڪثر نہ ملي نين نين پرپور
"روحل" وچن ٻولي، ڪو چڱي هنسا سور

نـر ڪـامي، نــر ڪــروڌي، نــر لويــي، نــر موهــ
"روحل" آشنا. ترشنا وانڪي نهين دغاباز نهين دروهـ.

(مرشد جي شهر (موقف) وارو مرد، سدا بي پرواهـ آهي. "روحل" اهو راجا آهي، راجائن جو بہ راجا آهي. ڪامديو جي اڪر سان هن جو واسطو نہ آهي، سندس اکيون سچيءَ محبت سان پرپور آهن، "روحل" ڳالهہ جو اهو موتي ڏئي، جنهن کي ڪو هنس ئي چڳي سگهي ٿو. اتي نہ ڪاوڙ آهي نہ شهوت، نہ لوپ نہ موهہ، نہ وري ڪا آس جي رج آهي ۽ نہ دغا نہ ڊوهہ آهي.)

روحل جي "ستگر پوري" بہ اُها آهي، جا مخدوم عبدالرحيم گروهڙي جي "لقاپور" آهي. قلب جي صفائي، اخلاق جي عظمت ۽ محبت جي فراواني، صوفين جا بين الاقوامي اصول آهن.

فقير صاحب جي هڪ شبد ڏيڻ ڪان پوءِ، مان سندسَ هندي شاعريءَ جو ذڪر ختم ڪندس[1]، جنهن جي هر نڪتي مان سندس روحاني ڪمال جو اظهار ٿئي ٿو:

اگر پنٿ کي مهما باري ڪبهي نہ اُتري پريم خماري

1- گيـان نهيـن ڌيـان جـوگ نهيـن سـاڌن
سمجهــن ڪــي مــت چيتــن هــاري
ساکي نـہ شبد، اونـگ نهيـن سـوهنگ
بيــد ڪتيــب ســڪل ســون نيــاري

2- هنـدو نــہ تــرڪ، جوڳــي نــہ سنياســي
رهـــت آڏول نهيـــن بيـــڪ ڌاري
سورا سوئي، جوئـي سنمـُـڪ جهولـي
پيـــت گنـــوا ڪـــي گيـــرو ڌاري

3- انمــول پــرش مليــو گهــٽ مــانهين
جــانکي پريــت لاڳــي اُت پيــاري

[1] سنڌي ادبي بورڊ جي ڪوشش سان ڪنڊڙيءَ وارن جي هندي ڪلام کي جدا شايع ڪيو ويندو.

انتـــر جـــامي انتـــر كوليـــا

مـن كـي ممتـا سـهج سـون مـاري

4- دنيا ايهـ كـچ ناهين، نـاهي كـچ پايا

ســتگور صــاحب تــون ٻلهــاري

"روحـــل" ريـــن ڳئـــي دن آيـــو

ارس پـرس سـنگ مليـو مـراري[1]

(جتي عقل گم ٿيو وڃي ٿو، ان طريقي جي عظمت جي ڪهاڻي گهٽي مٿي آهي، ڪڏهن بہ محبت جو خمار لهي نٿو سگهي.

الاهي علم نہ ڏيان سان ملي ٿو نہ جوڳي ٽيڻ سان ملي ٿو، هن نصيحت ڪي ڪي سمجهہ وارا سمجهن ٿا. ان جو شاهد" نہ آواز آهي نہ ننڊ نہ جاڳ، ويد ۽ ڪتاب ڪان روحاني دنيا نياري آهي. نہ هندو نہ مسلمان، نہ جوڳي نہ سنياسيءَ تي مدار آهي، محڪم رهت لباس ۽ صورت تي نہ آهي. بهادر اهو آهي، جو انهن سيني جي سامهون ميدان ماري، سڀ ڀيد وڃائي، گيڙو جي لباس ۾ ڍڪجي وڃي. مون ڪي پنهنجي اندر اهو مليو، جنهن جي قيمت ڪٿي نٿي سگهجي. ان جي محبت سڀ ڪان بيحد پياري ٻڻجي وئي آهي. منهنجي اندر رهڻ واري منهنجي اندر ڪي ڪوليو، دل جي دوئي، پنهنجي ذوق سان ماري ڇڏيائين. دنيا ڪابہ شيءِ نہ آهي، نہ وري ان مان ڪجهہ هٿ آيو، مان مرشد تان صدقي وڃان! "روحل" رات وئي، ڏينهن آيو، ان وصال واري مرد جي ذريعي، دوئي ڪي مارڻ واري جي سنگت حاصل ٿي.

روحل جي هندي ڪلام ۾ جو رس ۽ ڪمال آهي، ان ڪي ڏسي تعجب ٿو ٿئي تہ سنڌ جي اندر ڪهڙا نہ صاحب ذوق ۽ صاحب دل عالم ٿي گذريا آهن.

روحل سائينءَ جو سرائڪي ڪلام بہ بيحد سنجيده ۽ متين آهي. روحل جي ڪلام ۾ جو سوز و گداز، رس ۽ ڪمال آهي، ان ڪي ڏسي

[1] هندن جي اوتار سري ڪرشن لاءِ چيو ويندو آهي تہ هن مُر نالي هڪ ديوتا ڪي ماريو هو. جو سندس محبت جو رقيب هو. ان ڪري مٿس مراري لقب پيو.

تعجب ٿو ٿئي تہ سنڌ جي اندر ڪهڙا ڪهڙا نہ صاحبِ ذوق ۽ صاحب دل رهنما ٿي گذريا آهن، ۽ اڄ:

"ويا اُو وينجهار، هيرو لعل ونڌين جي."

مون مٿي روحل صوفيءَ جي اولاد جو ذڪر ڪيو آهي، سندس هڪ ارادتمند پائي جيوڻ لعل، شڪارپوريءَ، سندس گاديسرن جو ذڪر نهايت شرڌا سان ڪيو آهي، جنهن ۾ ان خاندان جي سيني شاعرن جو ذڪر اچي ٿو:

روحل رام اوتار، ڪنبڙي آهي پريم منڊلي،
1- **شاهو** سائين پيد بتايو، **غلام علي** گُلعذار.
دُرس **درياءِ خان** دولهہ آهي **نظر علي** نروار
2- **روحل پيو** رمزن وارو **محمد حسن** موچار.
غلام علي بينو بهڳڻ بالڪ صورتوند سردار.
3- سائين **فيض علي** فيضن وارو جو آهي صاحبِ دستار.
خاص خليفو سائين سياڳو، جنهن کي ڏات ڏني ڏاتار.
4- جهڙي ڪاشي تهڙي ڪنبڙي، وٽ نہ پانيان وار.
"جيوڻ" آکي آهيان بندو، ستگر تو آڌار.

(2)

مراد فقير

كلام جي عظمت کان، مراد فقير جو شمار، سنڌ جي مشهور شاعرن ۾ ٿئي ٿو. مراد فقير، روحل فقير جي قريبي صحبتين مان آهي. هن قريبي رشتي جي خبر اسان کي هن مان پوي ٿي، ته مراد فقير، روحل فقير سان سفر ۽ حضر ۾ گڏ ٿي رهيو. ڪيس خلافت جو منصب حاصل هجي، ته ڪهڙو شڪ آهي.

مراد فقير جي والد جو اسم گرامي، منهنجي محترم دوست پروفيسر عطا محمد حاميءَ، شامو فقير ورتو آهي، جو غلط آهي. جيئن اسان مٿي ڏيکاريو آهي، روحل فقير جي والد ج

و نالو شاهو فقير هو. ڪنڊڙيءَ جي ڪيترن فقيرن کان معلوم ڪيو اٿم، جن ٻڌايو آهي ته فقير مراد جي والد جو نالو محمد حيات هو، جو روحل فقير جي سؤٽن مان هو. فقير صاحب به زنگيجو بلوچ هو. مراد فقير ۽ روحل فقير جي عمرين ۾ قريباً ڏهن سالن کن جو تفاوت هو. جيڪڏهن زباني روايت تي اعتبار ڪجي، ته مراد فقير سن 1742ع يا 1743ع ۾ تولد ٿيو هو.

ننڍي هوندي فقير صاحب جي تعليم چڱيءَ ريت ٿي. هو هندي، فارسي، سرائڪي ۽ سنڌي زبانن جو پوريءَ ريت ڄاڻو هو. سندس جوانيءَ جو عرصو ڪيئن گذريو ۽ ڪهڙي شغل ۾ گذريو، انهن بابت ڪا به معلومات نٿي ملي. فقط هيتري خبر ملي ٿي، ته فقير صاحب، ننڍي ئي هوندي روحل فقير جي صحبت ۾ وڃي پهتو. اُن وقت جڏهن هو پدمات جي پٽ تي وڃي گوشي نشين ٿيو هو، تڏهن مراد فقير به ساڻس گڏ هو. جيئن فرمائي ٿو:

وَر پسي پدمات جي، ٻن هٽي هالار،
جي هوون هيڪاندا يار، ته ڏکيا ڏينهن نه ساريان.

ان کان پوءِ هو فقير صاحب سان، سندس سير ۽ سفر ۾ شريڪ رهيو. مون کي هن روايت جي مڃڻ ۾ به تامل آهي، ته هو روحل فقير جو پير ڀائي هو. جيتريقدر زباني روايتن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويئي، انهن مان معلوم ٿو ٿئي

تہ هو روحل فقير جي صحبت ۾ اچڻ کان پوءِ ڪانئس هڪ دم بہ ڌار نہ ٿيو آهي. جيڪڏهن سندس ارادتمندي ڪنهن ٻئي صاحب سان هجي ها تہ هو ڪڏهن بہ روحل فقير جي صحبت کي پنهنجي لاءِ اڪسير نہ سمجهي ها. هن کي روحاني مقام، جو حاصل ٿيو، سو سچو ئي روحل فقير جي فيض جو اثر هو. هيڏيءَ ڪليل وضاحت کان پوءِ، هن ۾ شڪ ۽ گمان آڻڻ جو ڪو سبب ئي پيدا نٿو ٿئي.

ڪلهوڙن جي زوال پذير، پر آشوب زماني ۾، روحل فقير وانگر مراد فقير بہ ٽالپرن جو طرفدار هو. ان زماني ۾ جڏهن عبدالنبي، افغانستان جي نامور حاڪم تيمور شاهہ کان مدد طلب ڪئي هئي ۽ مدد خان سنڌ ۾ اچي هاجا پئي هنيا، تڏهن ان کان مراد فقير متاثر ٿي چيو هو:

ماري "مدد" کو دور ڪرو، چوڙ وجي يهودي يزيد ميان.

يهودي ۽ يزيد جا لفظ، فقير صاحب، انتهائي نفرت سان مدد خان لاءِ لکيا آهن. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي، تہ هن خونريز انسان جا مظالم بہ حد کان وڌيل هئا. ميان عبدالنبيءَ جي اخراج کان پوءِ، جڏهن ٽالپرن حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ ورتيون، تڏهن مراد فقير ڪين هيئن دعا ڪئي تہ:

ٽاريون ٽالپرن جون پرور پوڪايون،
دائم تنين دعا جو اسين پاڻي ٽا پايون،
سي سدائين سايون، جن جي مدد "محمد مراد" چئي.

ڪلهوڙن جي پر آشوب دؤر گذرڻ کان پوءِ، جڏهن ملڪ ۾ سڪون اچي ويو، تڏهن پنهنجي رهنما سان گڏجي هو ڪوٽ ڏيجيءَ جي پرسان ڪوٽلي ۾ اچي رهيو. جتي هن روحل فقير کي پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏنو، جنهن مان خدا بخش ۽ فقير دريا خان تولد ٿيا.

ان وقت ڏاري ڪوٽلي جي لڳ هڪ سيد شڪر شاهہ نالي رهندو هو. هنن خدا وارن فقيرن ڏانهن عام ماڻهن جي رجوع کي ڏسي، هو فقيرن جي رنجائڻ جي پويان اچي پيو. مگر فقيرن طرفان صبر ۽ شڪر کان سواءِ ٻيو ڪوبہ جواب نہ هو. ڪيس ٻيو تہ ڪوبہ وجهہ نہ ملي سگهيو، آخر هن فقير صاحبن جي زمين تي قبضو ڪرڻ گهريو. روحل فقير تہ هن معاملي ۾ خاموش رهيو، پر مراد فقير کي هيءَ ڳالهہ نہ وڻي. هن چاهيو تہ شڪر شاهہ کي ان جو

بدلو ڏئي. روحل فقير کي ان جي ڪٽڪ پئجي ويئي، جنهن مراد فقير کي پاڻ وٽ گهرائي، جوابي قدم کڻڻ کان روڪيو ۽ کيس هدايت ڪيائين تہ ”فاني شين جي لاءِ وڙهڻ ڇا جو؟ مرد اهو آهي، جنهن پنهنجي نفس سان وڙهي، ان کي زير ڪيو.“ فقير صاحب جي هدايت جي مراد فقير پوري پوري تعميل ڪئي، پر ان واقعي جو ايڏو گهرو اثر متس پيو، جو هن واقعي کان ٿورا ڏينهن پوءِ بيمار ٿي پيو؛ ان بيماريءَ ۾ وصال ڪري ويو. هي واقعو سن 1796ع ڌاري ٿيو. کيس ڪوٽلي ۾ دفن ڪيو ويو. فقير صاحب جي وفات کان پوءِ، روحل فقير بہ ڪوٽلي کي ڇڏي، وچي ڪنڊڙيءَ ۾ رهيو.

فقير صاحب پنهنجي دور جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. هن نہ فقط سنڌيءَ ۾ شعر چيو آهي، پر فارسي، هندي ۽ سرائڪيءَ ۾ بہ سندس ڪلام موجود آهي. فارسيءَ ۾ سندس هڪ ننڍڙو ديوان آهي. هنديءَ ۾ سندس تصنيف جو نالو ”پريم گيان“ آهي.

سنڌي شعر ۾ هو پنهنجي پيشرو شاعرن، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ سيد عنايت شاهہ رضويءَ جي نقش قدم جو تابع نظر اچي ٿو. سندس ڪلام جو گهڻو حصو سنڌ جي قديم قصن ۽ ڪهاڻين تي ٻڌل ٿو نظر اچي. سندس سنڌي ڪلام جو ذخيرو ڪو ايڏو وڏو نہ آهي، مگر روحل فقير جي ڀيٽ ۾ ڪي قدر زياده نظر اچي ٿو. سندس ڪلام ۾ پختگي ۽ رواني آهي. سندس عشقيہ شاعري آتاهہ درد سان ڀريل آهي. پتنگن جي پر جو ذڪر ڪندي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سر يمن ڪلياڻ ۾، فرمايو آهي:

پيچ پتنگن کي، سنديون ڪامڻ خبرون،
آٽيو وجهن آگ ۾، جيءُ پنهنجو جي،
جيري جني جي، لڳا نيزا نيهن جا.

مراد فقير فرمائي ٿو:

سا مَنَ سِڪ ”مراد“ چئي، جا پَرِ پتنگن،
اچن اَجل سامهان، سِر جو سانگ نہ ڪن،
جن کي موت مشاهدو. سي رَتي ڪين رهن،
ساعت سين نہ سهن، پاڻ برابر پِرَ جي.

صوفين شمع ۽ پتنگ جي، حالت کي حيرت جو مقام سڏيو آهي، جتي حق جي طالب کي پنهنجي هستيءَ جي ڪابہ ٻوجهہ نٿي پوي. فريدالدين عطار پرواني ۽ شمع جو بيان هيئن ٿو ڪري:

يک شبي پروانگان جمع آمدند
در مضيفي طلبِ شمع آمدند
جملگي گفتند مي بايد يکي
کو خبر آرد ز مطلوب اندکي
شد يکي پروانہ تا قصري ز دور
در فضائ قصر يافت از شمع نور
باز گشت و دفتر خود باز کرد
وصف اُو بر قدر فهم آغاز کرد
ناقدي کو داشت در مجمع مهي
گفت اُو را نيست از شمع آگهي

(هڪ رات پروانا اچي گڏ ٿيا، ۽ مجلس ۾ شمع جا ڳولائو ٿيا. سيني چيو تہ اسان مان هڪ کي وڃي، مطلوب جي خبر آڻڻ کپي. انهن مان هڪڙي، محلات ۾ پري کان شمع جي روشنيءَ کي ڏٺو. هو موٽي ويو ۽ پنهنجي سمجهہ موجب ان حقيقت کي بيان ڪيائين. انهن ۾ هڪ نڪتچين بہ هو، جو سندن سردار بہ هو. هن چيو تہ هن کي شمع جي ڪهڙي خبر!)

شد يکي ديگر گذشت از نور در
خويش را بر شمع زد از دور در
دست درکش کرد با آتش بهم
خويش را گم کرد با اُو خوش بهم
چون گرفت آتش ز سرتا پائ اُو
سرخ شد آتشي اعضائي اُو
ناقد ايشان چو ديد اُو را ز دور
شمع با خود کرده همرنگش ز نور
گفت اين پروانہ درکار است بس
کس نہ داند اُو خبردار ست بس

(اُنهن مان هڪ پيو اُن روشنيءَ جي در ڪان گذريو ۽ در ڪان اندر ويندي ئي پاڻ کي شمع تي ڦٽو ڪيائين. هو باهه ۾ وڪوڙجي ويو ۽ پاڻ کي وڏيءَ خوشيءَ سان ان ۾ گم ڪري ڇڏيائين. جڏهن باهه ان کي ورتو، تڏهن سندس عضوا باهه ۾ پچي ڳاڙها ٿي ويا. نڪتچين ان کي پري کان ڏسي چيو تہ "شمع پنهنجي نُور سان هن کي همرنگ ڪري ڇڏيو." چيائين تہ اهڙي پتنگي جي گهرج آهي، جنهن جي لاءِ هي معلوم ٿي نہ سگهي تہ هو با خبر آهي.)

آنڪہ شد هر بيخبر هر بي اثر — از ميانِ جملہ دا رد اُو خبر
تانگردي بيخبر از جسم و جان — کي خبر يا بي ز جانان يک زمان

(اُهو، جو بيخبر ۽ بي اثر بڻيو، ۽ سيني ۾ اهو ئي خبردار آهي. جيستائين پنهنجي جسم ۽ جان کان بيخبر نہ ٿيو آهين، تيستائين توکي دوست جي خبر ئي ملڻ محال آهي.)

ڀٽائي هن حقيقت جو اظهار هيئن ٿو فرمائي:

پتنگن پهہ ڪيو، مڙِ ئا متي مچَ،
پَسي لَهس نہ لِچئا، سڙيا متي سَچَ،
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڃائِيا.

مراد فقير، ان نظاري جو ذڪر هيئن ٿو ڪري:

جي پارين تان پار، اندر باهہ برهہ جي،
متي مچ "مراد" چئي، ڪئي پتنگن پچار"
تہ جيئري جانب نہ مڙي، توڻي حيلا ڪرين هزار"
دوساڻي دربار، تا مُئا ڪن مشاهدو.

مراد فقير جو بيت، فريدالدين عطار جي ڊگهي نظم جو گويا اختصار آهي، جنهن ۾ هن حقيقت جي راز کي پُر تاثير لفظن ۾ آڻي جمع ڪيو آهي.

هن حقيقت کي بيءَ تشبيهہ سان هيئن ٿو پيش ڪري:

محبت جي ميدان ۾، ڏيڻ سر ثواب،
جو آڏو عجيبن کي، آهي هي حجاب"

مـــَـرُ تـــہ تيـــن، ”مـــراد“ چئـــي، محبوبـــن جـــو بـــاب،
جيئـن سو گـُـل گلاب، تــي پيـش چـِــڪايو پاتشــاھ.

هن مان مطلب آهي تہ جهڙيءَ ريت گلاب جي گلن کي چڪائڻ ڪان پوءِ عطر کي قرب سلطاني حاصل ٿئي ٿو، اهڙيءَ ريت هڪ ارادتمند کي پنهنجي سر ڪان بہ گذرڻو پوي ٿو ۽ پوءِ ئي حقيقي وصال سان مالا مال ٿئي ٿو. حق ۽ صداقت جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيڏيون نہ قربانيون ڏيڻيون پون ٿيون. جيڪڏهن اسان صوفي حضرات جـي تصنيف شيخ فريدالدين عطار جي تصنيف ”تذڪرة الاوليا“ ۽ مولانا جاميءَ جي تصنيف ”نفحات الانس“ کي پڙهي ڏسنداسون، تہ اسان کي خبر پوندي تہ صوفين جي زندگيءَ جو شغل ۽ ماحصل ڇا هو؟ اهڙيءَ ريت مراد فقير جي ڪلام ۾ اسان کي راست رويءَ جو اهو سچو پروگرام حاصل ٿئي ٿو، جو صوفين جي لاءِ طرۂ امتياز آهي. وحدت الوجود جو سادو مثال هيٺن ٿو ڏئي:

تــون آهيــن تئـن پريـــنءَ ســان، جئـن پــاڻي ۾ مــاڪ،
ڦوڙائــو فــراق، توتــي ڪونهــي مــُــور ”مــراد“ چئــي.

فارسي شاعرن، محمود شبستري، مغربـي يـا بيـدل دهلـويءَ وانـگر، پرشڪوه لفظن جو انبار نظر نٿو اچي، مگر سادي تشبيهہ آهي، جنهن کي ٿوريءَ سمجهہ وارو ماڻهو بہ پوريءَ ريت سمجهي سگهي ٿو. جيڪڏهن فصاحت مضمون جي باريڪيءَ کي آسانيءَ سان بيان ڪرڻ آهي، تہ مراد فقير جي ڪلام جي فصاحت جو اسان کي قائل ٿيڻو پوي ٿو. همہ اوست جي خيال کي بہ ان ئي سادگيءَ سان ادا ڪري ٿو:

تـــن پريـــن، مـــن پريـــن، چـــت پريـــن، دل يـــار،
انـــدر بـــاهر ســـپرين، وٽ نـــہ آهـــي وار،
اڪيـن منجهہ ”مـراد“ چـوي، بيـو ڪونہ قريبـن ڏار،
جـاڏي ڪريـان نهـاري، تـاڏي سـڄڻ پسـان سـامهان.

گويا شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رنگ نظر اچي رهيو آهي:

ڪـــاڏي ڪاهيـــان ڪرهـــو، جـــوڏس ڇٽـــاڻو،
منجهـــي ڪـــاڪ ڪڪـــوري، مـــَنجهي لـــُـداڻو،
راڻـــو ئـــي راڻـــو، ريءَ راڻـــي ناهـــہ ڪـــو.

اهڙيءَ ريت، اسان کي مراد فقير جي ڪلام ۾ سنڌي شاعريءَ جي ضرب المثل سادگي نظر اچي ٿي. ان سادگيءَ جي نقش جي وضاحت هيٺئين بيت مان ظاهر ظهور نظر اچي ٿي:

چاڪي چتُ "مراد" ڪري، گهاٽو من گهماءِ،
ساري سُرت نِرت جا، ڏينهڪ ڏاند وَهاءِ"
تُهه تاري ڪڍ مَن مون، سِرنهه صاف پيڙاءِ"
تهان پوءِ تون لاءِ، لڳيَن تيل لقاءَ جو.

عبادتَ الاهيءَ جي لاءِ، من جي گهاٽي کي رات ڏينهن گهمائڻو آهي. جهڙيءَ ريت چاڪيءَ جي گهاٽي لاءِ ٻن ڏاندن جي ضرورت آهي، اهڙيءَ ريت، هڪ مريد کي رياضت ۽ مجاهدي لاءِ سُرت ۽ نرت جي ضرورت آهي، جن سان دوئي ۽ شرڪ دور ٿي وڃي ٿو. ۽ دوئيءَ ۽ شرڪ جي وڃڻ سان خالص محبت الاهي ئي وڃي بچي ٿي. هڪ سادي ملڪي تشبيهه ڪيڏي نه معنيٰ خيز بڻجي پيئي آهي. سندس آرزوءَ ڀري دعا بہ ايڏي ئي سادي آهي:

هادي هدايت جو، ڪو پيالو مون پيار،
مستي جا محبت جي، سا مون ڏات ڏيار،
وِسرُ ڪير، "مراد" چئي، مَ ڪي مون وسار،
سَا ڪا نظرِ نهار، جنهن سان تنهنجي رنگ رچي رهان.

سندس ڪلام جي اوصاف جو جيڪڏهن تفصيل سان بيان ڪبو، تہ اهو سندس هر بيت جي تشريح تي پوندو. ان ڪري، هن تفصيل کي ڇڏي، مان سندس "سي حرفيءَ" جو ٿورو بيان ڪندس، جا پنهنجي حسنِ بيان ۽ زبان جي شستگيءَ سببان سنڌي زبان جو هڪ شاهڪار آهي. سي حرفيءَ جي ابتدا حمد سان ڪري ٿو. حمد بہ سادگيءَ ڀريل، جنهن ۾ حقيقت جو اظهار آهي:

الف- الله العَالمين، سارهيان سُبحان،
جنهن قادر "ڪُن فَيَڪُون" سان، جوڙين سڀ جهان،
خلافت خلق جي، ڪيائين آدم تي احسان،
تنهن روح وڌو رحمان، من روحِي "مراد" چئي.

هن بيت ۾ انسان جي عظمت جو اقرار آهي، "ڪُن" سان دنيا جي آفرينش ٿيڻ ڪان پوءِ، ابن آدم کي زمين تي خلافت جو اعزاز عطا ٿيو. ان جي

اندر جو روح رکيو ويو، سو "روح ڪل" جو هڪ جزو هو. ان ڪري انسان اشرف المخلوقات جو دعويدار بڻجي پيو. هن شرف جي حاصل ٿيڻ کان پوءِ، فقير مراد "انسان ڪامل" جو نقش اسان جي سامهون هيئن ٿو پيش ڪري:

ت- توبهہ ڪر تَنَ ڪون، ڏينس ترڪ تمام،
پردو ڪڍ پرين ڪون، ننگ ناموس ۽ نام،
"مَن عَرَف نَفسَہُ"، پيو ڪڇج ڪونہ ڪلام،
جو آهي هي اسلام، محمدي "مراد" چئي.

تن آرائيءَ کان دور ٿي، اهو حجاب دور ڪرڻو آهي، جو ننگ ناموس ۽ نام جي پيچ ۽ خم ۾ اٽڪيل آهي. پاڻ کي اهڙيءَ ريت سڃاڻڻ کان پوءِ، خلقڻهار جي سڃاڻپ پيدا ٿي پوي ٿي. هيءَ حقيقت اسلام آهي ۽ هيءَ ئي حقيقت محمدي جو مقام آهي، جنهن بابت صوفين جو پختو عقيدو آهي، تہ هن عالم جي ايجاد جو سبب حضور جي ذات مبارڪ آهي. ڇاڪاڻ تہ ان خلافت جو شرف، جو آدم کي عطا ٿيو هو، ان جي تڪميل حضور جي ذات بابرڪات ۾ ئي ٿي آهي. حضرت خواجہ محمد زمان سلطان الاوليا فرمائي ٿو:

عجب جهڙي آ، حقيقت حبيب جي
نڪي چئبو سو ڏٺي، نڪي مخلوقا
شفق جي ساڄاءِ، جامع ليل نهار کي.

جهڙيءَ ريت، شفق ڏينهن جو نور ۽ رات جي ظلمات جي وچ ۾ آهي، اهڙيءَ ريت حضور ﷺ ڪفر ۽ اسلام جي وچ ۾ ثالث جو مرتبو رکي ٿو. جيڪڏهن جهان جي تخليق جو باعث انسان جي شرف جو اظهار آهي، تہ توحيد جو اقرار انسانيت جو معراج آهي ۽ انڪار تخت الثريٰ. ان حالت ۾، مراد فقير جيڪڏهن "حقيقت محمدي" کي سلامت رهڻ جو سفينو سمجهي ٿو تہ ان ۾ حق بجانب آهي. هن محبت جي ڪيف جي جنهن چس چکي آهي، ان جي بابت فقير صاحب جو ارشاد آهي:

خ- خمر مون عشق جي، جنين چکي چَسُ،
ويا سيئي وسري، روح تنين جي رَسُ،
منايا "مراد" چئي، محمودي مجلس،
عام لنگهيائون لَس، وڃي مَحو ٿيا محبوب ۾.

حقيقت صاف آهي، جنهن جي تشريح جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. اهڙي ريت هيءَ سچي سي حرفي محبت الاهيءَ جو هڪ غيرفاني موقعو آهي، جنهن جي توحيد جو نقش هميشہ اجاگر رهندو.

مون پنهنجيءَ تصنيف ”تذڪري“ ۾، حمل فقير جي ڪلام مان انهن بيتن جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ سسئيءَ ۽ سندس ساهيڙين جي گفتگو ڏني اٿم. مراد فقير، پنهنجي ڪلام ۾ ”سوال - جواب سسئيءَ“ جو جدا عنوان رکيو آهي، جنهن ۾ هڪ وڻندڙ حقيقت موجود آهي.

حمل فرمائي ٿو:

آتڻ چڏي اڄُ، ائٺ اولاٺي نڪرو
موڪلائي مون ڪنان، روئي ڪريو رڄُ
هَي هَي هوت وني ويا، ڪانڌ مئيءَ جو ڪَجُ
هاٺي هت ”حمل“ چئي، ڏار ٽڪڻ ٽيو لڄُ
تنهن منهن چائيَ چَجُ، جا وَرَ ريءَ ويس ڪري گهمي.

ساهيڙيون جواب ڏينس ٿيون:

تڏهن ساهيڙين سڏڪي چيس، ڳوڙها ڳل ڳاڙي
هَي هَي وَڄُ مَ هيڪلي، سسئي تون ساڙي
هاٺي تِڪُ، ”حمل“ چوي، پَهَرُ ڪو پاڙي
تہ سيئي سياڙي، توسان هلون هوت ڏي.

سسئي جواب ٿي ڏي:

چئي صبح تائين سرتيون، ڪهڙي جوش جهلي
سسئيءَ ڪي سات ويو، سورن ساڻ سلي
جا هلڻي آهہ هلي، مون سان هينئر ئي هوت ڏي.

”حمل“ هن سوال ۽ جواب جي سلسلي ۾ سسئيءَ جي بيقراريءَ جو نقش جنهن ريت ويهي ڪڍيو آهي، ان مانُ سندس درد ۽ دل آسائي واضح طور نظر ٿي اچي. مگر مراد فقير جي سوال ۽ جواب جو رنگ ئي ٻيو آهي. ناصح ۽ سسئيءَ جو سوال ۽ جواب آهي. فرمائي ٿو:

تڙ تڙ تَڪ مَ تور، ڪيچ ڪچاڙي ڪي ويين
نڪي هاڙهي هوت ويو، نڪي حب، هنگور

موتــي وچ "مــراد" چئــي، پــوري منجهـــ پنيــور
نــاحق ڏيهـ مَ ڏور، آتــي دل ۾ ديــرو دوســت جــو.

سسئي جواب تي ڏئي:

عاشـــقن ائيـــن، ڪيـــن ســـري ريءَ ســـڃڻين
موتـــڻ جــا "مــراد" تـــون، ڪيئـــن تـــو ڏس ڏئيـــن
پيـــالو پريـــت جـــو، جـــي هٿئـــون هـــوت پئيـــن
تـــان جـــان ڪـــو ڏينهـــن جيئـــن، تـــان ڪوڪـــون
ڪرين قاف ۾.

فقير "مراد" جو مذاق ئي پنهنجو آهي. سندس سخن جو رخ هڪ پيغام جي حيثيت رکي ٿو. هن سوال ۽ جواب ۾ بہ هن حقيقت تان پردي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جا سندس ڪامياب فڪر جو نشان آهي.

سندس سرائڪي ڪلام بہ، سنڌي ڪلام وانگر رَسَ پريو ۽ فيض جو پندار آهي، اهوئي قلبي واردات جو جوش ۽ جذبو آهي. محبت جي سودي جي قيمت، سندس نظر ۾، عاشق جي جان جي قرباني آهي. جنهن جو اظهار هن جابجا ڪيو آهي. فرمائي ٿو:

سر ڏيوڻ تان کهڙا سانگا، صوفي سوپ نـہ ٿيـوي،
وچ ميدان محبت دي، نـت "مُـوتُـوا" مـوت مريـوي،
سر سرواهہ سجن تون صدقي، تـن مـن گهـول گهتيـوي،
يار "مراد" ماٿيسي سو، جو جنديان مـر ڪـر جيـوي.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو تہ:

جي تو طلب ملڻ دي سڄڻان، تان سرڪون نال نـہ چائين،
اول علقئـون ڪريـن جدائـي، پيـر پيڇـي تـون پـائين،
ڇوڙي خيـال خـام خـودي دي، ميـن ڪـون مـار منـائين،
جو جينديان سندي جاءِ نهين، بن مويـان "مـراد" اتـائين.

صوفين جي نفيءَ ۽ اثباب جي گت ڪان علحده، هن ڳالهہ جو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو، تہ محبت بجاءِ خود هڪ عجيب حقيقت آهي. پتنگ شمع تي جلڻ لاءِ جيڪر ڪڏهن بہ تيار نہ ٿئي، مگر ان جي اندر شمع جي آڳ کان زياده روشنيءَ جي لاءِ جلڻ موجود آهي، جنهن جي مقابلي ۾ آڳ ۾ ٽپي پوڻ وڏيڪ

آسان ٻڌجي پوي ٿو. هيءُ هڪ اهڙو جذبو آهي، جنهن جي قدر ۽ قيمت جي خبر ان کي آهي، جو پنهنجي زندگيءَ کان ان جذبي کي زياده اهميت ڏئي ٿو. شاهه ڀٽائيءَ ۽ نوجوان جت جو واقعو ان جذبي جو هڪ مثال آهي. عرب جي حسن ۽ عشق جي داستانن ۾ اهڙا واقعا اسان کي ڪيترائي ملي سگهن ٿا. "اصمعي"، جو خليفي هارون رشيد جي درباري عالمن ۽ شاعرن مان هڪ هو، هڪ اهڙيءَ اکين ڏٺيءَ ڪهاڻيءَ جو ذڪر ٿو ڪري. هو لکي ٿو ته:

"هڪ ڏينهن مان سير لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتس، هڪ پٿر تي لکيل ڏٺم:

آ يا معشرالعشاق بالله خبروا
اذا حل عشق بالفتيٰ کيف يصنع

(اي عاشقن جا گروهه، خدا جي واسطي مون کي ٻڌايو ته جيڪڏهن ڪو ڪنهن تي عاشق ٿي پوي، ته ڪهڙي تدبير ڪري؟)

"اصمعي" چوي ٿو ته مون ان جي جواب ۾ لکيو:

يداري هواه ثمّ يکتم سرّه
ويخشع في کلّ الامور و يخضع

(پنهنجي خواهش ۾ نرمي آڻجي، پوءِ ڳجهه کي لڪائجي، سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ نياز ۽ ادب کي ڪم آڻجي.)

"اصمعي" چوي ٿو ته جڏهن مان ٻئي ڏينهن ويس، تڏهن ڏٺم ته ان شعر جي هيٺان هيو شعر لکيل هو:

فکيف يداري والهوي قاتل الفتيٰ
وفي کلّ يوم قلبه يتقطع

(ڪهڙيءَ ريت هو پاڻ کي ڇپائي، جو ته عشق جوانن کي قتل ڪرڻ وارو آهي، هر روز ان جي دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهي آهي.)

"اصمعي" چوي ٿو ته مون ان جي جواب ۾ لکيو:

اذا لم يجد صبراً لکتمان سرّه
فليس له شيءِ سوي الموت ينفع

(پوءِ جيڪڏهن هن ڳجهه کي ڇپائيندي صابر ٿي نه سگهي، ته موت کان سواءِ ٻي ڪابه شيءِ فائدي واري ٿي نٿي سگهي.)

- "اصمعي" لکي ٿو تہ ٻئي ڏينهن مون وٽي ڏٺو، تہ هڪ جوان مئو پيو هو! مون کي ڏسي بيحد افسوس ٿيو. منهنجي جواب ۾ هيٺان ٻہ شعر اتي لکيل نظر آيا:

"ٻُڌم ۽ مون ان جي تابعداري ڪئي، ۽ مري ويس.... منهنجا سلام اُن شخص کي ڏجو، جنهن مون کي وصال کان محروم رکيو آهي! نعمتن وارن کي نعمتون مبارڪ ٿين، ۽ ويچاري محبت واري کي زهر جو ڍُڪ (صبر)!"

هي تہ مجازي محبت جي حالت آهي، پر حقيقي محبت جي جوش ۽ خروش جو ڪو اندازوئي نٿو لڳائي سگهجي:

خدا رحمت ڪُند اين عاشقانِ پاڪ طنيت را.

محبت الاهي جي جوش کي "مراد" مجازي محبت سان ڀيٽيندي، سڌڙين کي هيٺئن ٿو خطابُ ڪري:

لاف مريندي لڄ نهين آوندي، عاشق نانءَ سڏيندا،
همت هندو دي زن جتلي، تون ڪاهر نهين ڪريندا:
اُو مَرَ پوندي مردي اُتي، تون دل دلبر نهين ڏيندا،
پر يار "مراد" مريسي سوئي، جو جيندي مر ڪر جيندا.

فارسي شاعريءَ جو شهباز، اَمير خسرو پڻ اسان کي ساڳيو مثال ڏئي ٿو:

خسروا، در عشقبازي ڪم ز هندو زن مباش
اُو براءِ مرده سو زد، زنده جانِہ خويش را.

(خسرو، محبت جي راند ۾ هندو زال کان گهٽ نہ پئہ: هوءَ تہ مردي جي لاءِ پاڻ کي جيئري جلائي ٿي!)

سَتِي لَڪڙيءَ جو رواج اگرچ انسانيت سوز ۽ مذموم طريقو آهي، مگر هندو عورت جي مستعديءَ کي وساري نٿو سگهجي. هوءَ تہ هڪ لاش جي مٿان پاڻ کي آگ ۾ اُجلائيندي ٿي رهي، جنهن جو مقصد اَدنا آهي. مگر عشق الاهي، جو هڪ بامقصد فريضو آهي، ان کان پنهنجي اکين کي بوٽڻ ڪڏهن بہ محبت جي راهہ ۾ معاف ٿي نٿو سگهي. ان لاءِ تہ اعليٰ عزم جي ضرورت آهي. "مراد" ان جي تلقين هيٺئن ٿو فرمائي:

اَول فرض نماز جنازه، عاشق ادا ڪريندي،
ڏيندي ترڪ تعلق سڀ ڪون، مر تڪبير مريندي،

چشمي عشق حقيقي دي وچ، سر ڏي وضو سريندي،
سي مشتاق "مراد" پيچي وت، كيهي قرض پريندي.

"مراد" اسان جي سامهون الاهي محبت جي تصوير "منصور" ۽ "سرمد" جي رنگ ۾ پيش ڪري رهيو آهي، جو هڪ ايڏو عظيم نقش آهي، جنهن جي متابعت ۽ تقليد تہ پري رهي، رڳو ڏسندي بہ بدن تي لرزو طاري ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن "مراد" انهيءَ منزل جو آشنا هو، تہ يقيناً هو پنهنجي دور جي ڪاملن ۾ شمار ٿي سگهي ٿو. هو محبت الاهي جو سادو پروگرام هيئن ٿو پيش ڪري:

جي ڪرين رياضت رب دي، تان تون صورت سمجهہ صفاتي
اول مال زڪوات ڏيوين، سر ڪر هٿ "لا" دي ڪاتي
روزا رکين غير ڪنون، تان عين ٿيون اَثباتي
جو حج حضور شريف اَتاهين، دل وچ پائين جهاتي
پڙهين نماز "مراد" مدامي، رهين ذڪر وچ ذاتي،
تان ملڪ الموت ڪنون جند ڇُٽي، حاصل ٿيوي حياتي.

اسلام جي چئن رڪنن کي طريقت اندر کهڙيءَ نہ خوبيءَ سان "مراد" سمايو آهي. نماز، روزي، زڪوات ۽ حج کان سواءِ، هو جهاد اڪبر کان بہ واقف آهي، جو آهي "ذڪر ذاتي." جيڪڏهن اهي شيون محبت الاهي جي طالب کي حاصل ٿي وڃن تہ هو واقعي ابدي حيات جو وارث آهي. اهڙيءَ ريت سندس سرائڪي ڪلام سچوئي سوز ۽ ساز آهي. محبت جي پيچيده راهن کان دور، هو صراط المستقيم جي صاف سطح تي پنهنجي ڪلام سان وٺي وڃي رهيو آهي. هو قرآن حڪيم جي ارشاد عالي، "لِمَ تقُولُون مالا تَفعَلُونَ" (اهو ڇو ٿا چئو، جيڪو نٿا ڪريو) ڪي پوريءَ ريت ڇاڻي ٿو. دنيا جيڪڏهن ابن العربيءَ ۽ امام غزاليءَ جي تصوف جي باريڪين جي مداح آهي، تہ "روحل" ۽ "مراد" بہ انهيءَ ئي راهہ تي گامزن آهن. ليڪن مٿين بزرگن کي سمجهڻ وارا حاصل ٿي نہ سگهيا، پر هنن جي ڪلام جي مٿان بيقدريءَ جو ايترو تہ لَٽُ چڙهي چڪو آهي، جنهن جي لاهڻ لاءِ هڪ مضبوط صَيقل جي ضرورت آهي. ڪاش، اهو صيقل ميسر ٿي سگهي!

مراد فقير جو هندي شاعريءَ ۾ وڏو درجو آهي. هن ان زبان ۾ ٿورا شبد، ۽ "پريم گيان" نالي گرنٿ لکيو آهي، جنهن ۾ عشق الاهي جي ذڪر کي نهايت عمدي پيرايي ۾ ڏنو آهي. "پريم گيان" متعلق دلپت صوفيءَ[1] جي راءِ آهي تہ:

"پريم گيان، ساکيات هيرن جي کاڻ آهي. منجهس هن پريم جي مهما اهڙي تہ ڪئي آهي، جنهن جي ساراهہ ٿي نٿي سگهي. هو بهو سکمنيءَ صاحب[2] جي سِڪ پيئي لهي."

هيءَ هڪ ان درويش صوفيءَ جي راءِ آهي، جو سنڌي زبان جو قادر الڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. هن حقيقت کان بہ انڪار ڪري نٿو سگهجي، تہ "پريم گيان" تصوف جو هڪ بهترين رسالو آهي، جنهن ۾ پريم جي جوت کي شروع ۾ ستگر جي نگاهہ سان جاڳايو ويو آهي. فرمائي ٿو:

گرو ڪرپا تي اُپجي گيان،
تانتي پائيئي پد نربان.
گُرو ڪرپا تي ڪال نہ کاءِ،
جنم، مرن ڪا سنسا جاءِ.

(گروءَ جي مهربانيءَ سان سمجهہ حاصل ٿئي ٿي، ان کان پوءِ ئي نجات جو درجو حاصل ٿئي ٿو. جيڪڏهن گرو جي ڪرپا حاصل ٿئي تہ موت ڇاجو؟ ڄمڻ ۽ مرڻ جو خيال ئي هليو وڃي.)

ڄڻ ڪبير[3] جو ارشاد ٿي رهيو آهي.

برهہ جلنتي ديک ڪر، سائين ڪرپا ڪر آئي،
پريم بوند سي ڇڙڪ ڪر، جلتي لِئي بجهائي.

(محبت جي آگ کي جلندو ڏسي، ستگر مهرباني ڪري آيو:
محبت جي قطرن کي ڇڙڪي، ٻرندڙ آگ کي وسائي ڇڏيائين.)

مراد، محبت جي وصف هيئن ٿو ڏئي:

پريم بنا جڳ ميت نہ ڪوئي، پريم بنا من پاو نہ هوئي.
پريم بنا آگياني انڌا، پريم بنا سڀ جونا ڌندا.
پريم پرڪاش "مراد" جو هوءِ، سُک اُپجي دک رهي نہ ڪوءِ.

---

[1] صوفي دلپترام، حيدرآباد جو مشهور سنت ٿي گذريو آهي. هو بہ ميرن جي آخري دور ۾ ٿي رهيو.
[2] گرو نانڪ جي هڪ گرنٿ جو نالو "سکمني" آهي.
[3] ڪبير، افغانن - لوڌين جي حڪومت جي دور ۾ بنارس ۾ ٿي رهيو. هندي زبان جو وڏو شاعر شمار ٿئي ٿو.

(محبت بنا جڳ ۾ ڪوبہ عزيز ٿي نٿو سگهي" محبت کان سواءِ دل جي ورونهن ٿي نٿي سگهي. محبت بنا جاهل انڌو آهي، محبت ڪان سوا بيو ڪار ۽ ڪم ڪوڙ آهي. محبت جو جلوو جيڪڏهن "مراد" تي پوي، تہ سڪ ملي ۽ ڏک جو نالو ئي نہ رهي.)

پريم جي حاصل ٿيڻ ڪان پوءِ مراد جي نظر ۾ طالب جي هيءَ حالت بڻجي پوي ٿي:

سانت چِتُ، پريم آنند سروپ، سڀ گهٽ ديکي اپنا روپ.

(دل کي سڪون ۽ محبت خوشيءَ جي صورت بڻجي پوي ٿي، ۽ پوءِ هر جاءِ تي ڪيس پنهنجي ئي صورت نظر اچي ٿي.)

هيءَ آهي "پريم گيان" جي اختصار پريل وياکياڻ. هنديءَ ۾ سندس ڇيل شبد بہ ميناج ۽ رس جو مثال پاڻ آهن. انهن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

(1)

سنتوپي ڪي آڪَتِ ڪهاڻي،
ڪنهن هڪ ڄاڻڻ هاري ڄاڻي.

1- نير بنا هڪ نجهر جهرت بن مڪ پيوٽا پاڻي،
پيوت آپئيا، پريم سڪ پايا بن رسنا رس ماڻي.

2- ڪر بن ڪرٽي آسن بن ڌرٽي بن پڳ پد نرباڻي،
بن سروڻ ڏُن سمجهيئي سنيئي اگم آگوچر واڻي.

3- امورت مين هڪ مورت پر گهٽي بن نيوٽا درساڻي،
سيس بنا نت تانڪو نويئي شيوا سا پرماڻي.

4- ڪهئيا سنيا ڪو ئي پار نہ پايا اچرج هي حيراني،
ڪهت "مراد" مٽي جب ممتا جوت ۾ جوت سماڻي.

(اي درويشو، دوست جي ڪهاڻي ڪٿي نٿي سگهجي. اهوئي ان کي ڄاڻي سگهي ٿو، جو ان جو واقف آهي.)

پاڻي بنا هڪ نهر آهي، جا وهي رهي آهي، ۽ وات ڪان سواءِ پاڻي پيئڻو آهي. جنهن ان کي پيتو، ان کي محبت جو سڪ حاصل ٿي ويو، بن زبان جي هن اُنَ ميناج کي ورتو.

جتي هٿن ڪان سواءِ ڪم ڪرڻو آهي، نہ نشست آهي، نہ زمين، بنا پيرن جي نجات جو درجو حاصل ڪرڻو آهي، بنا ڪن جي اُن خوشيءَ جي آواز کي ٻڌڻو آهي، جا ناممڪن ۽ اڻڏٺل حقيقت آهي.

جنهن جي ڪابہ صورت نہ آهي، ان مان هڪ صورت ظاهر ٿي، جنهن جو ڪوبہ مڪمل روپ نظر نٿو اچي. پنهنجو سر وڃائي ڪو اتي جهڪي، اهائي خدمت اتي درڪار آهي.

جنهن ٻڌايو ۽ ٻڌو، ان کي ان جو ڪوبہ سُراغ ملي نہ سگهيو. ڪيڏي نہ هيءَ عجب جهڙي حقيقت آهي "مراد"، جڏهن دوئيءَ جو هيءُ انديشو گذري ٿو وڃي، تڏهن روشني، روشنيءَ ۾ سمائجي ٿي وڃي.)

مراد فقير هن نظم يا گيت ۾ تصوف جي هڪ نڪتي کي دقيق فلسفيانہ رنگ ۾ پيش ڪيو آهي دوست جي وصال جي ڪهاڻيءَ کي اهڙي رنگ ۾ پيش ڪيو اٿس، جنهن کي "ايمان باالغيب" جو مشاهدو چئي سگهجي ٿو. پاڻيءَ بنا نهر، وات ڪان سواءِ پاڻي پيئڻ ۽ زبان ڪان سواءِ ميناج حاصل ڪرڻ، هي سڀ ناممڪنات ۾ داخل آهن. اهڙيءَ ناممڪن شيءِ کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪيڏي نہ ڏکيائيءَ جو سامهُون ڪرڻو پوندو. اهوئي سبب هو، جو انهيءَ کي حاصل ڪرڻ ۾ شوق وارن سر جي قرباني ڏني.

(2)

آپ مون درسن پايا ري ساڌو، آپ مون درسن پايا!
هيرو آمول هي، تاسون لهر لڳايا.

1- چنچل چِت نهچل پيو ميرو، لعل اَمر پئي ڪايا.
2- پئي ڪرپا تب بنڌن ٽوٽي، ستگور الک لکايا.
3- آشا ترشنا مٽ ڳئي من ڪي، ملي منگل مايا.
4- ڪهت "مراد" مٽي جب ممتا، سهجي سهج سمايا.

(اي درويش، مان "پاڻ" مان ئي دوست کي ڏٺو آهي.
هيءُ اهو قيمتي هيرو آهي، جنهن سان "مان" محبت لڳائي آهي. منهنجو بي آرام روح وڃي سڪون جي اندر پيو آهي، ۽ هي خوش خوش جسم غيرفاني بڻجي ويو آهي.

جڏهن ان جي مهرباني ٿي، تڏهن هي بندشون (دنيا واريون) ٽٽي پيون. سچي مرشد الک ڏيکاري ڇڏيو.

اُميد جي پياس دل کان متجي ويئي، ۽ خوشيءَ جي دولت حاصل ٿي ويئي. "مراد" چوي ٿو تہ جڏهن هيءَ دوئيءَ جو خيال مٽيو، تڏهن خوشيءَ ۾ خوشي سمائيندي رهي.)

هن کان اڳ واري گيت يا شبد ۾ فراق جي تصوير کي چٽيو اٿس، ۽ هن گيت ۾ وري وصال جي خوشيءَ کي بيان کيو اٿس. مشهور صوفي شاعر، مغربي عليہ الرحمة سچ فرمايو آهي:

گوينـــد ڪ ڪنـــه ذات اُو نتـــوان يـــافت،
مـــا يافتـــه ايـــم، ڪنهـــش مـــائيم.

(چون ٿا تہ ذات جو ڪجهہ معلوم ٿي نٿو سگهي، اسان ان کي لڌو آهي، ۽ اسين ئي ان جو راز آهيون.)

صوفي حضرات وڏيءَ جستجو کان پوءِ ان منزل تي پهچن ٿا، جو انهن جو وصال آهي، ۽ اهائي ڪائنات جي خالق جي ڪامل صفت آهي. حقيقت ۾ هيءَ وحدت الوجود جو آخري درجو آهي، پر "مراد" جي قول موجب، اهوئي هن منزل تي پهچي ٿو، جيڪو دوئيءَ جي فڪر کي مٽائي ٿو. جيڪڏهن هو ائين نہ ڪري سگهيو آهي، تہ پوءِ محمود شبستري، "گلشن راز" جي مصنف، جي راءِ آهي:

ترا گر نيست احوال و مواحيدمشو ڪافر بناداني ز تقليد

(توکي جيڪڏهن اها حالت ۽ هيڪڙائي ميسر ٿي نہ سگهي، تہ ڪنهن جي اجائي تقليد ڪرڻ سان پاڻ کي بيوقوف بڻجي ڪافر نہ بڻاءِ.)

سچ، محبت جي راهہ ڪا آسان شيءِ نہ آهي. ڪنهن جي مجال آهي، جو بنا ڪنهن حقيقت جي، سراپا جلال سان وصال جي دعوا رکي سگهي؟

(3)

ايســـا ســـتگور گيـــان بتايـــا،
ممتـــا پـــاڳي، دوب ترايـــا.

1- ڪـام، ڪـروڌ، اهنڪـار مٽايـا — سـيل سـنتوک گهـر آيـا،
"ميـن" ڪـا جـب مـول گنوايـا — رام نـام رنـگ لايـا.
2- پوســاگر پـار اُتاريـا — گـور پـُوري پڪـڙ چڙهايـا،

نريـو هويـا پــوءِ نهيــن ويـاپي | انحــد نـــاد بجايـــا.
3- ســتگر شــبد گــگن ڏُن لاگــي | ســوين ڏئـــار درســـايا،
حــد بــي حــد نــا رهــي ڪــائي | اُوَ گـــــت الک لکايـــا.
4- رنگ نـه روپ نـه صورت مـورت | بـــن نينـــا ورســـايا،
کهت "مــراد" سُنو پائــي ساڌو | گهٽ مين هـي او گهٽ پايا.

(سچي مرشد مون کي اهڙي سمجهه عطا ڪئي، جو دوئي پڳي ۽ ٻڌندڙ کي تاري ڇڏيائين.

شهوت، ڪاوڙ ۽ وڏائي متجي ويئي، صبر ۽ قرار گهر ۾ آيم. جڏهن هٽڻ جي هستي پڇي پئي، تڏهن ذڪر الاهيءَ پنهنجو رنگ لاتو آهي.

سچي مرشد وڏي سمنڊ کان پار ڪري، هٽ وني، محبت جي شهر ۾ پهچائي ڇڏيو. ڪوبه خوف نـه رهيو، نـه وري ڪو خوف پيدا ٿيندو، هــن وحدت جي ناد کي وڄايو آهي.

سچي مرشد جو اُچار آسماني آواز بڻجي ويو آهي، ۽ ڏهين دروازي (ترڪوٽي) ۾ ان جو نظارو آهي. حد ۽ لاحد متجي ويئي، ۽ هر حال ۾ الک ئي الک تو نظر اچي.

نـه رنگ آهي نـه بوءِ، نـه صورت آهي، نـه مورت، اکين کان سواءِ هن اُها نعمت بخشي. "مراد" چوي ٿو تـه اي درويشو، ٻڌو، مون پنهنجي اندر ۾ ئي ان حقيقت کي پاتو آهي.)

متئين نظم ۾، مراد فقير مرشد جي ضرورت تي پنهنجي خصوصي رنگ ۾ بيان ڪيو آهي. عارف رومي فرمائي ٿو:

قــال را بگــذار مــردِ حــال شــو | پيش مردي ڪاملي پامال شو،
صد ڪتاب و صد ورق در نارڪن | خفتہ دل را يک دمي بيدارڪن.

(ڳالهين ڪرڻ کي ڇڏ ۽ عمل جو مرد بڻجي وڃ. ڪنهن ڪامل مرد جي وڃي خدمت ڪر. سؤ ڪتاب ۽ سؤ ورق جلائي ڇڏ، ننڊ ۾ پيل دل کي هڪڙيءَ گهڙيءَ لاءِ سجاڳ ڪر.)

طريقت جي مرحلي ۾ شيخ طريقت جو رتبو، قطب تاري وانگر آهي، جو رات جو اونداهيءَ ۾ ڀٽڪيل مسافر کي راهه جي طرف رهنمائي ڪري ٿو. هيءَ حقيقت خود پنهنجو اعتراف پاڻ تي ڪري. جيڪڏهن شريعت جي علوم جي

تربيت لاءِ هڪ ڪامل استاد جي ضرورت آهي، ته طريقت جي راهه لاءِ به هڪ اهڙي ڪامل جي ضرورت آهي، جو ان راهه جو پوريءَ ريت واقف هجي. معرفت ۽ حقيقت جي منزلن تي پاڻ تي اعتبار ڪرڻ، مقصد کي گم ڪرڻو آهي.

حافظ فرمائي ٿو:

قطع ايـن مرحلـه بـي همرهـئ خضـر مکـن،
ظلمـات اسـت و بتـرس از خطـر گمراهـي.

(ڪنهن خضر جي همراهيءَ کان سواءِ هن منزل تان نه گذر، ڇو ته ظلمات (بيخبري) جو پنڌ آهي ۽ واٽ کان ڪُواٽ وڃڻ جي خوف کان ڏڃندو رهه.)

شيخ طريقت، سلف صالحين جي نگاهه ۾ "اولي الامر آهي، ۽ "اولي الامر" ڪڏهن به بي راهه رويءَ جي طرف وٺي نه ويندو.

(4)

موري پيا ڪو سنيهو ڇا ڪَهيو،
ڪيون نهين آوت، ڪاهي ڪو بيٺ رهيو.

1- مين تو تمري چيري	ڪاري نه ڪرتا ميري،
بالم بديس جاڪي ڦيري	سڌ ڪيون نه لهيو.
2- وينتي ڪرت تو هي	موهن ملادو موهي،
پل پل جائون تو پي	آڪي مُک دکيو.
3- هس هس گرهه لڳائون	من ڪي مراد پائون،
جب ملي دک پنجن	سندر ڪنئيو.

بهرحال، مٿي مراد فقير جي هندي ڪلام جو انتخاب ڏنو ويو آهي، تنهن مان خبر پوي ٿي ته هو هندي زبان جو قادرالڪلام شاعر هو. هو فارسي زبان جو به وڏو ڄاڻو هو، ۽ مرحوم حاجي امام بخش "خادم" جي بياض ۾ سندس فارسي شعر جو انتخاب موجود آهي، جنهن جو ڪجهه حصو مون "تذڪري" ۾ ڏنو آهي. هت ان مان وڌيڪ چيزون ڏيان ٿو، ته جيئن ان انتخاب جي بدولت اسين سندس فارسي ڪلام جي نوعيت کان چڱيءَ ريت واقف ٿي سگهون.

غزل

ساقيا ده شراب ناب مرا	که بر آرد همه حجاب مرا
گرچه ام الخباث مي خوانند	نيست ازين صواب مرا

بطبيب عشق درد خود گفتم — مي خور گفت در جواب مرا

در رهِ عشق بہ سبک ساري — بار سر کرده اضطراب مرا

گر رود سر "مراد" رفتن ده

نيست پروا چنين حساب مرا.

ترجمو:

1- ساقي، مون کي شراب ڏي، جيئن اهو سيني پردن کي کڻي وڃي.

2- جيتوڻيڪ اُن کي "خرابين جي ماءُ" چيو ويجي ٿو، پر اُن سان منهنجو ڪوبہ واسطو نہ آهي.

3- عشق جي طبيب کي مون پنهنجو درد ٻڌايو، هن جواب ڏنو تہ خوب شراب پيءُ.

4- عشق جي واٽ ۾، باوجود تيزيءَ جي، اسان جي مٿان اُن بارَ پريشاني پيدا ڪري ڇڏي آهي.

5- "مراد"، جيڪڏهن سر وڃي ٿو تہ وڃڻ ڏينس، مون کي ڪنهن بہ ريت اُن جي پرواهہ نہ آهي.

غزل

دلم درياست بي پايان ندارد هيچ ساحلها،

منم غواص گوهر جان ز صد دُردانہ افضلها.

نہ اين دريائي از آب است، نہ آن دُرها صف دارد،

ولي دل مخزن آن گنجي بدست آرند اکملها.

ندارد همسري خورشيد تابان باتجلّي اُو،

کہ در هر مہ بدر آيد نمي بينند اَحوَلُها.

اگر باور نمي داري "وَفِي اَنفُسِ" بيا بنگر،

کہ آن سالار دين فرمود در قرآن محفلها.

توئي خودبين اي نادان ز بعدش ماندهٔ محروم،

وگر نہ در همہ حال آن، بتو ياورو شاملها.

چگويم وصف مظهر اُو برون از حدِ اوصاف ست،

چہ شد گر تو نمي بيني "مُرَادٌ" انْدِيد در دلها.

ترجمو:

1- منهنجي دل اُن اونهي درياءَ وانگر آهي، جنهن کي ڪي بہ ڪنارا نہ آهن. مان روح جي موتيءَ جو ٿوہو آهيان. جو سَوَن قيمتي موتين کان بہ مهانگو آهي.

2- هيءَ درياءَ پاڻيءَ وارو نہ آهي، نہ وري انهن موتين کي سِپُون آهن، بلڪ دل اُن خزاني جي کاڻ آهي، جنهن کي ڪي ڪامل ئي هٿ آڻي سگهن ٿا.

3- انهن جي تجليءَ سان، چمڪندڙ سج بہ مقابلو نٿو ڪري سگهي. هر مهيني چنڊ تہ اچي ٿو، پر ان کي ٺيڏا ڏسي نٿا سگهن.

4- جيڪڏهن توکي مون تي اعتبار نٿو اچي، تہ پنهنجي اندر ۾ ان کي نهار (وَفِي اَنفُسكُم اَفَلاَ تُبصرون)، جو دين جي سردار قرآن شريف جي مجلسن ۾ ائين ٻڌايو آهي.

5- تون خود پسند آهين، ان ڪري ڪانئس پري رهجي ويو آهين، نہ تہ هو هر حال ۾ توسان مددگار ۽ شامل آهي.

6- مان سندس اظهار جي ڪهڙي ساراهہ ڪريان. سندس وصفن جي حد ۽ شمار نہ آهي. "مراد"، جيڪڏهن تون ان کي دل جي اندر نٿو ڏسين تہ ڇا ٿي پيو.

غزل

بدل اگر عاشق شوي، مردانہ شو، مردانہ شو،
شب روز در جولانگي، مردانہ شو، مردانہ شو.
از جاه جم همت طلب، مفتون مشو آب عنب،
تاچند باشي تشنہ لب، مردانہ شو، مردانہ شو.
دنيا عروسي پُر غدر، زين زن بود خوف و خطر،
اي ده طلاقش زود تر، مردانہ شو، مردانہ شو.
پيراهنِ تن را بدر، دروي نشان يوسف نگر،
جان، ديده دل کن بهره ور، مردانہ شو، مردانہ شو.
طوفان عشق انگيختن، کشتي بدر يا مي زدن،
بانوح همزانو شدن، مردانہ شو، مردانہ شو.
از عالمي بيگانہ شو، بايار خود همخانہ شو،
از خود "مراد" افسانہ شو، مردانہ شو، مردانہ شو.

ترجمو:

1- اي دل، جيڪڏهن تون عاشق ٿيڻ گهرين تہ همت ڌار. رات ڏينهن ڍڪ ڏوڙ ۾ آهين، ڪجهہ همت ڌار.

2- جمشيد جي پيالي کان همت وٺ، انگور جي پاڻيءَ (شراب) جو شوقين نہ ٿي. ڪيستائين پياسو رهندين، ڪُجهہ همت ڌار.

3- دنيا فريب ڀريل ڪنوار آهي، انهيءَ عورت مان خطروئي آهي. جيترو جلد ٿي سگهي، ڪيس طلاق ڏي، ڪجهہ همت ڌار.

4- جسم جي ڪپڙي کي ڦاڙي ڇڏ، اُن ۾ يوسف (دوست) جي نشان کي ڏس. روح، اک ۽ دل کي اُن سان ڀرپور ڪر، ڪجهہ همت ڌار.

5- عشق جي طوفان کي اُٿارڻ جو مقصد آهي، ٻيڙيءَ کي درياءَ ۾ ڦٽو ڪرڻ. حضرت نوح سان گڏ ٿي، ڪُجهہ همت ڌار.

6- جهان کان بيگانو ٿي، دوست سان گڏ رهہ. "مراد"! پنهنجو پاڻ افسانو ٿي، ڪجهہ همت ڌار.

غزل

بہ نيروئي قدرت چہ صنعت گري — کہ کس را نباشد بتو همسري
قلم قدرتت نقش بستہ بر آب — توبے مثل صورت جهان آفري
ز پشت اُوري نطفئہ در شکم — تو آن نطفہ را در شکم پروري
کہ پيش از تولد شدن آن پسر — ز خونے بہ پستان تو شير آوري
چو پرورده شد بچہ با عزو و ناز — نهي در دلش نور دانشوري
يلطفِ تو چون در بلاغت رسيد — بروي زمينش دهي سروري

چو از خود دهد رزق رازق "مراد"
تو از بهر روزي چرا غم خوري.

ترجمو:

1- قدرت جي طاقت جي ڪيڏي نہ ڪاريگري آهي، جو ڪنهن کي بہ طاقت نہ آهي، جو تنهنجو مقابلو ڪري سگهي.

2- تنهنجي قدرت جي قلم، پاڻيءَ تي نقش کي چٽيو آهي. تنهنجي صورت بيمثال آهي، ۽ جهان کي پيدا ڪندڙ آهي.

3- پٽ کان نطفي کي پيٽ ۾ آڻين ٿو، ۽ اُن نطفي کي وري پيٽ ۾ پالين ٿو.
4- اُن ٻار جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾، ٿڃن ۾ رت مان کير پيدا ڪرين ٿو.
5- جڏهن ٻار تمام عزت ۽ ناز سان پلجي وڏو ٿئي ٿو، تڏهن اُن جي دل ۾ عقل جي نور کي روشن ڪرين ٿو.
6- جڏهن هو تنهنجيءَ مهربانيءَ سان بلاغت کي پهچي ٿو، تڏهن زمين جي متان اُن کي سرداري بخشين ٿو.
7- "مراد"، جڏهن تہ رازق پاڻ ٿي رزق پهچائي ٿو، تڏهن تون پنهنجي روزيءَ لاءِ ڇو پيو غم کائين!

غزل

قــدر خـــود را چـــرا نمـــي دانـــي،
ذات قدســـــــي، کمـــــال انســـــاني.
خــود پرســتي مکــن کــہ خــود بينــي،
کـــار کفـــــر اســـت در مســــلماني.
اهــــر مــــن نفــس را مقيـــد کـــن،
کــــہ توئـــــي آصـــفِ ســــليماني.
عيــب خــود را اگــر شــناس شــوري،
خـــود بخـــود دم زنـــي "زمـــن رانـــي."
در يقينــت چــو شــد خــودا ثــابت،
"لـــمنِ المـــُلک" خـــود همـــي خوانـــي.
از خضـــر آب زندگـــي مـــــَـطلب،
کــــہ تــــو ســـر چشـــمہ آب حيوانـــي.
کــُنج عزلــت گزيــن کــہ خواهــي يــافت،
در گدائـــــي "مـــــراد" ســـــلطاني.

ترجمو:

1- پنهنجو قدر ڇو نٿو ڄاڻين؟ تون پاڪ ذات آهين ۽ انسانيت جو ڪمال آهين.
2- پاڻ تي غرور نہ ڪر، جو اها وڏائي اسلام جي اندر ڪفر شمار ٿئي ٿي.

3- نفس جي ديو کي قيد ڪر، جو تون حضرت سليمان (نبي) جو آصف (وزير) آهين.

4- پنهنجي گهٽتائيءَ کان جيڪڏهن واقف ٿئين، تہ خودبخود "مان ڏنو" جو نعرو هٽين.

5- تنهنجي يقين ۾ جڏهن خدا ثابت ٿي ويو، تڏهن "ڪير آهي بادشاهہ" خودبخود پڙهين.

6- حضرت خضر کان پاڻي نہ گهُر، جو تون پاڻ آبحيات جو چشمو آهين.

7- "مراد"، گوشي نشينيءَ کي اختيار ڪر، تہ فقيريءَ ۾ توکي بادشاهي ملي ويندي.

رباعيات

(1)

آب و آتش، باد و خاڪ از ڪہ زاد
در طبع آن اختلاف چون اُفتاد
جوهر اندر جسم آمد از چہ سود
باز گشتن اُو چہ بد حاصل "مراد".

(باهہ، پاڻي، مٽي، ڪنهن مان پيدا ٿيا آهن؟ انهن جي طبيعت ۾ ڇو اختلاف آهي؟ جسم جي اندر جيڪڏهن جوهر (روح) آيو تہ ڪهڙو فائدو. وري ان جي موٽي وڃڻ جو ڪهڙو مطلب؟)

(2)

از ڪعبۂ عشقبازان رخسار يار بہ
محراب پاڪبازان آبرو نگار بہ
احرام عارفان همہ بستند گرد دل
گشتن "مراد" گر دل از حج هزار بہ.

(عشق وارن لاءِ ڪعبي کان دوست جو ڳَل وڌيڪ آهي. پاڪبازن جي محراب کان، حسين انسان جو ڀرون وڌيڪ آهي. عارفن دل جي چوڌاري احرام ٻڌو آهي، ۽ "مراد"! دل جو طواف هزار حجن کان بهتر آهي.)

(3)

دِلا! پيرهن تن چاڪ چاڪ بايد ڪرد
بر سرِ ايام خاڪ خاڪ بايد ڪرد
آندم آمد ڪہ همي خواستم از روز وَصل
"مراد" ديدۂ جانان پاڪ پاڪ بايد ڪرد.

(اي دل، بدن جي قميص کي ڦاڙڻ گهرجي. هن زماني جي مٿان ڌوڙ وجهڻ گهرجي. مان هميشہ دوست جو وصال گهرندو رهندو آهيان، مون کي دوست جي وصال لاءِ اکيون پاڪ ڪرڻ کپن.)

(4)

عشـــق در دل چـــو چشـــمۀ آبِ حيـــات
ميخـــورد خضـــر وقـــت در ظلمـــات
عشـــق عيســـيٰ دم است روح الاميـــن
بـــل "مـــراد" عشـــق قـــاضي الحاجـــات

(دل جي اندر عشق ائين آهي، جيئن آب حيات جو چشمو، جنهن مان خضر ظلمات ۾ ڪجهه پيتو هو. عشق عيسيٰ جو اثر رکندڙ ۽ جبرئيل آهي، بلڪ "مراد"! هي قاضي الحاجات آهي.)

(5)

ڪجـــا شـــد ســـڪندر، ســـليمان و جـــم
و آئينـــه، انگشـــتري، جـــام جـــم
ازان جملـــه حشـــمت نشانـــي نمـــاند
"مـــراد" گليـــ چيـــن، مخـــور خـــار غـــم

(سڪندر، سليمان ۽ جمشيد ڪٿي آهن؟ انهن جي آرسي، مُنڊي ۽ پيالو ڪٿي آهن؟ سندن دٻدٻي جو ڪوبه نشان نه رهيو. "مراد"! گل چونڊ، ڪنڊن جو غم جو تو ڪائين.)

مٿيون انتخاب آهي، جو سندس فارسي ڪلام مان ڏنو اٿم. سندس ڪلام جي هن حصي ۾ به اُهوئي بيخوديءَ جو جوش ۽ خروش، ۽ اُهوئي حقانيت جو ساز ۽ سوز آهي. انسان جي پيدائش، فطرت جي صنعت جو وڏو ڪمال آهي. گوشت ۽ هڏن جو بيجوڙ مجموعو، پلجي، عقل ۽ حڪمت جي نور سان مالامال ٿئي ٿو، ۽ زمين تي سروري حاصل ڪري ٿو. هڪ باڪمال صنعتگر جو هن ڪان وڌيڪ واضع مثال ٻيو ٿي نٿو سگهي، "مراد" سچ ٻڌائي ٿو:

چـــو پـــرورده شـــد بچـــه بـــاعز و نـــاز
نهـــي در دلـــش نـــور دانشـــوري
بلطـــفِ تـــو چـــون در بلاغـــت رســـيد
بروئـــي زمينـــش دهـــي ســـروري

"مراد" هت به اُن "سروري" جو ذڪر تو ڪري، جنهن لاءِ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

قدر خود را چرا نمي دئي، ذات قدسي ڪمال انساني.

ڪمال انسان ئي سندس عظيم هئڻ جو دليل آهي، جنهن ڪان متاثر ٿي. سندس رتبو اڪثر مبصر هيئن ٿا ٻڌائين:

در يقينت چو شد خدا ثابت، "لمن الملک" خود همي خواني.

فقير "مراد" جي فارسي شاعريءَ جو تخيل سندس همعصر بزرگ سرمست سچل سان گهڻي قدر قريب آهي. سرمست هن جي باري ۾ فرمائي ٿو:

دلا! بيني جمال يار جاني، نمودار ست رخ در هر مکاني.
بيامد يا رما در صد مظاهر، ز دريا موجها شد بيکراني،
گهي در عشق گفتا "رب أرني"، گهي خود باز گفتا "لن تراني".

(اي دل! دوست جي جمال کي نهار، جو سندس چهرو هر جاءِ تي موجود آهي.
اسان جو دوست سون نظارن ۾ موجود آهي، درياءَ مان ڇڻ تہ اٿاهہ موجون اُٿي رهيو آهن.
ڪڏهن تہ عشق ۾ چوي ٿو تہ "رب پاڻ ڏيکار"، ڪڏهن تہ چوي تہ "مان توکي ڪيئن ڏسي سگهان ٿو."

"ديوان مراد" ۽ "ديوان آشڪار" مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ ارڙهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌ ۾ جا صوفيانا لهر اُٿي، ان جي رهنمائي ۾ ڪيڏي نہ يڪسانيت موجود هئي. هيءُ منهنجي موضوع کان گهڻو پري آهي، جو مان ان تي پنهنجي تحقيق هنن ورقن ۾ پيش ڪريان. پر هن حقيقت کان انڪار تي نٿو سگهي تہ هڪ شمع مان، ٻي شمع روشن ٿيندي رهي آهي، جنهن جي روشنيءَ سنڌ ۾ هميشه اخلاق ۽ ڪردار جي بلنديءَ کي نمايان پئي ڪيو آهي. "حافظ" سچ فرمايو آهي:

ز انقلاب زمانہ عجب مدار، کہ چرخ،
ازين فسانہ هزاران هزار دارد ياد.

(زماني جي انقلاب کان عجب نہ ڪاءِ، جو هيءُ آسمان اهڙن افسانن مان هزارين افسانا پاڻ وٽ ياد ٿو رکي.)

ليڪن اڄ اهي حق جون صدائون، ۽ تربيتون ۽ محفلون ڪٿي؟ "تلکَ الايّام نُداولها بَينَ النّاسِ" — اهو وقت آهي، جو ماڻهن ۾ ڦيرائيندا رهون ٿا. زماني جي هيءَ نايڪسانيت، هردم حيات حاڪم جي لا زوال حڪومت جو غيرفاني دليل آهي.

ڪلام جي ترتيب لاءِ هيٺيان نسخا ڪم آندا ويا آهن

الف دستخط:

1- مخدومي حاجي،امام بخش "خادم" (خ)

2- ماستر ٽانور داس سرڳواسي (ٽ)

3- بيراڳي فقير (ب)

4- غلام علي "مسرور" (غ)

(سندس نامڪمل بياض تان نقل ڪيل)

(ب) ڇپيل:

1- مسٽر بولچند راڄپال (سنڌو رسالو)

2- هريسنگ، بڪ سيلر، سکر.

فقير روحل صوفي

سنڌي ڪلام

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرَحِيمِ

توحيد جا بيت

(1)

جي تون صحيح سڄاڻين پاڻ، اُتي قيمت سندو قطرو،
ڪوري ڪَڍ قلوب مان، مدائيءَ جو ماڻ،
پري نهارڻ [1] پَرَ ڪي، سندو چِٽن چاڻ،
نت سائين توهِي ساڻ، راتيان ڏينهن[2] "روحل" چوي.

(2)

صحيح سڄاڻج سچ، مُڙج مَ ملامت ڪُئن،
گهِڙي پنهنجي گهٽ ۾، پرواني جيان پچ،
ماري ڪڍج من مان، ڪوڙائيءَ جو ڪچ،
رنگَ پِريان جي رَچ، رات ڏينهان "روحل" چوي.

(3)

جي لڳو اُتي تان لاءِ، هينئڙو حبيبن سين،
پائي پيچ پريت جا، سپيريان ڏي ساهه،
وحدت ۾ تي واه، "روحل" رَتي روح جِي.

(4)

جي لڳو آهين تان لڳ، پريان سندي پيچري،
من مؤن محبوبن جو، صحيح سڃاڻج سڳُ [3]،
ڇڏي جُونو جڳُ، وجي "روحل" رچج [4] رنگ ۾.

---

[1] نهار نه (ج).
[2] رات ڏينهان (ب).
[3] پڳ (ب).
[4] رتج (خ).

(5)

پڙهيا بيد ڪتيب[1] جا، تا ڏين ڏورانهان ڏسُ،
سي سچ سڄاڻن ڪينڪي، موهيا پَسي مَسُ،
راتيان ڏينهان "روحل" چوي، رڙهي تنهن کي رَسُ،
پير پريان جو پَسُ، نائي ڪنڌ قلوب ۾.

(6)

پڙهڻ پُرجهڻ پاڻ ۾، وڏو فرق ڦير،
ڪاڏي منهن محبوب جو، ڪاڏي اکر اير،
ساڻ سَهائي سچ [2] جي، چا موافق ٿيندو مير،
جن صحي سڃاتو پير، "روحل" رات نه تن کي.

(7)

پڙهي پُرڏو جن، سي عاقل عقل جا ڏٺي،
سي "مُوتُوا" تي محبت ۾، پلپل پرين پَسن،
تن تسليون تمام ڪيون، محب جن جي من،
"روحل" متان تن، لتا حرف حساب جا.

(8)

ڪاتب ڪاني ڪانهن جي [3] ڪاغذ تي مَ ڪاهه،
اکر جي اِدارڪ جا، تُهَن ۾ لکين لاهه،
قلم جو قلوب جو، متي وحدت واهه،
سپرين ڏي ساهه، "روحل" رَتي روح جي.

(9)

ڪفر ۽ اسلام ۾، تا پَرن اُبتا پير،
هڪ هندو بيا مسلمان، ٿيون وچ وڌائون وير،
انڌن اونده نه لهي [4]، تن کي سچ چوندو ڪير؟

---

(1) ڪتاب (خ).
(2) سچ (غ)، سمجهه (ب).
(3) جيان (ب).
(4) لڌي (خ) (ب).

پر "روحل" راهه پرين جو، جان گهڙي ڏنوسي[1] گهير،
تہ رب مڙني ۾ هيڪڙو، جنهن ۾ ڦند نہ ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا سُتي ڪعبة الله ۾!

(10)

نہ مون سُڌ نہ سار، اڃي عشق اُتاريو اوچتو،
"روحل" چوي روح ۾، تن پرين جي پچار،
سي اکين[2] آيا سپرين، ياد ڪريندي يار،
ثريا نيڻن نار، پسي منهن محبوب جو.

(11)

نہ مون جن نہ ڪن، اڃي عشق اُتاريو اوچتو،
"روحل" چوي روح ۾، محبت محبوبن،
سي ئي سجڻ آئيا، تات جنين جي تن،
جيءَ جتڙ لڳي جن، سي سائينءَ ميڙيا سپرين.

(12)

جي نہ جاتم جاڻ، تہ وسين ويڙهي وچ ۾،
عشق جي اُهاءَ ڪي[3]، اڃي پر پسايو پاڻ،
"روحل" رنگ پسي ڪري، پڳو ممتا ماڻ،
سائين سدا ساڻ، مون آجاڻي[4] تي اُجهيو.

(13)

بُڌان جان بيهار، تان تون اکين ڪان پي اوڏڙو،
"روحل" وسين روح ۾، وِٽ نہ پانئيان وار،
جٺن جو سج صبوح جو[5] تو ڪري باغ بهار،
بيت نہ پانئجو ماٺهوءُ! هي وحدت جو ويچار،
دل ۾ ڪيا ديدار، عشق جنين اکين سين.

---

(1) ڏنوسون (ب) (خ).
(2) اکڙين (خ) (غ).
(3) اُهاوُ تي (ب).
(4) مون اڳيان آڻي تي اُجهيو (خ).
(5) جٺن سو سنجهه صبوح جو (ب).

(14)

جـن ڪـي عشـق انـدر ۾، تـن ڪـي اُڄ نـه بـک،
وحـدت منجهـه وصـال جـي، تـا سـدا مـاڻن سـک،
ڏور تنيـن ڪـان[1] ڏک، جـي ”روحـل“ رتـا روح ۾.

(15)

پنهنجـون اکيـون پـاڻ ۾، جـوڙي رکيـون جـن،
سـي سـوءِ پيـرا سـاعت ۾، تـا پلپـل پريـن پسـن،
تـن تحصيلـون تمـام ڪيـون، محـب جنيـن جـي مـن،
”روحـل“ متـون تـن، لتـا حـرف حسـاب جـا.

(16)

وٽـج وهـائڻ ڪـاڻ، ڇـو وجيـن ٻئـي هـَـٽ،
توکي پـَـٽُ پٽيهـر پـانهنجو، اُتـي وٽـج مڙيوئـي وَٽ،
جنهـن ۾ نشـو نينهـن جـو، سـا ڪـا ڪونـي پـِـٽ،
”روحل“ محبت مور نه مَٽِ، توکي سڪ مان ٿيندو سوجهرو.

پورب جو سُر

(17)

جي ننگ ڇـڏي نانگـا ٿيـا، تـن نـانگن ڪهـڙا ننـگ،
گنگـا ۽ گرنـار جـا، تـن سـامين ڇـڏيا سـنگ،
نڪـي واهـن سـگيون، نڪـي ڇـورن چنـگ،
”روحـل“ لڳـو رنـگ، تـن لاهوتيـن لقـاءَ جـو.

(18)

جي تـن ۾ تيـرٿ ڪـن، سـي گنگـا وجـن نـه گودڙيـا،
تـن سـامين سـنديءَ سـک جـا، تـا دونهـان دل[2] دکـن،

---

[1] تؤن (غ).
[2] درد (خ).

پير سجاتو پر جو، لوڪي لاهوتين،
لڳو رنگ، ”روحل“ چوي، اندر آديسن،
ڪوڪي ڪاهوڙين، وڃي اُونهي ۾ آسڻ ڪيا.

(19)

اونهي ۾ آسڻ ڪري، وڃي ماڳ لَڌائون مُور،
تن تي جا آئي پهر اُڪنڊ ۾، تا ڪن تنوارون طُور،
اُت ”روحل“ رات نہ ڏينهن ڪو، نڪو سسُ[1] نہ سُور،
وڃي نُوري ڳڌيا نُور، لنگهي پيا لاهوت ڪان.

(20)

نائي ڪنڌ ڪماه[2] ڪان، جن نهاريو ناسوت،
راتيان ڏينهان، ”روحل“ چوي، اُهي ماڻن تا ملڪوت،
پير سجاڻي پِرَ جو، جَتا ۾ جبروت،
جوڳي جفائون ڪَري، لنگهي پيا لاهوت،
سي آديسي اَوڌوت، وڃي نانگا ڳڌيا نات کي.

(21)

نانگا ڳڌجي نات سان، وري ٻيو پَهُ پيونِ،
سا ڳُٽيائون ڳالهڙي، جو ڳُر ڏَسُ ڏنونِ،
”لا حجاب بينِي و بينُڪ“، وڃون سڀ ويونِ،
تهون پوءِ پيونِ، وڃي پيوند پيچ پرينءَ سان.

(22)

ڪو پَهُ پيو جوڳيئن، تن ڪنيون ڪڙائون،
جاترا جوڳ جُهار جي، مور نہ مڃيائون،
سا ٻُون سوجهيائون، جنهن ۾ جوڳ نہ ٻوڳ ڪو.

(23)

ڪو پَهُ پيو جوڳيئن، پُريا تنهين پارِ،
جت گنگا نہ گومتي، نڪو جوڳ جُهار،

---

[1] ستُ (خ).
[2] سامي ڪنڌ ڪمان ڪان (ٿ).

نہ ڪو ذڪر نہ فڪر ڪو، نہ ڪو سڌ تنوار،
نہ ڪا رات نہ ڏينهن ڪو، نہ ڪا جيت نہ هار،
لڳو رنگ "روحل" چوي، اُت آديسين اُپار،
جنهن جو آرُ نہ پارُ، وڃي تت ڪيائون تڪيو.

(24)

برهہ ۽ بيراڳ جي، جن[1] جڙَ لڳي منجهہ جيءَ،
سُوجهي سچ[2] سرير موئن، تن پريمن پاتو پيءَ،
مرڻ جيئڻ جو من موئن، تن سامين لٿو سيءَ،
نات نماڻا تي، وڃي "روحل" رَتا رام سين.

(25)

جي رنگ رَچي رام جي، لاهوتي ٿيا لعل،
سرِ ڏنائون سَتَ ۾، ڪايا، مايا، مال،
ويا تن ڪان وسري، ڪوڙا سڀ خيال،
راتيان ڏينهان، "روحل" چوي، واليءَ ساڻ وصال،
سي نانگا سدا نهال، جن درسن پاتو دوس[3] جو.

(26)

کَهڻي تان هرڪو کَهي، پر رهڻي اوکي بات،
پڌري ٿيندي ذات، رهڻيءَ مان "روحل" چوي.

(27)

نَوَ نشانيون نُور جون، عاشقن آهين:
هڪڙي ويهن واٽن تي، ٻيو کاڌ نہ کائين،
ٽيون سر سڀ کنهن اڳيان، ٿا نميو نوائين،
چوٿون ٻڌي کنن سان، وري نہ ورجائين،
پنجون پهہ پرينءَ سان، ٿا پَکو پچائين،
ڇهون کُچن ڪينڪي، ناتو نباهين،

[1] جن کي (غ).
[2] جوءِ سوجهيائون (غ).
[3] دوست (ب).

ستون سڪ سڄڻن جي، تا لنؤ لنؤ لڳائين،
اتون ڳالهه عجيب جي، تا واري ورجائين،
نائون نند نيٽن کي، تا جودؤن جاڳائين،
تڏهن سيبائين، "روحل" دوساڻي دربار ۾.

(28)

نڪا سڪ سمهڻ ۾، نڪو جاڳڻ ۾ جَسُ،
نڪي خيَر کلڻ ۾، نڪي روئڻ ۾ رَسُ،
ذاتي ذڪر زباني، اِهو بہ اوري ڏَسُ،
من جو مرشد پَسُ، تہ "روحل" ملين روح الله سان.

(29)

ٽُبي ڏيئي پاڻ ۾، پَسان جان پيهي،
نڪو ملڪ، نڪا خلق، نڪي آسيئي،
آسين ڳوليون جن کي، سي پڻ آسيئي،
ٻي وائي ويئي، "روحل" هونگ پرين جي هڪڙي.

(30)

عاشق الاهي اُيا، جي قضا ڪين ڪرين،
نائي ڪِنڌ قلوب تان، نمازون نيتين،
ڏين طوافون تن کي، مَڪو ئي منجهين،
"روحل" روح سندين، هر دم هوندو حَج ۾.

متفرق

(1)

ڪـنـــي ڪوڙهـي ڪـُــوڙي، اَتـــي نيــچ نمـاڻي،
سگَ سَــمي جي سون ڪئـِي، سپ جـگ سيباڻـــي،
جنهــن راءِ ريجهــايو پـانهنجو، "روحـــل" ســا راڻـــي،
سا مــَـرُ مـَـرڪي مهاڻـِـي، ڪانڌ جنهين جي ڪيچ ۾.

(2)

ڪـانڌ جنهيــن جي ڪـيچ ۾، ســا تــي ســرون ســَــر،
سمـي جـي سـهاڳ سـان، جنهـن ڪـي آيـو نــام نظـر،
ســا مئــيءَ منجهــون مــاڻهو تـــي، "روحــل" چئــي اَپــر،
سا چـو گهمـي گهـر گهـر، هــوت جنهـن جـو حمـايتي.

(3)

رب تيــو راضــي، تــڏهن ســالڪ جــو ســنگ تيـــو،
ڪــاملَ جــي ڪـرم ســان، تــي اَنــڪ ڪــان آجــي،
رهـــي نـــه رتـــيءَ جيتـــري، "روحـــل" محتـــاجي،
نـُــوري نـــوازِي، چـــام سمـــي چـــاڻي بجهـــي.

(4)

جي پـانئين جوڳـي تيـان، چـڏ جيئـڻ هـي جنجـال،
ڪـــارڻ قـــوت قـــرار جـــي، هتئـــون ڏئيـــن حـــال،
راتيـــان ڏينهـــان روح ۾، خـــام ڳڻـــي تـــو خيـــال،
اڄ ســياڻي ڪنــڌ تــي، ڪڙڪـــي اينــدءِ ڪـــال،
هـــي مـــڏيون هـــي مـــال، ڪـــر نــه اينــدءِ ڪـــڏهين.

(5)

ســائين ســـاجهو ســـپ جـــو، آهـــي راهـــه رفيـــق،
آڏو آهـــي عشـــق جـــو، بيحـــد بحـــر عميـــق،
توحيــدي طريــق، "روحــل" نــه سمجهـــي عـــام تــو.

سُر سهڻي

(1)

ڪَچي جي ڳَنن جي، جنين چَري وَس،
سي پڪي پير نہ ڏينديون، تن کي چارو ڏي چَس،
"روحل" چوي تن جي، جيئري جايون ڪَس،
سي ليٽي پونديون لَسَ، تون مينهون پَسُ مَ مَتيون.

(2)

ڪَچو جي چارين، پيٽ چٽائي پانهنجي،
لالچ لڳي لوڀ جي، وينديون نہ وارين،
"روحل" چوي ريج ۾، مينهون سڀ مارين،
هنجون سي هارين، توري گهٽي ڏينهڙي.

(3)

جن چلڻ سان چاڙ، سي مينهون پَسُ مَ متيون،
ڳانيون جي ڳچيءَ جون، سي ڪتين جيئري جاڙ[1]،
جڏهن ورندي واهُندي واڙ، تڏهن جائون پوندن جان ۾.

(4)

مانجي جيرا جن جا، پَڪي ڪيڙا پاڪ،
چارو سو چَرنديون، جو موريو مينهن ماڪ،
"روحل" چوي ريج ڪان، تن جي سَرهي سُڃي ساک،
سي تڪي ڏين نہ تاڪ، اندر اُجا جن جا.

(5)

پَڪو جي چَرن، تن جون مينهون پَسُ مَ ميريون،
اوسر اڇي نہ اُن کي، توڙي گاهہ ٻُرن،

[1] کانون جي ڪَچي جُون، ڪتيُن ڪِيري جاڙ. (غ).

”روحل“ ريج نہ رنجيون، هُو جي ڦانڪين منجهہ ڦرن،
سي هـڏين ڪيـن مــُـڙن، ڏُڪـائيءَ جـي ڏک سـان.

(6)

ڪـاڇو تـا ڪـَڇـيـن، طنـابي تـــڪَ تـاب مـوُن،
آٿـي لامر منـدي ۾، تـا ســَـوُ ســَـئيون سـارين،
”روحـــل“ رائـــر تـــن جـــا، نـــالا پـــُــڪارين،
جا ڪــَڇي تـا چـاڙهين، سـا پــَڪي ٿينـدي پـڌري.

سرائكي كلام

(1)

دنيا ڍونديِ ے طالب ڪُتے، سينا مل ڪرتاٽي،
هڏي اُے هوڏ تنهاندي، وڙهندے عمر وهاٽي،
اَنڌيان عشق اَلَـهُ دا چوڙيا، پـَئے ولوڙن پاٽي،
”روحل“ راهہ رباني ٻاجهون، ٻي سڀ ڪوڙ ڪهاٽي.

(2)

حج حضور تنهين ڪون لکيا، سچ سڪ جنهين دي،
دل درياهہ محبت دے وچ، تانگهن تانگهہ تنهين دي،
رهن بيپرواهہ هميشہ، ڪيا پرواهہ ڪنهين دي،
”روحل“ رنگ رباني لاڳا، پـُنني آس منهين دي.

(3)

ڪا يا ميت پريت ڪر، پٿر، اُتون محبت ڪلس چڙهائين،
من محراب سدا رک قبلے، جي تون شاهہ ريجهائين،
پنج جماعتي پڙهن نمازان، هر دم سنجهہ صباحين،
”روحل“ روح ڪيتا مِل سجدا، حج حضور اتاهين.

(4)

چـُڪي دل دروني اندر، بني حَوض ڪوثر دي،
پـُر ڪر پيتي شوق شرابون، وني عشق اَمر دي،
جنهن گهرڪون مين ڍونديندي، گهٽي لـَڌي تنهن گهر دي،
”روحل“ رات ڳئي، دن پايا، صورت دلبر دي.

(5)

عشق چراغ ٿيا جب روشن، ٻني رات انڌيري،
گيان اَنجن وچ پاءِ اکين دے، اُلٽي ڪاڏي ڦيري،
جت ديکان اُت آپا- درسي، سڀ گهٽ صورت ميري،
”روحل“ رات ڳئي، دن پايا، نا ڪو وير نہ ويري.

(6)

چشما آب حياتي دا، دل اندر حوض حضوري،
سِر دے سودے پيندے عاشق، پريت جنهان دي پُوري،
سے جينديان "موتوا" تي ڪر ہيٹے، پايا سک صبوري،
"روحل" رنگ هک دے رتے، سے نُور ملے وچ نُوري.

(7)

چاڻ خودي تان خود کو پهچين، نال خودي خود پائين،
اُهہ دوئي وچ ديدار سجن دا، جئن درپن وچ چائين،
بنا کيف لطيف نہ ليندا، سُڻ تان سچ آکائين،
"روحل" رانجهن دل وچ وسدا، ڍونڊ نہ سُجيان جائين.

(8)

ايهہ سنسار نڳان ٺڳ بازي، اکين نال ڏٺوسے،
ڏيک تماشا محب ملڻ دا، اهو فکر پيوسے،
چشما آب حياتي دا، دل اندر ڳول لڌوسے،
دستون ساقي تيا عنايت، پُر کر جام پيتوسے،
"روحل" وچ رندان دي مجلس، نوشهہ ڳول لڌوس.

(9)

تون درياهہ سَير، مين مڇلي، تون سنگ سدا سهيلي،
تيڏے عشق بنا جڳ جيوڻ، ڏکي عمر ڏهيلي،
جس کون نينهن لڳا نوشه دا، وتے راج ڳهيلي،
"روحل" راز صنم دا، جنهن تے ساماٽي سيج[1] سهيلي.

(10)

کو جو کامڻ کيتو، دلبر باز برهہ بَچايو،
چُپ چُپاتي سُتے کون، گهن دَستون پکڙ جڳايو،
دل اندر ديدار کيتو سے، وچڙيا قيرے ملايو،
"روحل" ريجهہ رهيا رنگ تيڏے، اکين عين وِکايو.

---

[1] سهج (گ).

(11)

ڏتا ساقي شوق شرابون، پُر ڪر جام پيالا،
گردش دور فلڪ دا سارا، مت ٿيا ڏک ڪشالا،
عشق خمار چڙهيا من ميڏے، سدا مگهن متوالا،
"روحل" رنگ رانجهن دا چوکا، چوڙ ڪيڙا منهن ڪالا.

(12)

ديدار دروني اندر، پاءِ ڏني جب جهاتي،
ٽُٽا تاڙا، ڪلف ڪفر دا، تيا ذڪر گهٽ ذاتي،
اکڙيان، اکين رنگ لڳو سے، ڪليا باغ جناتي،
"روحل" عشق پيالا پيتا، ڪنون وصال حياتي.

(13)

خانه زاد بانهي جنهن در دے، تنهن ستي ڪيها ماٺان،
نال سائين دے ڪيهڙا ليکا، جنهندا پيتا ناٺان،
عشق جنهن دا اندر آکے، لؤن لؤن وچ سماٺان،
"روحل" آپ تنهن کو ڏتا[1]، جنهن هٿ جيءَ وڪاٺان.

(14)

آت سُندر، بهه رنگي مورت، من ميڏے وچ اٽڪي،
لڳا عشق، وسر ڳئي ڪايا، مت ڳئي ممتا مٽڪي،
جنهن دي سڪ سوئي شه پايا، لٽڪ تنهين دي لٽڪي،
"روحل" پريت لڳي تنهن دي، چُوٽي دل چل چٽڪي.

(15)

چپ چپاتي ويڙهي دے وچ، ميڏا نوشه آيا،
نه مين سرمُو سينڌ ڳُنڌائي، نه مين چندن لايا،
لؤن لؤن دے وچ جهوڪ جنهين دي، تي راضي رنگ لڳايا،
مين مت هيڻ نماڻي دا، چا سائين پاڻ وسايا،
"روحل" راهه فقيري دا، ڪنهن ياگ پراپت پايا.

---

[1] ڏنا (گ).

(16)

اِهو رانجهن، اهو ماهي، اهو هير آکاڻي،
جيوين پاڻي وچون[1] تيوے پالا، نهين پالا اهو پاڻي،
سڀ گهٽ دے وچ تو نهين وسندا، لالن لامڪاني،
ٻَهه رنگي گهر نا مين ڪيلي، ديک دوئي شڪ نہ آڻي،
"روحل" راهہ الک دا اوکا، گيان عينڪ گهٽ چاڻي.

(17)

نہ نيهي لا ٻَهنِ جماعتان، نا اُستاد سڏاون،
دل درياهہ محبت دے وچ، رات ڏينهان تڙقاون،
جنهن دا درد تنهين دے درتے، نت اُسے آپ ڪُهاون،
سڀ صورت صاحب دي ڄاڻن، دُوئي دل نہ لاون،
"روحل" رنگ هڪي دے رتے، سے سڀ ڪنهن سيس نماون.

(18)

جي نيهي وچ سچڻ دے، رات ڏينهان رنگ رتے،
ڪَنون شوق شراب حقيقي، پي پي پيالي مَنگهہ متے،
دوزخ بهشت انهان توئن نيارے، نهين سيتل نهين تتي،
"روحل" رات ڳئي، دن پايا، گهول اندارے گَهتے .

(19)

جنهن ڪون نينهن لڳا گهر اندر، سا ڪيون ٻاهر وَتے،
جنهن ڪون تار برهہ دي لڳي، چرخي تند نہ گَهتے،
جا ڏيئي ڳل ٻانهن سُتي شَهہ سيتے، سا ڪيون[2] آتڻ ڪتے،
"روحل" رنگ تنهان دا ڳوڙها، جي عشق رگڻ رنگ رتي.

(20)

جَڏان تو ايهہ جيءُ پَئي ڪر ماٺيا، تَڏان تو راهہ سجاتي،
وچ دَروني جهوڪ رانجهن دي، ڪول فُقل[3] پاءِ جهاتَي،

---

[1] پچ (گ).
[2] چرخا (گ).
[3] ڪلف (گ).

دل انـــدر ديـــدار ســـڄڻ دا، چشـــما آبحياتـــــي،
"روحـل" پـُـر كـر پـيءُ پيـالا، ذات ملـي وچ [1]ذاتـــي.

(21)

جنهـان رمـز ربـاني لڳـي، سـي ئـي صـاحب اکيلـے،
وحدت وچ وصال تنهاندا، کـرن نـال سـڄڻ هـر ويلـے،
دوئي دا داغ لٿا تنهن دل توں، نت رات ڏينهان دے ميلے،
"روحـــل" رات هجـــر دي هٽـــي، مليـــا يـــار سويلـــے.

(22)

سـهڻي صـورت ويکـڻ کـارڻ، عشـق لڳـا مـن ميـرا،
ســک ســڄڻ دي آکـر لايـا، دل دي انـــدر ديـــرا،
پنج مورتي محکـم کيتي، گيـان گھٽـيءَ وچ گھيـرا،
"روحل" رات ڳـئـي دن پايا، مـِٽ ڳـيا سـڀ انڌيـرا.

(23)

ذات ملـي وچ ذات مـاهي نـال، تـڏان سـَـيا بـن آئـي،
انگ لکيا کاتب روز ازل دے، کس کون خبر نـہ کائي،
نـال رانجهـن دے، حق آساڏا، تـڏان تـو محبت لائـي،
"روحـــل" رمـــز ربـــاني لڳـــي، يـــا ڳ پراپـت پـائي.

(24)

کـايـا کـوٽ، دسـين دروازے، دل دلبـر دا ديـرا،
لوئن لوئن دے وچ ٿـي خوشـحالي، کيتـا نوشـہ ڦيـرا،
کـوڙي سـَـٽ گھتيـن دوزخ وچ، ٿيسـي سـچ نبيـرا،
"روحل" رات ڳئـي دن پايا، مـِـٽ ڳيـا سـَـڀ انڌيـرا.

(25)

بيخبري دي نيند وچون، آ دستوئن پکڙکے دوست جڳايا،
وچ انذارے ٿي روشنائي، دلبر آ کے درس و کايا،
ذکر فکر دے جهڳڙے لٿے، سيج اُتے چڙهہ نوشه آيا،
ڏي ڳل ٻانهہ پيارے سُتے، سهج کنون چا انگ لڳايا،
هجر وصال کنون جند ڇٽي، "روحل" وچون روح الله پايا.

---

[1] وچ (گ).

سي حرفي

الف الله ڪر ياد سدا، نت وحدت وچ گذارين،
جيوڻ دے هن چار ڏهاڙے، خام خيال نہ گهارين،
ايهہ دنيا ڏوتي سڀ جڳ موهيا، چيت چيلن مت هارين،
"روحل" راهہ فقيري دے وچ، غفلت منوئن وسارين.

بي بديان تون ڪرين سدائين، فرصت ڪرين نہ ڪائي،
مين وچ لَلُ نہ ليکڻ ڪوئي، نڪا ڪران ڪمائي،
تيڏے راج قِران البيلي، وتان هانهن لوڏائي،
"روحل" راز خصم دا جنهن تي، جڳ سهاڳڻ سائي.

تي تن گهول گهتين دلبر توئن، سينا مول نہ تنگين،
جام شراب رندان دے هتوئن، پريم پيالا منگين،
چنّي جند جواب سوالون، تُتے جهيڙے جنگين،
"روحل" راهہ رباني دے وچ، ڏينديان سر نہ سنگين.

ثي ثابت ڪر انتر يامي، جي تون عاشق ٿيوين،
شوق شراب رندان دي مجلس، پلپل دے وچ پيوين،
لهي هول حساب حشر دا، قير مُوا ول جيوين،
"روحل" رات پرم دي پچهے، نيهي نانءُ سڏيوين.

جيم جهان دنيا دا طالب، چوڙ تنهين دي ياري،
حرص، هوا، تکبر کون، تک مارين ڪيبر ڪاري،
جنهان عشق الله چايا، تنهان تيڏي تاري،
"روحل" تي قربان تنهان توئن، جنهان ممتا ماري.

حي حضور هميشہ هر دم، پلے پرے ڊوندينده،
ڪامل مرشد ٻاجهون آنڌے، ناحق سڌ ڪرينده،
وچ آنڌارے بنا روشنائي، ناحق هٿ مرينده،
"روحل" خصم جنهاندا جهولي، سُڪي سے ئي جاليندے.

خي خالق دا خيال جنهان کون، مِتي لڳي نہ مايا،
سي عاشق وحدت وچ وَرُوندے، وسري سندر کايا،
جي وت نينهن نماڻي کيتي، رات ڳَئي دن پايا،
"روحل" رتن امولڪ مِليا، ياڳ پراپت پايا.

دال دمامان دل دے اندر، نر يئي[1]چوٽ چَلاوين،
پنج مواسي کايا دے وچ، محکم مار هٽاوين،
هو کا قير حقاني والا، نَنگري سک وَساوين،
پيچي "روحل" در دوستان دے، درسن بِکيا پاوين.

ذال ذرا کُچ تو بن ناهين، جهر جنگ تيڏيان جهوکان،
هکنان دے گهر حلوے سيرے، هکنان دے گهر سوکان،
سڀ گهٽ دے وچ تونهين وسدا، سڀ مين تيڏيان نوکان،
"روحل" کون تون آپ پِلاوين، پريم پيالا موکان.

ري رانجهن دي سک جنهان کون، هر دم رهي هميشان،
سهڻي سيج نہ پاوے تنهان کون، کيتي پريم پريشان،
سي عاشق صادق نَريؤ نيهي، هڪي رهن نہ خويشان،
"روحل" در دلبر دي بِکيا، پايا خير درويشان.

زي زاري وچ رهين هميشہ، تورڙے ملے دلاسا،
ايهہ جڳ بازيگر دي بازي، رکين نا پرواسا،
ڏاڍے نال شراکت کيهي، کِن تولا، کن ماسا،
"روحل" تيءِ رضا تے راضي، پائين سُک سواسا.

سين سچڻ دا صحيح سڃاڻي، کَپيري وچ پيرا،
لوُن لوُن دے وچ جهوک جنهين دي، دل دے اندر ديرا،
سر سَرواه کرين چا صدقي، کيا لاڳي هُٽ تيرا،
"روحل" رات پرم دا پَچي، مِٽيا سڀ انڌيرا.

---

[1] نريؤ (گ).

شين شتاب عمر وهاڻي، پيڇے ڪيا ڪريسين،
جوين دے وچ ڪنڊ نہ پايو، پلي هٿ مليسين،
نال سهيليان آتڻ دے وچ، ڪيها منهن گهن ويسين،
"روحل" خصم جنهين دي جهولي، سڪ سائي جهليسين.

صاد صبوري ڪر دل ڪوجين، جت سجن دا واسا،
ڏے سر بار برهہ دا چائين، مول نہ موڙين پاسا،
چندن ورڪا[1] ڪليا وچ ويڙهے، ڪنهن ڪوت قرين اُداسا،
"روحل" رتن امولڪ مليا، پايا نيهن نواسا.

ضاد ضرورت مليا لوڙين، ڪوڙي چاڻ نہ چول،
ڪايا ڪوٺي ڪلف[2] ڪفر دا، عشق ڪُنجي گهر ڪول،
لوئن لوئن دے وچ جهوڪ جنهين دي، ڏے پٽڪے گهر ڪول،
"روحل" روح رتن هي تيڏا، گيان ڪُنڊي گهت تول.

طي طالب مطلوب ملڻ دا، ڪر گهن ساجهر سعيا،
دل تيڏے وچ دلبر وسندا، مرشد راهہ بتايا،
جنهن دے درد *ديوانے* ڪيتے، سوشہ الله ملايا،
"روحل" روز ازل دا لکيا، چندر جهولي وچ پايا.

ظي ظاهر باطن سي سائين، بيشڪ شرڪ نہ آئين،
رک يقين ارادا سچا، جي چاٺين سُڪ ماٺين،
ڪُوڙے هرگز جاءِ نہ لهسين، سَچيان سائين ساٺين،
"روحل" راهہ الک دا اوکا، گيان عينڪ گهت چاٺين.

عين عنايت ڪيتي ساقي، ڏتس پريم پيالا،
پيوڻ نال شراب طهورا، اندر تيا اُجيالا،
لوئن لوئن دے وچ تي خوشحالي، متيا ڏک ڪشالا،
"روحل" رنگ رباني رَتا، سدا مَگن متوالا.

غين ڪدين چا غير وچون، تان اُهو عين سڏيوين،

---

[1] چندن ورک (گ).
[2] قفل (خ).

كايا نقطي سب جڳ موهيا، ويک مطيع نہ ٿيوين،
آمـر پيـالا مرشـد والا، سـر ڳهٽـے رک پيويـن،
"روحـل" وچ رنـدان دي مجلس، عاشـق نـانءُ سـڏيوين.

في فکـر چوڙيـا جنهـان، سـے ئـي فقيـر سـڏيون،
هـر دم رنـگ ربـاني رہے، دکـي مـُـول نـہ ٿيـون،
نـت نيهـي ميخـاني دے وچ، آمـر پيـالا پيـون،
"روحل" رنگ تـِنهان دا ڳـوڙها، "مـُوتـُوا" تي قـَـر جيوَن.

قاف قيومـا کـرم کـُـنده، اسـان تيـڏے تـارے،
عقـل فکـر دي چوپـڙ رچيـا، توپاسـا جـڳ سـارے،
حکـم رضـائين تيـڏيان چـَلن، رعيـت کـون ويچـارے؟
"روحل" بازي تنهان جيتـِي، چاڻ سمجهہ جنهان هارے.

گاف گيـان جنهـان دے انـدر، اُپريـا سـورج سـارا،
پـنـي رات پـرم دي تنهـان، منـيـا سـپ انـڌارا،
چوڏهيـن طبقيـن تـي روشـنائي، کلينـا گـُـل هـزارا،
"روحـل" تـے رب راضـي ٿيـا، پايـا نينهـن نظـارا.

لام لـگن دل انـدر لڳـي، ڏنـي صـورت سـاِري،
پريـم پيـالا مرشـد ڏتـا، چڙهـي عشـق خمـاري،
جنهن دي سک سوئي شـهہ پايـا، مـن دي ممتـا مـاري،
مليا دوست مـِتـِي دلگيري، "روحل" مـلک تمهـاري.

ميم محمـد پيـدا کيتـو، کـارڻ روپ ظهـورا،
ذاتـي روح تنهيـن وچ گهتيـو، وائـي انحـد تـورا،
گـگن منـدل وچ بيـٺـي چوکـي، چکـي شـراب طهـورا،
"روحـل" پـُـر کـر پـيءُ پيـالا، مرشـد مليـا پـورا.

نون نيـا هـو رنـگ تنهـان، جـے عشـق الله دے رَتـي،
کنـون شـراب حقيقـي، پـي پيـالي منگهـہ مـَتـے،
مليـا دوسـت لتـي دلگيـري، کـون وچـوڙے گـَـهتے،
"روحل" جنهن تے نوشهہ راضي، سا کيون چرخا کـَتـے.

واو وصال وڇوڙے دا هُڻ، دوکا مول نہ آٽي،
چوڏهين طبقين هڪو سورج، سڀ گهٽ جوت سماٽي،
جيوين جَل ۾ قِري البيلي، جت ديکي تت پاٽي،
"روحل" رمز رندا دي مشڪل، ڪنهن هڪ ورلي چاٽي.

هي همراز هميشه دلبر، پريم لڌا وچ پيرا،
عشق چراغ ڪيتي روشنائي، مٽيا سڀ انڌيرا،
لنئون لنئون دے وچ ٿي خوشحالي، مليا محرم ميرا،
"روحل" ريجهہ رهيا رنگ تيڏے، ڪرے عبادت ڪِيرا.

لام لقاءِ ڏيکڻ دے طالب، هر دم رهن حضوري،
هڪ پل پاسي مُول نہ ٿيوَن، پريت جنها دي پوري،
مِٽيا درد لٿي دلگيري، پائي سانت صبوري،
"روحل" ٿي قربان تنهان توئن، جي نُور مليا وچ نُوري.

الف اول آخر سوئي، ذاتي ذڪر فقيران،
در دلبر دے آپ ڪُهاون، بنا ڪاتي تکبيران،
سر دے سودے عشق ڳڏوني، اهو پرچا پيران،
"روحل" رُوءِ تنهادے ڏنيان، تَن طاقت من ڏيران.

ي ياري ڪر عشق ڏتوئي، ڪيتا عين ڪرامت،
ويکون شاهہ قرون متوالي، لٿي من ملامت،
اَنڌے ڪون ول اکيان ٿيان، مليا ايمان سلامت،
"روحل" ڪون هُڻ منا لڳيا، تيرا نانءُ نعمت.

سي حرفي

الف الله دے نالے باجھون، کوڑي اور کمائي،
دنيا ڈوتي سڀ جڳ موهيا، تيکون سمجھ نہ آئي،
نال رزالي لائڻ ياري، ڏاريئے چاڻ نہ کائي،
جنهن اهين رن کنون منهن موڙيا، "روحل" راه حقيقي پائي.

بي بازي واه بڻائي صاحب، طالب طلسم والي،
کوئي سمجھے پُرش حقيقت، ساري الٽي چالي،
حال حقيقت حاصل کر گھن، جھوٺي قيل مقالي،
سر دے سودے باجھون "روحل"، لڳدي مشکل لالي.

تي تات طلب رک هر دم دل ۾، طالب دلبر والي،
باطن هويا برحال جنهيندا، چاٺے نہ اتکل ظاهر والي،
هر رنگ دے وچ ويکے ظاهر، قدرت قادر والي،
راز حقيقي ويکين "روحل"، کولين کِڙکي اندر والي.

ثي ثابت ٻولي دلبر والي، باقي کوڙ کهاٽي،
هرجا وسدا حسن حقيقي، چاڻ اِهوئي چاٽِي،
رمز حقيقت والي ظاهر، هِکو ڦوٽا پاٽي،
حال اِهو جے پاوين "روحل"، منزل اعليٰ ماٽي.

جيم جڏهانکر سر تے چايم، بار محبت والا،
حال عجائب سر تے آيا، هر دم حيرت والا،
هرجا راڳ رُبوبي ڳاوے، مطرب وحدت والا،
سڀ دي همت ناهِين "روحل"، چاٽے همت والا.

حي حقيقت حق دي هرجا، کڏان جلال تے کڏان جمال هويا،
هر رنگ دے وچ وسدا اُوهي، گرچ بيچون بيمثال هويا،

اُھنـدا درجـا آکـان کھـڑا، جـو حـال حقيقـت نـال ھويـا،
محنت واليان نون آسان، "روحل"، جنھن ڪيتا اُونھال ھويا.

خي خُـمر حقيقت پـِـي کـے طالب، خيـال خـودي دا کـاوين،
بـار برھــ دا سـر متے چـاوين، غيـر نــ انـدر لاويــن،
"الانســان ســري وأناســِـره، گيــت محبــت گـاوين،
سر دا سودا کر کے "روحل"، وچ ميدان معرفت جاوين.

دال دمامــے دردان والــے، ســر عشـــاقان وجـــدے،
سُـولي اُتـي مشـڪن چڑھنـدے، ساجن ڏيک نـ رَجـدے،
ويـر وروڏ نـ چـاڻن ھرگـز، صـاحب صُـولت سَـجـدے،
"روحل" ڏيک بديان تون ظاھر، قـرب والـي اُو کَـجـدے.

ذال ذکـر فکـر دے نـال رھيـن، ايھـ دنيـا ڏوتـي چـاڻين،
جگ نـون جـُـوٺي رول گھتينـدے، وحدت ويسھ آڻـــين،
ھـر گھـٽ جلـوا دلبـر والا، جـي تـون جـوت پـَـچاڻـــين،
"روحـل" راھـ حقيقـت پـا کـے، رتبـ اعلـيٰ ماڻـــين.

ري رمــز رُبوبــي چـــاڻڻ والــے، ذکــر کمــاون ذاتــي،
دم دم ويکــن دلبــر مبينتے، پاکـے انــدر جھـــاتي،
چُـٽ گـَـئي مام مجازي ساري، رھـي نـا صفت صفـاتي،
"روحـل" ڏونھيـن رُتبے اُھنـدے، چـا نفـي چـا اثبـاتي.

زي زبــاني کلمــان پڑھـــدے، مــول نـــ معنــيٰ چـــاڻن،
جنھـان کلمـان دل دا پڑھيـا، سيج سـُـکان دي مـاڻن،
"لا يـُــحتاج" گــذارن ھــر دم، وائــي اور نـــ واڻـــن،
وحـدت دے وڻجـارے بڻکـے، "روحـل" سـر سـڃاڻن.

سين ســــڃاڻن ســـر ســـچڻ دا، اوکـــا بـــار اُٺـــاوڻ،
وحــدت والـــي وادي انـــدر، مشـــکل پيـرا پـــاوڻ،
ســردا ســودا کــر گھــن اول، پيچــي راھــ پـــُـچاوڻ،
"روحل" سب دي حاجت ناھـِـين، ڪيميـا قلـب کمـاوڻ.

ش شھہ رڳ ڪنون پيي ڪولون وسندا، دوئـي گھتيندے دُوري،
سـيس نـوا ڪے انـدر ويکيـن، ظـاھر پريمي پـُـوري،
ھر گھٽ دے وچ رنـگ اُنھينـدا، نـاري ھے يـا نـُـوري،
"روحـل" جيـوَن سـاکي بـاجھون، حـق دي ڳـال اُڌوري.

ص صـاحب دي يـاد ڪريـن، ايھـہ سـاھ اُتے ويسـاھ نھيـن،
محبت والي راھہ ڪنون ہي، روشن ڪوئي راھـہ نھيـن،
بـار ملامـت سـر تے چـاوين، لـوڪ رُسے پرواھـہ نھيـن،
"روحل" دامن عشق دا پڪڙين، اُس جيھا شھنشاھ نھيـن.

ض ضـرورت تيڪـون ڪھـڙي، ھئنـا ڪـُـوڙ ڪمـاوين،
نـال بـُـران دے صحبت تيڏي، انـگ پيـوت لڳـاوين،
اَمـل حيـاتي قـدر نـہ ڄـاڻين، نـاحق ويـلَ وڃـاوين،
"روحـل" نـانءُ الله دے بـاجھون، ڪوئـي خيـر نـہ پـاوين.

طي طـالب تـرڪ ڪريـن جـي، طمعـي تـال تمـامي،
ھفـت ولايـت تيـڏے خـادم، بڻجـن صـاف سـلامي،
تـون صـاحب دا، صـاحب تيـڏا، رمـز نـہ ڄـاڻي عـامي،
"روحل" موت نہ مارے تيڪون، جي ھوئين عـرش مقـامي.

ظي ظھـورا ظـاھر ھـر جـا، قدسـي ذات دا سـارا،
موجـا مـوج تلاطـم انـدر، پريـم گنگـا دي ڌارا،
ڪرگھـن حـاصل حـال حقيقت، ول عمـر نـہ آسـي يـارا،
"روحـل" اکيـان ڪـول تے ويکيـن، ڪتے سـڪندر، دارا.

عين عجـائب رمـز ربـاني، حـال حقيقـت والا،
جنھـن ڄاتـا ڄـاڻ محبت دا، مـَـگن قـِـڙن متـوالا،
عشق خمار دے وچ گھاري، ڪيـا گرمي تے ڪيـا پـالا،
"روحل" گـُـر اگر مين ھويا، وسر ڳـئے ڪشت ڪشالا.

غين غنا دے صـاحب صوفـي، نظـر تنھـان دي عيـن عنـايت،
ڪيفي ڪيميا قلب ڪماون، ھر دم ڄاھن عشق سلامت،

پـي طهـورا آبحيـاتي، مـاڻن نيهـي نينهـن نهـايت،
هر حالت دے وچ رهندے راضي، شامت آے يا راحت.

في فُقر کنون سڀ حاصل هووے، بے معنيٰ ايهہ دلگيري،
دنيـا اُتے ديـن گنوائيـن، ڪـُـوڙي شـيخي پيـري،
سـاڏ سـڏاڪے مايـا ميڙيـن، ڪشـف ڪرامـت ميـري،
"روحـل" راهہ حقيقـت هـٿ ڪـر، بـاقي ڇـاڻ زهيـري.

ڪاف ڪتابين پڙهہ ڪے خـود ڪـون، سمجهيـن عـالم دانـا،
ڪـنز قـدوري ڪافيـہ آسـان، مشـڪل محبـت معنـيٰ،
علم عقل کنون جو وَڏ ڳـَـئي طالب، اُو فـرد فريد فرزانا،
"روحـل" رمز محبت والي، سچ ڪـو ڄاڻے مـرد يگانـا.

قاف قـدر فـُـقر دا ڄاڻے اوئـي، جـو رمـز رنـدي دا حـاصل،
موهہ کنـون جـو پاسـي هويـا، پـُـرس اُهوئـي ڪـامل،
ڪامِــي ڪـُبـُــدِي اوديـا انـدر، رهنـدا هـر دم شـامل،
"روحل" ساڌ سنگت دے باجهون، مـُـڪتي من دي مشـڪل.

لام لنوئن لنوئن دے وچ جهـوڪ جنهـان دي، آون يـاد سـدائي،
ظـاهر بـاطن ذڪـر تنهـان دا، اور نـہ وِٿـدي وائـي،
"فـَاذڪـُرونــي اَذڪـُر ڪـُـم" دي، مرشد بـات بتـائي،
"روحـل" مـِـليا يـار يگانـا، انـگ انـگ راحـت پـائي.

ميم مـوج محمـدي انـدر پـاتم، سـارا سـَــر الاهــي،
رحمـت عـالم بـڻ ڪـے آيـا، ڏينـدا جـڳ گواهـي،
عرشـون مـنزل بـالا تنهـن دي، جـِـت اور نـہ پهـت راهـي،
"روحـل" اشـرف عـالم انـدر، بيشـڪ ميـڏا مـاهي.

نون نوبـت وجـدي عشـقان والـي، پيـر اُتـانهين ڪـو پـاوے،
بـار برهـہ دا اوکـا ڏاڍا، سـر ڏے ڪے سـورهيہ چـاوے،
موهہ اَهڪنـار کنون ڪر پاسا، ڪام ڪروڌ ڪون ڍاوے،
"روحل" مرتا اڳے جوئي مـَردے، ول موت نہ انهان نون آوے.

واو ويکيــن جنســار حقيقــت والا، مــاهي هرجــا حــاضر،
گــگن منــدل دي گــردش انــدر، نقــش اُنهينــدا ظــاهر،
گـُل قـُل جوت جمال دے شيدا، ذکر ذاتي وچ ذاکر،
"روحــل" شــک نــہ آئيــن کوئــي، اِهــو انــدر بــاهر.

هي هدايــت حــق دي بــاجهون، جــوڙ نــہ کوئــي جوڙيــن،
چوراســي لک پيجــري دا، سنســا ســارا ٽوڙيــن،
نرمــل نــُــوري طوطــي دا، حــال حقيقــت ووڙيــن،
"روحــل" رمــز ربــاني بــاجهون، اور طريقــا چوڙيــن.

لام لنوئن لنــوئن دے وچ لات لطيفـي، اور نــہ کوئـي بولـِـي،
پريـم ساگر دي چڙهـدي لهـدِي، رهـنـدي هـر دم چولـِـي،
رتن املوک مـل گـِيا مينون، يـَـر گـَئي خالي جهولـِـي،
"روحل" آنند هويا حاصل، پريـم دي لـگ گـَئي هولـِـي.

يي يقيــن دي مــنزل چــاڙهين، عشــق حقيقــت، عشــق طريقــت،
عشق بنا ايهہ عمر اَجائي، عشق هـِي عالم، عشق هي دولت،
جاڻ اِهين کنون منهن نا موڙين، عشق هي مذهب، عشق هي مـلت،
"روحل" قول اِهو نا فاسد، عشق عبادت، عشق هـِي طاقت.

كافيون

(1)

سچڻ مون پاڻ پرکيو، رهيو اندر روح،
رهيو اندر روح، سنئيان، سنجهه صبوح.
1- اُڃو کنديس آن جا، تاري مٿان تُوهه........
2- منهنجو من مٺي پيو، ڇڏي کارا کوهه........
3- وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي، پرين جي پاٻوهه........
4- سينگاريندس سنگ جان، ڏيئي روغن روح........
5- "روحل" رتو رنگ ۾، وينو کري وروهه

(2)

پوءِ پروڙيم پنڌ، جيجان جوڳيئڙن جو.

1- نکي داهي هليا،
نکي جوڙيائون هنڌ، وو...

2- نکي وڃائن مُرليون،
نکي چوريائون چنگ، وو...

3- نکي ڏوتائون ڏوتيون،
نکي ڏوتائون لنگ، وو...

4- نانگا نکتا ننگ مؤن،
تن نانگن کھڙو ننگ، وو...

5- لڳو لاهوتين جو،
"روحل" توکي رنگ، وو...

(3)

سانول تنهنجي سک، ڏاڍي شهر پنيور ۾!

1- ڳجهيون ڳالهيون شهر پنيور جون،
لوکون کر لَکَ...
2- راتيان ڏينهاَن روح ۾،
چولي کيو چِکَ...

3- سـر ڏئـي سـُـرڪي سـي پيـن،
وَتـيءَ ۾ پـڪَ پـڪَ...
4- "روحـل" روح الله سـَـان،
وجـي تيـو هـڪُ هـڪُ...

(4)

ڏونگر ڇا ڪندو، جبل ڇا ڪندو،
جڏهن پئي آهيان حبيبن هنج ۾.
1- بيحاليءَ جي مڪان ۾، راس ڪونہ رهندو—
سچو امر الله جو، واٽ وٺي هلبو.
2- جاني هن جهان ۾، وت رتُ روئندو—
حيلا ڪيم هزار، وريو ڪونہ ورندو.
3- "روحل" روءُ نہ ايڏو، هل پيرين پنڌ ڪندو—
پلصراط جي واٽ، لحظي ۾ لنگهندو.

(5)

ڪنڊڙيءَ ۾ ڪلتار ڏنوسي، رانجهو رمزن وارو يار.
1- "وَفي انفسڪُم افلاتُبصرون"، مخفي هي اسرار...
2- رمز رندن جي ڪوڪو پرکي، برهہ جو باري بار...
3- وحدت واري واٽ وڃ تون، وِتي نہ آڇ وار...
4- "روحل" رهجان رمز انهيءَ ۾، بي سپ ڪوڙي ڪار...

(6)

ماهي ميڏا مير تي آيا، سَنڌ سَنڌ وچ مل جيءُ جڳايا.
1- ڏيو مبارڪ مل مل سنيان، گود حبيب دي آن ڪے پئيان،
وہ ميڏا، مين اُهندي تيئان، ڏيکيا درس، بهت سُک پايا.
2- انگن آيا پريتم پيارا، باجي نوبت نينهن نقارا،
لُون لُون وسدا مليا چتڪارا، سُن سُن ڏُن پريت گيت گايا.
3- مين آياٽي نينهن کيا چاٽان، نال نماٽي دے ڪر نا ماٽان،
"روحل" دے تون ساهہ سيباٽان، مين بانهڙي ڪون چاڳل لايا.

(7)

نینھن لگا من پیارے دا،
پیارے دا، کلنگي وارے دا.

1- بنھان لوکان نون مت مرینداء،
عاشق قتل نظارے دا...

2- چند کڑیا سارا عالم ویکھي،
سین ویکان رخ پیارے دا...

3- ھر دم جبان چ کس رھیا ھے،
ھکوئي گل ھزارے دا...

4- "روحل" رب ھجر دي ڳیئي،
ڍوندیا لڌا گھر سارے دا...

(8)

لگڑا باڻ ماھي دا من وچ، ھو حیراني کڑیان.

1- خوني دو چشمان یار میڏے دیان،
زور دونالیان لڑیان...

2- درد مندان دے مارڻ کیتے،
فوجان حسن دیان چڑھیان...

3- "مین" دا کوٹ کدیتے اٹکن،
بھن جگر وچ وڑیان...

4- "روحل" روپ رانجھن دیان رمزان،
پا کر پیچ اُٹائین اَڑیان...

(9)

یار طبیبا، وے میان، دوست طبیبا وے میان،
تیڈي ڳالھیان مول نہ پاوین.

1- سول ھي میکون یار سجن دا،
نبضان نون ھٹ نا لاوین، یار طبیبا...

2- اگڻ عجیبان دے ویندے،
ھیٹا حال سٹاوین، یار طبیبا...

3- ٻُڪيان ڦَڪيان ہے کون ڈیوین،

مین کون محب ملاوین، یار طبیبا...

4- ڦکیان تیڈیان فرق ناکریندیان ......

ناحق ھرج نہ لاوین یا طبیبا ...

5- آکے "روحل"، رب حسینن دے،

درسن پاک وکاوین، یار طبیبا...

(10)

ایھے دل ڍولڻ سائین، جند وچھوڑا سھندا ناھین،

اکیان سکندي ویکڻ کیتے، کول گھونگھٹ چا سائین.

1- تو بن دل ہے درماندي،

سیج سُتے نیٹان نند نھین آوندي،

کَڙ رستي اُے پچان پانڌي،

بولے بولے کانگ اُڈائین.

2- کنھن سیاڳي سَڈ سُٹایا،

جان جاڳان تان جاني آیا،

اکیان ویک ماھي ڳل لایا،

شادي مَین کیڌ ھُڻ ڍول وچائین.

3- عشق سوداگر اھ کر کیتا،

سِر دا سودا رانجھن نیتا،

"روحل" آءِ ملیا مَن مِیتا،

ڈے ڳل بانھن سدا سک پائین.

(11)

سُھیلڙي عاشق تیوان، میڈے دانا وے،

عشق اللہ دا مشکل پوندا.

1- عشق اللہ دا اوکا آٹانگا،

نھین رکدا سر دا سانگا،

خون جگر دا پیوان—

عشق اللہ دا مشکل پوندا.

2- جوڳ جڳت وچ آهن جاڳا،
سُرت دي سُئي، ڌيان دا ڌاڳا،
گيـــان گـــودڙي ســـيوان—
عشــق الله دا مشــڪل پونـــدا.

3- ”روحل“ آکے مست موالي،
درد وندان دي ھے، اهائي چالي،
جيئنـدے مـَـر ڪـر جيـوان—
عشــق الله دا مشــڪل پونـــدا.

(12)

سئنيان ڙي مين اِيءُ نہ ڄاتا ڄاڻ، وسندا دل وچ.

1- مين متوالي ٻاهر ڍونديندي،
جهنگل روهہ پئي ووڙيندي،
شهر رانجهن دے ڪاڻ- وسندا دل وچ.

2- لؤن لؤن وچ ھے جهوڪ جنهيندي،
ڳالهہ نهين ھے چوڻ آکيندي،
او ميڏاڙے، مين اُهندي هاڻ- وسندا دل وچ.

3- پانچ سَکي مِل منگل ڳايا،
”روحل“ رات ڳئي دن پايا،
چوڙيا ممتا ماڻ — وسندا دل وچ.

(13)

اڪئيــن پريــم پيــالا، ڪــا جــا ســَـڪيان چــالي.

1- جيت ويکيـان اُتے موهني مـورت، مــاهي ميــڏے والــي...
2- لؤن لؤن وچ ھے جهوڪ جنهيندي، جاءِ نهيــن ڪــا خــالي...
3- جنهن دل اندر ديدار نہ ڪيتا، ڪــاڏا نــانگڻ ڪــالي...
4- ”روحــل“ رنــگ ربــانـي رتــڙا، درجــا پاتــا عــالـــي...

(14)

لوڪ آکي ٿي "روحل" بولیندا،
ڪوئي آکي ٿي ذات زنگيجا:
نهين "روحل" نهين ذات زنگيجا،
اي ڪو سرِ الاهي ٿي.
1- ڪفر اسلام ڏونهان توئن نيارا،
جيوين جَل دے اندر ڏيکن تارا،
دل دريا وچ ڪيڏ اساڏا،
جيوين پاڻي وچ ماهيِ ٿي.
2- ڪيئي ڪوڙا ڪيئي سچا سڏيندے،
رمز رندي دي نهين سمجهيندے،
اُو ڪيا ڄاڻن حال اساڏا،
جنهن دل داغ سياهي ٿي.
3- ڪامل مرشد راهہ بتايا،
"روحل" وچون روح الله پايا،
آخر ذات ملي وچ ذاتين،
ڏيندا عشق اوگاهي ٿي.

(15)

مـــــاهي وســـــندا دل دي نيـــــــڙي،
گهـــول گهتـــان تنهـــن تـــون کيـــڙي.
1- ساڏي پيت سُهاون جائين،
جت وسندا رانجهن نيڙے،
نِـت ويکان سنجهہ صباحين،
طعنے ڏيندے ڏکي پيڙے.
2- ميڏي دل وچ تيڏيان جهوڪان،
ڏر دي، لُـڪ نہ سگهان مين لوڪان،
لڳڙيان عشق تيڏيان دي نوڪان،
تئن بن مُول نہ پاون ويڙهے.

3- سيج اُتي چڙهه نوشهه آيا،
سهج ڪنون چا انگ لڳايا،
جنهن دي آهر سو شهه پايا،
لڳي محبت ڪون ٻِگيڙے.

4- دلبر دل دي ڪـِڙڪي کولي،
لُـڪ چوراسي دي سمجهي ٻولي،
"روحل" چندڙ پيا وچ جهولي،
ٿُـتي سياليان دے جوڙے جهيڙے.

(16)

سـائنيان ميـن نـون ايويـن پـاوے،
چڙهـ عـرش ڪرسـي تـے درسـن دکـاوے.

1- تن من دا مين ڪَران، وچاٽان
سيـج پـِيئـا چڙهه آوے...

2- پانچ سَـکي مـِل منگل ڳاوے،
هير مـاهـي در پـاوے...

3- "روحل" روح دا مليا ماهي،
کيڙان دي ڪوڙي دعاوے...

فقير مراد صوفي

سنڌي ڪلام

معرفت

(1)

سا مَـن[1] سـک[2] "مـراد چـوي، جـا پـر پتنـگن،
اڇـن اَجَــلَ سـامهان، سـِـرَ جـو سـانگ نـہ ڪـن،
جـن ڪـي مـوت مشـاهدو، سـي رَتـي ڪيـن رهـن،
سـاعت سـين نـہ سـهن، پـاڻ برابـر پـِـرَ جـي.

(2)

جـي اڇيــن تـان اڄ، اَتـِــي اڄ "مــراد" مشــاهدو،
پـَـئـِـي پروانــن جــان، رنـگ پريـان جــي رڄ،
پـَـسي موت مَ مَـڄُ، اَتـِـي سـِرَ جي ساتي سُـپرين.

(3)

جـي ٻـارين تـان ٻـار، انـدر باهـہ برهـہ جـي،
متـي مـچ، "مـراد" چئـي، ڪئـي پتنـگن پچـار،
تـہ جيئري جانب نـہ مـِـڙي، توڙـي حيلا ڪريـن هـزار،
دوسـاٽيءَ درٻـار، تـا مـُـوا ڪـن مشـاهدو.

(4)

جــي اڇيــن تــان آءُ، اَتـِــي اڄ "مــراد" مشــاهدو،
پئـہُ تـون پروانــن جــان، متــي عشـق اُهــاءُ،
ترس مَ پـَـسي تاءُ، اَتـِـي سـِرَ جي ساتي سُـپرين.

(5)

محبــت جــي ميــدان ۾، ڏيـڻ سـر ثـواب،
جـو آڏو عجيبـن ڪـي، آهـي هئـڻ جـو حجـاب،

---

(1) سامين (غ).
(2) سڪ (غ).

مَـرُ تـہ تئيـن، ”مـراد“ چـوي، محبوبـن جـو بـاب،
جئن سو گل گلاب، تـِي[1] پيش چُـڪايو پاتشـاھ.

(6)

جـي تـون عاشـق آھئيـن، وڃـي سـور وِھـاءِ،
سـدا سـِـڪ پريـن جـي، انـدر رُوح رِھـاءِ،
اکيـن منجھـہ ”مـراد“ چئـي، ڪـر جـانب جـي جـاءِ،
پـل پـل ۾ پيـو پـاءِ، سـُـرمون سـپرين جـو.

(7)

جـي تـون سـچي سـاھ، آھـي سـِـڪَ پريـن جـي،
تـہ مـُـڙج مَ ملامـت ڪـون، ھـيءَ رھبـر آتـِـي راھـہ،
ٻـُـڌي ٻـوڙو ٿـيءُ تـون، ڪَـنين وجھـہ ڪپاھـہ،
ڪـُـچ ڪنھيـن سـان ڪينڪـي، جـا وٺـي سـا واھ،
صبـر ريءَ صـلاح، ٻـي ڪـانھي مـُـور، ”مـراد“ چئـي.

(8)

جـي تـون سـِـڪَ پريـن جـي، تـہ نـاحق ڏور مَ ڏور،
”ھـُـوَ الاول، ھـو الآخـر“، جيئـن سـو نيٽيـن نـور،
”ھـُـوَ الظـاھر، ھـو البـاطن“، ھـر دم آھـہ حضـور،
ٻيـا سـي فنـد فـُتـُـور، مـاري ڪـڍ، ”مـراد“ چئـي.

(9)

مـُـئن جـي مـت، ”مـراد“ چئـي، ھنئيـن آڻ مَ ھـَـڏ،
پانـڌو پـَـج پـَـرم جـو، ھـي نـِـڪرُ نوڪـي چـڏ،
تـہ ڪـُـنير ڪـَـچئين گڏ، توکـي ٻيھر ٻاري ڪينڪـي.

(10)

مـُئن جي مـَت، ”مـراد“، چئي، تـون ھنئيـن ھـَـڏ مَ آڻ،
سو نـِـڪـر نوکـي چـڏ تـون، جنھـن پانـڌي پـِـيَـڙو پاڻ،
تـہ ڪـُنير ڪـَچئين سـاڻ، توکـي ٻيھـر ٻـاري ڪينڪـي.

---

[1] تئن (غ).

(11)

هڪ وار نہ ڏنئي يار، تو وايون ڪرين وصال جون،
ڪَيئي نہ قطري جيترو، دل اندر ديدار،
لائون اڳيون لوڪ جي، تو هٽين لک هزار،
"لَعنت الله عَلَي الڪاذِبين"، هيءَ ڪوڙن سين ڪار،
جي پُڇئي تہ پار[1]، نہ تہ مني مات، "مراد" چئي.

(12)

جئن سو سهس سمنڊ ۾، لهرين[2] لک هزار،
تئن وحدت جي درياهہ مان، تيو پيدا سڀ سنسار،
جمڻ مرڻ "مراد" چئي، پَسُ پاڻيءَ جو پارُ،
ٻيو ڪونهي ڏٺي ڏار، آهي سڀ گهَٽ نُور نِسهرو.

(13)

ڪَهٽي ڪَهي سيڪو، پر رَهٽي ڪين رهن،
ذات نہ پُرجهن پانهنجي، تا ٻڌيو بات بَڪن،
سي مَنَ ميرا "مراد" چوي، لڪيا ڪين لڪن،
توڙي ڪوڙين مَڪَر ڪن، تہ بہ پارين آهن پڌرا.

(14)

جن کي عشقَ جاڳائيو[3]، سي نيٽين ننڊو ڪئن ڪَنِ،
پِي پيالا پُر تيا، هٿئون حبيبنِ،
صورت سُپرين جي، اٺ ئي پَهر پَسنِ،
"مراد" مرادون تن، پِرَ گڏجي پوريون تيون.

(15)

جن کي منجهہ معراج، آهي حَج "مراد" حضور جو،
سي مَڪي جا محتاج، ڪامل تين ڪينڪي.

---

[1] جي ٻولين تہ پاڙ (ب).
[2] لهريون (غ).
[3] جڳائيو (ب).

(16)

وحدت جن وجود، آهي ڪعبو تن جو ڪوڏيو،
سي ڪنهن کي ڪَنِ سجود، جي پاڻ "مراد" مَڪو ٿيا.

(17)

دنيا ڪارڻ دين کي، تو ورسيا وسارين،
ڪَتِي بازي بانورا، هٿين تو هارين،
ماري مَن "مراد" چئي، جي وحدت ڏي وارين،
تہ هوند جاڏي نهارين، تاڏي سَچڻ پَسين سامهان.

(18)

تَنِ پرين، مَنِ پرين، چِتِ پرين، دل يار،
اندر باهر سُپرين، وِٽ نہ آهي وار،
اکين منجهہ "مراد" چوي، بيو ڪونہ قريبين ڏار،
جاڏي ڪريان نهار، تاڏي سَچڻَ پَسان سامهون.

(19)

تون آهين تئن پرينءَ سان، جئن پاٽي ۾ ماڪُ،
قوڙائو، فراق، توتي ڪونهي مُور، "مراد" چئي.

(20)

تون آهين تئن پرينءَ سان، جئن پاٽي ۾ پارو،
هيءَ پَسُ مَ پَسارو، جو آهي مڙو[1] محب، "مراد" چئي.

(21)

آنن پهرن مان پهر، ۽ پاءَ پَهر ڪان پي ڪم،
گهڙي تان گهٽو تئي، جي دُرس ڪٽي هڪ دَم،
تہ هوند لَهنِين گوندر غم، محشر جا "مراد" چئي.

(22)

اکر پڙهي سيکو، نُقطو پڙهي نہ ڪو،
ورق جو وصال جو، ساري سِکي نہ ڪو،

---

[1] مڙئي (غ).

معنيٰ ڪارڻ "مراد" چئي، هٿ هٺندو پو [1]،
وائي تنهن ڪي وو، جنهن دوست نه ڏنو دل ۾.

(23)

ڪَنز، قدوري، قافيه، توڙي پڙهين نحو صرف،
توهه مُلن کان "مراد" چئي، اينده ڪين الف،
جنهن کي هاديءَ ڏنو حرف، تنهن کي علم سڀ عيان ٿيو.

(24)

حاجي مَڪي هليا، ۽ تا عاشق عرش وڃن،
هُو سير [2] پسي سرها ٿيا، هُو تا حج حضور پڙهن،
هن تَنَ مَنَ منجهه طواف ڪيو، هُو تا پورا پِيت پَسن،
سي انڊا ساڻ سَڄن، ڪئن موافق ٿين "مراد" چئي.

(25)

هڪ عابد باغ بهشت لئه، تا ياد عبادت ڪن،
بيا طالب طريقن ۾، مُوڙها پَسُ منجهن،
ڪي قلبي، روحي، خفي، اخفا، سري نا سمجهن،
مهندان محب "مراد" چئي، تا حيف حجاب وجهن،
پر آءُ قرباني تن، جن هي پردا ڦاڙي ڇڏيا.

(26)

"لا" ڪي لاٿو جن، ۽ ثابت ڪيو اثبات ڪي،
سي عاشق اولا ۾ آيا، تا نت نماز پڙهن،
سي ذاتي ذات کي ويجها ٿيا [3]، تا سنمک سجدو ڪن،
سي هر دم پرين پَسن، جي "مُوتُوا" ٿيا "مراد" چئي.

(27)

هادي! هدايت جو، ڪو پيالو مون پيار،
مستي جا محبت جي، سا مون ذات ڏيار،

---

[1] پوءِ (غ).
[2] سچ (ب).
[3] ذوالوجهين (ب).

وِسرُ ڪيم "مراد" چئي، مَ ڪي مون وسار،
سا ڪا نظر نهار، جنهن سان تنهنجي رنگ رَچي رهان.

(28)

ڪلمو پڙهي سيکو، پر پُرجهڻ پري ٿيو،
پڙهي جن پُرجهيو، تن ڪينو ڪين ڪيو،
"انا احمد"، "مراد" چوي، وحدت منجهه ويو،
وڃي تِت پيو، جِت حَقَ حقيقت هيڪڙي.

(29)

ڪلمون قلوب ۾، سي هردم حق پَسن،
وڃي وحدت ۾ پيا، پرتا سا پرين،
ري الله اکين ۾، بيو قطرو ڪين سهن،
"مراد" مرادون تن، پِرَ پَسي پوريون ٿيون.

(30)

چڙهي چيتن رنگ، لُنءَ لُنءَ ۾ لالي،
خاوند ريءَ خالي، سُئيءَ پاهو نه ڏسان.

(31)

هئڻ ساڻ الله، عيش نه عيشن جهڙو،
چاجي روءِ زمين جي، شاهي ڪري شاهه،
پر تنهن کان بهتر آهه، هڪدم هئڻ هوت سان.

سُر سهڻي

(1)

جنهن کي عشق اُتاريو، سا سانگو کري نہ ساهہ،
موٽڻ تنهن کي ميهڻو[1]، پَسي دور درياهہ،
جهَلِي رهي نہ جهول ۾، ڏي لهرين متي لاهہ،
ساهڙ جي صلاح، وجي ملِي مُنڌ، ”مراد“ چئي.

(2)

مَئي مَتي مهراڻ جو، نہ کو آر نہ پارُ،
لهرين ليکو ناهہ کو، اُونهو جت اَجهار،
اَڻ تاريءَ کي تار ۾، جئن تارين تئن تار،
منهنجي ساڻ ميهار، ڪج ملاقات ”مراد“ چئي.

(3)

تون تارين تان تارِ، هيءَ اَڻ تارِي مهراڻ ۾،
لکين لهريون لَسَ وهن، اويارون اوتارِ،
جت کَپَر کُنُ ڪڙڪا کري، بيو آڏي بجهي بارِ،
اُتِ[2] پرين لنگهائج پارِ، کَج مون مُهت ”مراد چئي.

(4)

سَيَرُ سائر هيڪڙو، لهرين لک هزار،
”تون“ جلي هن تار مون، پَلي ويهہ پچار،
مَرجيو، ”مراد“ تي، پيهي ويهہ پاتار،
تان نائي نيڻ نهار، تہ منجهيئي موتي لَهين.

---

[1] مهڻو (غ).
[2] هِت (ب).

(5)

نـــ آورار نـــ پـــار [1]، نڪـــو ســـاهڙ ســـــيرَ ۾،
ڇـــا ڪـــي ڇولـــيءَ ۾ گهڙيـــن، اَتـــــي مـــَــن ميهـــار،
توهـــي[2] ۾ تڪـــرار، آهـــي مـــُـــنڌ! "مـــراد" چئـــي.

(6)

تـــو هـــي[3] منجهـــ مهراڻ، تـــو ۾ مـــا ڳ ميهـــار جـــو،
دلبـــر اَتـــــي دل ۾، ڇـــو پـــاڻيءَ وجهيـــن پـــاڻ،
وينـــي ڪـــر قريـــب ســـان، انـــــدر روح رهـــاڻ،
تو ساهڙ توئي ساڻ، آهي سي ڪنهن مهل "مراد" چئي.

(7)

جنهـــن ســـيبائي ســـاڻ، ســـيٺهـ ڪنئيـــن ســـچ جـــي،
لهـــر نـــ لـــوڏي[4] تـــن ڪـــي، جـــا گهـــوري گهـــُـري پـــاڻ،
محبـــت جـــو مهـــراڻ، تـــو تـــاري اڻ تـــاريءَ ڪـــي.

(8)

جن ڪي سيٺهـ سچ جي، سي تـــُـرهي تـــات نـــ ڪـــن،
ڪـــدين نـــ ڪـــاڻ ڪنيـــار جـــي، پيلـــي تـــي نہ پـــُـلن،
رکـــي روح رضـــا تـــي، تـــا طـــالب تـــار تـــَـرن،
ســـي محبتـــي مـــِـڙن، وجـــي محـــب ســـاڻ "مـــراد چئـــي.

(9)

پيلـــي تـــي مَ پـــُـلاءِ، جـــو ڪچـــي مـــان ڪيـــن تئـــي،
توهـــ تنهنجـــو تـــُـرهو، تـــو لهريـــون لـــَـسَ لنگهـــاءِ،
کهـــڙو پـــَـوءُ پـــَـريـــِـن جـــو، جـــن بيـــڙي باجهـــ سنداءِ،
اچي پرين پاڻ پـــَـساءِ، ڪر مون تي مـــُـهت "مراد" چئي.

---

[1] نہ أو آر نہ پار (ب).
[2] تونهين (غ).
[3] تونهين (غ).
[4] اوڏي (غ).

(10)

تَرج ڪيم تَرسُ، محبت جي مهراڻ[1] ۾،
پيچائيندي[2] پِرَ ڪي، خوف مَ پائج خَسُ،
وينـي ماڻ "مراد" چئي، روز رهاٽيون[3] رَسُ،
تون پاڻ پُرجهي پَسُ، جو آتي ساهون ساهڙ اوڏڙو.

(11)

مري جيئن تان مَنگُ، پيالو پريت جو،
نهوڙينـدءِ نڪريان، آتي نينهن نهنگُ،
تاڻي نيندءِ تار ۾، وجهي وحدت وَنگُ،
تون ڏيندي سِر مَ سنگ، تہ پَسين محب "مراد" چئي.

(12)

جڏهن سُئائين سانير، تڏهن سانير تي سهٽيءَ ڪي،
وَتوُنَ ور آتي ڪري، وجي پئي ويرين وِرَ،
جا گهڙي ڪَر ڪُنن ۾، تنهن جي قادر لهج ڪَرَ،
سا نيئي ميڙ ميهَر، منجهون مهر "مراد" چئي.

---

[1] مهراڻ (غ).
[2] پهچائيندي (ب).
[3] ڏهاڙي (ب).

بيت سوال - جواب سسئيءَ جا

سوال:

تَـڙ تَـڙ تـڪ مَ تـور، ۽ ڪـيـچ ڪچـاڙي ڪـي وڃيـن؟
نڪي هـاڙهي هـوت ويـوءِ، نڪـي حَـسـب، هنگـورو،
موتـي وچ "مـراد" چئـي، پـوري! منجهـ پنيـور،
نـاحق ڏيهـ مَ ڏور، اَتـي دل ۾ ديـرو دوسـت جـو.

جواب:

عاشـقن ائيـن، ڪيـبن سـَـري ري سـڄـڻين[1]،
موتـڻ جـا "مـراد" چئـي، تـون ڪـئـن تـو ڏسَ ڏئيـن،
پيـالو پريـت جـو، جـي هتـئـون هـوت پئيـن،
تہ جانڪو ڏينهن جئين، تـان ڪوڪون ڪرين قـاف ۾.

سوال:

قـاف ڪچاڙي ڪاڻ، تي ڪوڪـون ڪرين قـرب[2] لئـہ،
جـن پريـن لئـہ پنـڌ ڪريـن، سـي تـان توهـي[3] سـاڻ،
موتـي وچ "مـراد" چئـي، اوڳـي منـڌ اَچـاڻ،
پيهـي نهـارج پـاڻ، اَتـي دل ۾ ديـرو دوسـت جـو.

جواب:

جـي دوسـت پنهنجـي دل ۾، سـڄـڻ ڏنـو جَـن،
ويهـڻ تـنـن ڪـي وهـُ تيـو، نڪـي سُـڪ سمهـن،
موتـن ڪـئـن "مـراد" سـي، محـب جـنـن جـي مَـن،
هـڪ تـات نـہ اتـي تـن، بيـو اُڪـنـدين آڏو وريـن.

---

[1] سڄـڻان (ب).
[2] ڪوڪون ڪرين ڪانڌ لئـہ (ب).
[3] توهين (خ).

<u>سوال:</u>

اُڪندين آڏو ورين؟ سنئُون ڏنوسون ڏس،
محبتن ”مراد“ چئي، شل گهوري لڳي مَ ڪَسُ،
دلبر اتي دل ۾، رڙهي تنهن ڪي رسُ،
تہ جڳ پڻ چيئي[1] جَسُ، هوت بہ ڳڏجئي هُتهين.

<u>جواب:</u>

جَسُ تنين کي لِکيو، جي جودون جهد ڪن.
گهِڙي لذائون گهَٽ ۾، سندو پير پرينِ،
وَهہ پيا وحدت جي، بيون ڏنائون بن،
تن سک نہ سالڪن، ويا هي- هي ڪندا حق ڏي.

<u>سوال:</u>

هي - هي هِنئين ۾ ڪجي، تون ٻاهر بات مَ بَڪُ،
”الانسان سِرّي وَ اَناسِرّه“، ساري پڙهہ سبق،
”نحن اَقرب اِليہ مِن حَبلِ الوَريد“، واري پس ورق،
تہ هاري! توکي حق، هوت بہ ڳڏجي هُتهين.

<u>جواب:</u>

جي هُتهين هوت ٿيوم، تان پي ڏاڍي ڪنهن ڏک مڙي،
”اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ“، ”قالوا“ ڪن پيوم،
”ڪُل شيءِ قدير“، سٽي سک ويوم،
تهان پوءِ ٿيوم، پسڻ پارُ پرينءَ جو.

<u>سوال:</u>

جي پسين پار پرين جو، تان رڙهج متي راهہ،
دلبر اَتي دل ۾، ڪاڏي ڪنديئَن ڪاهہ،
”ڪل شيءِ محيط“ سٽج هيءَ صلاح،
ساجن شامل ساهہ، اَتي محب ”مراد“ چئي.

---

[1] رهيئي (ب).

جواب:

ساجن توئن سؤ وار، سر صدقو ڪريان ساهَ سان،
تن ۾ اتم تنهن جي، اِنئي پهر پچار،
جي پاڻ نہ هلين پير ڏي، تہ ويندين هَڏ مَ وار،
توڙي حيلا ڪرين هزار، تان پي پير پوئاهون نہ ڪٺان.

سوال:

پذر ڪڻ مَ پير، هل هنئين سين هوت ڏي،
تو هِي منجهہ ”مراد“ چئي، سپيريان جو سير،
سي سپ سچڻ تنهنجا، جي ڏجهڻ پانيئي ڏير،
وچون لاهي وير، هل تہ پسين هوت کي.

جواب:

جن پروڙيو پاڻ ۾، وريو تن وصال،
ويا تنين ڪان وسري، ڪايا، مايا ڪال،
محو ٿيا محبوب سان، ڪُچن قيل نہ قال،
سي ڪِئڙا نينهن نهال، محبتي ”مراد“ چئي.

سوال:

وچي وهاٽي، تو سمهندي صبح[1] تيو.
”مُوتُوا قبل انت مُوتُوا“، چاتئي نہ چاٽي،
پاڻ نہ ماريئي پر لئہ، تي واتون واڪاٽي،
حيف وڃايئي هوت ريءَ، جوين جواٽي،
هاڙهياٽي هاٽي، پرينءَ منجهہ پروڙ ڪي.

جواب:

آءُ چئي چونديس ڪيترو، ڳالهہ مڙيائي هڪ،
جنهن کي سچي سڪ، سا پسندي پرينءَ کي.

---

[1] صبوح (ب).

بيت سسئي
(باب وصال)

(1)

ونـي كونـ ويـوءِ، آهـي هـوت تنهنجـيءَ هنـج ۾،
چـا كـي ڏوريـن ڏونـگرين، سـاٿي هـوت سـندوءِ،
تـو ۾ محـب "مـراد" چئـي، نكـي[1] كيـن لِـكوءِ،
پـَسُ متـان پريـن پـوءِ، اَتـي پـاٿئون پريـن اوڏڙو.

(2)

هينئڙي هوت ٿيوءِ، تـون كيـچ كـُـچاڙ كـي وجيـن،
توسـان محـب "مـراد" چئـي، سـڄڻ آهـ سـندوءِ،
ونـدر كيـن ويـوءِ، كٿـي وَرُ نهـارج وَتِ ۾.

(3)

ونـدر سـي وجـن، جنيـن وَرَ وجائيـا،
منهنجـي محـب "مـراد" چئـي، مونهيـن وَٽ وَسـَنِ،
جـي پـل پـل پريـن پـَسنِ، سـي ڇـو ڏورنِ ڏونـگرين.

(4)

سـُـڏكيونَ ڇـو سـُـوَر، بڌائيـن بيـن كـي،
اوڳـي اورج مـامَ سـان، محبتـن مذكـور،
مـاندي تـي مَ "مـراد" چئـي، ڏيهـ نـ اَتـي ڏُور،
آهـن[2] هـوت حضـور، پـر جـي پيهـي پـاڻ نهـارئين.

---

[1] لكي (ب).
[2] آهي (خ).

بيت سسئي
(تاڪيد طلب)

(1)

سرتيون سِکي ساهه، پڻ عينَ اُداسي اُنَ ري،
پسڻ خاطر پِرجي، روز نهاريان راهه،
وني محب "مراد" چئي، ويا آرياڻي ارواح،
آڻين شال الله، تہ ڏسيو لاهيان ڏڪڙا.

(2)

حجت حبيبن سان، ڪاڻياريون ڪئن ڪن،
جن حق نہ رکيو هوت جو، سي ڇو دعوا دم هڻن،
کهڙو منهن "مراد" چئي، وني ڪيچ وڃن،
شل اَوِکُڻ ڳَڻَ نہ ڪن، پوي ٻاجهہ ٻروچ کي.

(3)

اُتي سنبهہ سسئي، پير پنهوءَ جو پَسُ،
تان ڪِي ڏورج ڏونگرين، جان کي لڳئي وَسُ،
موڙج ڪِير "مراد" چئي، ڇڏي گونگن[1] گَسُ،
مَنَ ڪو ڏيئي ڏَسُ، سُونهون اِنهيءَ سات جو.

(4)

وَڻ وَڻ هيٺ نہ ويهہ، مرنديءَ ڪين "مراد" چئي،
توڪل جا تنبو آڏي[2] ڇُلي ڇپر پيهہ،
ڏونگر تنهنجو ڏيهہ، لوچ تہ لهين پِرُ کي.

---

[1] گنگين (ب).
[2] ڏي (ب).

مومل راڻو

(1)

تـون سـوڍو آهيـن سـو نــ، جهـڙا ٻيـا جهـان ۾،
ٻيـا جـي راڻـا، راڄيـا، تـــرُ برابـر تـو نــ،
تنهنجو مـَـٽُ "مراد" چئي، آءُ ڪـامل ڪريـان ڪونـ،
سَـرُسَ ٽيان ڪون سونَ، جي اڇي پارسَ پاسو تـون ڏئيـن.

(2)

تـون راڻـو تـون راڄيـو، تـون راوَن[1] جـو راءُ،
ڪـامل قربـاني ڪريـان، ڪٺـي سـوڍا سـپ متـاءُ،
تنهنجو مـَـٽُ، "مراد" چئي، آءُ لهان ڪـانڌ ڪتـاءُ[2]،
عـاقلَ اڳـڻ آءُ، تــ سـرتين سـُـڪائون ڏيـان.

(3)

سـرتين سـڪائون، تــو لئــ مجيـون مينـدار،
آءُ تـان انهـن ڪـي ڏيـون ، ويتـر واڌايـون،
عـاقلَ اَرڏيـون، اڇـي منهنجـون ميـٽ "مـراد" چئـي.

(4)

جئـن سـو سـاھ سـرير ۾، تئـن سـوڍو سـاماڻو،
ڍَٽ پـــَـٽ وائـي هيڪـڙي، سـپ راڻـو ئـي راڻـو،
پر جي مـون جئـن چاڻو، تـ پـَسو محب "مراد" چئـي.

[1] رائن (خ).
[2] ڪواء (ب).

عمر مارئي

(1)

عمر ماڻُ مَ ڪر، پسي دَور دَماڪ،
تو پليرا پونءِ پر، خان ڪَپي ٿيا خاڪ،
ڪندءِ موت مٿي ٿي[1]، هاجي سندي هاڪ،
پانئج ڪيم مذاق، ڪٿي باندي موک "مراد" چئي.

(2)

عمر ڪر مَ ماڻُ، پسي ڪوٽ ڪچهريون،
هي سُڪَ سانگي سُومرا، ڪين هلندءِ ساڻ،
هت وايون ويندءِ وسري، جت پاڪ پچندءِ پاڻ،
نہ تا نيئي ميڙ اُماڻ، مارُوئڙن "مراد" چئي.

(3)

عمر ماڻُ مَ ڪر، پسي ڪوٽ ڪچهريون،
هوندءِ ڪين هميشہ، هيءَ دنيا دولت در[2]،
متانهين "مراد" چئي، ڪٽج نيڪ نظر،
"ڪُل يَوم بَسَرِ"، هي سٽج قول ڪنن سين.

(4)

هن منهنجي حال، جي سڌ نہ آهي سومري،
"وَ نحن اَقرب اليہ"، واحد ڪَيَم وصال،
پسي نُور نسوهرو، ٿيڙا نين نهال،
پلي ڪيڙو پال، گڏيا محب "مراد" چئي.

---

[1] تو (ب).
[2] زر (غ).

بيت نوريءَ جا

(1)
ڪــني ڪوجهــي ڪـُــوڙِي، نـُــوري نمــاڻي،
هتئـُون وتــي جنهــن جــي، ڪــو پيئــي نــا پــاڻي،
سا محلــن منجهــہ "مــراد" چڙهي، تــي مرڪــي مهــاڻي،
جيلهان سمي سيباڻي، تيلهان سونهي منجهہ سرتئين.

(2)
ڪــني، ڪوجهــي ڪـُــوڙِي، نـُــوري نمــاڻي،
تي آئي ڇتَ ميڇيءَ جي، جنهن مون ڪالهہ ڪِڪي هاڻي،
اڄ سمي ڄام سهاڳ سان، ڪئــي راڻيــن جــي راڻــي،
سا مر مرڪي مهاڻي، جنهن سڀ معافيءَ ۾ "مراد" ڪيا.

(3)
مــر مرڪــي ملاحــن ۾، نـُـــوري نـُـــوراني،
جنهــن جــي جهولــيءَ چنــڊ جهلــي پيــو، سمــو سلطاني،
تنهــن معافيءَ ۾ "مــراد" ڪيــا، تيــا سمــي جــا ثــاني،
جي هئا ڏيهہ سدا ڏاني، تــن جو ڏيهہ اڄي ڏاني تيــو.

(4)
نـُــوريءَ، ســان نيڻــن، ڏيئــي رمــزون راءُ ريجهــائيو،
سمــي جــي سهاڳ ســان، تـِــي جهولــي جهــَــروڪن،
تنهــن مـَــتڪي مهــريءَ مــصري، لاڻــِــي ملاحــن،
سڀ معــافيءَ ۾ "مــراد" ڪيــا، ڪٺي ڄــام تمــاچي تــن،
سي مر ڪوڏ ڪينجهر ۾ ڪن، جن توڻ لٿا حرف حساب جا.

(5)
هــو جــي هئــا مرَ ڪــت، ســي راڻــي ڪٺــي ڪــت چاڙهيــا،
ريءَ پـــت پهــرن ڪينڪــي، پيــو پيــر نــہ ڏيــن پــٽ،
پيِئن مـَـت "مراد" شراب جا، جن ڪالهہ مـَـتي هئا مـَـتَ،
سي اڄ ويهي پاسي وَتَ، ونــن وَتَ سمــي سلطان جــي.

ليلا چنيسر

(1)

هيئَن ليلان پانيو هو نہ، تہ مڪر ڪوئروءَ مَن ۾،
نہ تہ هارَ متوئن هَنڌ هيڪڙي، وارُ ڏئي تنهن تو نہ،
سا نماڻي ”مراد“ چئي، چاڪون پَسي چو نہ،
جنهن جو ڪامل توريءَ ڪونہ، تنهن ڪي دَستون چڏ مرَ، داسڙا!

(2)

ويچاريءَ ويساه، آيو ڪوئروءَ جي ڪُوڙن تي،
نہ تہ مَتي ڪئن مَٽئي تي، محب پنهنجو ماهُ،
سا نماڻي ”مراد“ چئي، ڏئي ڪهڙي ڏاهہ[1]،
جنهن ڪي ڪنڌي ڪانہ ڪا، والي توريءَ واهَ،
تنهن ڪي لڳ الله، دَستون چڏ مرَ، داسڙا!

(3)

جو تو هاري پانيو هارُ، سو تان مٽيو مُور مَڪَر جو،
هن ڪوئرو ڏُتيون ڪيتريون، ليلان لَڪَ هزار،
موهي منصوبي سان، نَرُ وني وئي نار،
انهيءَ مهل ”مراد“ چئي، ويلو اُتي وار،
نہ تہ موتي چام[2] چمار، دست نہ ايندءِ داسڙو.

---

[1] ڏيهہ وڏائي واهہ (ب).
[2] چم (خ)، (م).

بيت گهاتو جا

(1)

ڪوڙيا ڪُـنَ ڪـلاچ جـا، عاشـق جـي اڇـن،
سي عشق ڪَـچونءَ جي وات مـان، موتـي ڪيـن وجـن،
جـن ڪـي مـوت مشـاهدو، سـي ڇـو نـه ”مـراد“ مـرن،
آءُ قربـاني تـن، جـن جيئـريءَ جـيءُ نـه واريـو.

(2)

عاشـقَ ڪُـنَ ڪـلاچ ۾، اڇـي جـي پيـا،
سي عشق ڪَـچونءَ جي وات مؤن، موتـي ڪيـن ويـا،
مشـاهدا ”مـراد“ چئـي، تـن مـري منجهـه ڪيـا،
سـي جانڪـيتا جـيا، جـن جيئري جـيءُ نـه واريـو.

(3)

عاشـقَ ڪـاهون ڪاهـه، تـا اڇـن ڪُـنَ ڪـلاچ تـي،
ڪـاتُ ڪچـونءَ جـي وات ۾، تـو لاهـي ڪنڌ ڪـلاهه،
پـيـئي رَت رگـن جـي، مهنـيـو ڪـائي ماهـه،
سي هُتِ سانگو ڪن نه ساهه، جن کي موت ”مراد“ مشاهدو.

بيت سامونڊي

(1)

جنين جي جهاز ڪي، ساڃا سڙهه سُڪان،
ڏس ڏهاڙي ڏيهه جا، معلم ڏي مهندان،
سي ڪٽي آيا خير سان، سفر صاب پيان،
سنڙ ساويرا ڍڪيا، بندر بار سندان،
سُپي سنگ متان، تيڙا معاف ”مراد“ چئي.

(2)

جنين جي جهاز ڪي، سدا لڳي سُواءُ،
ڏس ڏهاڙي ڏيهه جا، ڏي معلم تن مهنداءُ،
سنڙ ساويرا ڍڪيا، نه ڳيا ناڪوجاءُ،
تن جي مال متاءُ، تيا معافي سَنگ ”مراد“ چئي.

بيت پرياتي

(1)

آءُ ڏڏ، ڏڏان ئـي ڏڏ، ڏڏ نـه ڏڏن جيهـڙو،
سـٺي آيـس سـڏ، ڏاتـر! تنهنجـيءَ ڏات جـو.

(2)

ڏاتـر! تنهنجـيءَ ڏات جـو، نڪـي آرُ نـه پـارُ،
جـَهـڙءِ ڪونـه جهـان ۾، بيـو ڏاتـارين ڏاتـار،
دان مڱـان ديـدار، ڪـر سـائل سـرفراز تـون.

(3)

سـائل سـٺي آئيـو، سـَيـِـرُ سـِـرُ سـندوءِ،
ڪڏهن ڪونـه ٻـُـڌوءِ، تـه ڪـو هتـون موٽيـو منگتـو.

(4)

سـير تنهنجـي سـِـرَ ۾، نـه ڪـا اُج نـه بـک،
اچـڻ جـي آس ڪـري، ڏُور تنيـن تـون ڏک،
لهـن سـدائي سـُـک، هـت مڱڻهـار "مـراد" چئـي.

(5)

نـه مـون ڪـُـلهي ڪـِـينرو، ڪيـرت چاڻـان ڪانـه،
تـون اجهـو ابوجهـن جـو، مهـر پوئـي مـانَ،
مـون تـي ڪـر "مـراد" چئـي، عنـايت احسـان،
جـو تـون سـدا سـلطانَ، تـو نـالائق نوازئيـن.

(6)

مـون جيهـو ڏڏ ڏيهـه ۾، تـو جيهـو ڏاتـار،
جان چڪاسم چوتار، تان بيو ڪونهي مور "مراد" چئي.

(7)

آءٌ اوڳڻ ڳڻيان ڪيترا، جي بيحد ڪون بيان،
پر جان نالو تو رحمان، تان مون ڪونهي وهم "مراد" چئي.

(8)

آءٌ ڳڻتي ڳڻيندس ڪيترا، عيبن انت نه ڪوءِ،
پر صمد نانءُ سندوءِ، تان مون ڪونهي وهم "مراد" چئي.

(9)

اوڳڻ عيبَ اپار، لکڻ ليکو ناهي ڪو،
پر جان سندوءِ نانءُ ستار، تان مون ڪونهي وهم "مراد" چئي.

بيت پورب جا

(1)

نانگا چڌ نہ ننگ، تو لائين رکَ لگّن کي،
توکي چُوسَ چُوسڻَ جي، رامَ نہ لڳتڙءِ رنگ،
مايا ساڻ "مراد" چئي، کُوڙو کيو[1] کُسنگ،
ڏوئي ڏوڙ نِسنگ، ويئي لڄا نکري.

(2)

جوڳي تو نہ جُڳاءِ، جو تو کَنَ چِيرائين کاپڙي،
سامي سانت صبر جي، مَن ۾ مُندرا پاءِ،
سَکَ سَگي کر سڄڻا، وينو وير وڃاءِ،
سِيلهي سِيل، پريت پتر، اندر الک جَڳاءِ،
لِگين رک لقاءَ جي، لاهوتي تون لاءِ،
روح ۾ رام ريجهاءِ، ڇڏ ٻاهريان مکر "مراد" چئي.

(3)

جت نانگا نينهن لائين، تت "نانهن" بنان ٻيو نانهين کي،
ڳُوڙها ڳالهيون ڳُجهہ جون، کاتي ناڳائين،
جي پَرجهڻ کان پري ٿيون، سي واتون نا وائين،
سي روح ۾ رام ريجهائين، جن جي مالها ماٿ "مراد" چئي.

(4)

گيان گنگا دل دوارکا، کايا کاسي، جن،
سي پورب ۽ پڇم جا، ڇاکون پنڌ پڇن،
ماري من "مراد" چئي، تا ريءَ تَن تَيرٿ کن،
سي نِت نانگا ناٿ پسن، جن کي گڏيو گُر گرنار ۾.

---

[1] کيتڙ (ب).

(5)

تَــرڪ ڏنــائون تَــنَ ڪـي، مــاد ڪيــائون مــَـن،
ســي بــابو بديهـــي تيــا، ويئـــڙا منجهـــ وطـــن،
لامڪــان "مــراد" چئــي، ڪيــا آســَـــڻ آڏوتـــن،
سي نـِـت نانگا نـاٿ پـَـسن، جي واحد وحدت ۾ تيا.

(6)

جي رنگ رتا رام جي، تـن ڪالهـ چـڏي ڪاسِـي،
ويئـــي تـــن ڪـــون وســـري، چـــِتـــوَن چوراســـي،
لنگهـــي پيـــا لاهـــوت ڪـــون، اوڏو ابناســـي،
تـن جوڳيـن جاڻون پـُـنيون، جي هئـا پـيءُ جـا پياسـي،
لامڪـــان "مـــراد" چئـــي، تيـــا وحـــدت جـــا واســـي،
ســي سنمک سناسـي، وجـي نانگـا گـڏيا نــاٿ ڪــي.

(7)

ســُــڪ نــه ڏئـــي ســرتيون، ويراڳيـــن ويـــراڳ،
لوچـــي لامڪـــان ۾، ملڪوتيـــن ڪيـــو مـــاڳ،
جيئـــري مـــرڻ "مـــراد" چئـــي، لاهوتيـــن جـــو لاڳ،
ڏيئـي ڏيـل ڏُهـاڳ، وجـي سـامي ســُــهاڳي تيـا.

(8)

ســُــڪن جــو ســرتيون، ســامين چــَـــڪيو ســاءُ،
هــردم هلــن هــُــو ۾، چـِــت جــَـنين جــي چــاءُ
منجهـ ئـي منجهـ "مــراد" چئـي، ڪيــو لاهوتيــن لقــاءُ،
تـون پـڻ تنيـن ڪـاءُ، وجي سـِـڪ تــه ســُـڪ پـِـرائيين.

(9)

ســامي ســي چئجـــن، جـــن ڪـــي ســِــــڪ ســرير ۾،
ســي لاهوتـــي لال تيـــا، جـــي هـــُــو ۾ هـــُــو هلـــن،
مــاري مــَــنُ "مــراد" چئـي، تــا نانگــا نـــاٿ پـَــسن،
تـون پـڻ وتـوُن تـن، وجي سـِـڪ تــه ســُـڪ پـِـرائيين.

(10)

جن لاٿا نيِرَ ننگ جا، تن ڪِيهو ننگ نانگن،
لنگهي ڪيا لاهوت ڪون، آسڻ آڏوتن،
روح رتائون رام سان، پيون وڏائون پَن،
منجهه ٿي منجهه "مراد" چئي، تا جوڳي جاتون ڪن،
تون پڻ وتؤن تن، وجي سِڪ تہ سُڪ پِرائيين.

(11)

نانگي ڪي ناسوت، ڪٿي پيِر پَسايو پِرَ جو،
تنهن ڪاهوڙي ڪرو پيو، ڏس منجهون ملڪوت،
سجاتائين سپرين، جاءِ وجي جبروت،
لنگهيو جن لاهوت، تان تيو هُو ۾ محو"مراد" چئي.

(12)

گهر چورن جي گهَلِ، ۽ باهر سانگ ڪرين ساڏن جا،
مڪر جي "مراد" چئي، ڏوڙ مَ منهن ڪي مَل،
تَسيو ڏئي تَنَ ڪي، جهيڙي جهَتي جهَل،
پاڻ پنهنجو پَل، تہ تئين سنگت جوڳو سڇٽين.

بيت متفرق

(1)

چاڪـِـي چِـتُ "مراد" ڪري، گهاٽو من گهماءِ،
ساري سُرت نرت جا، ڏينهڪ ڏاند وهاءِ،
تُهه تاري ڪڍ تَنَ موُن، سره صاف پيڙاءِ،
تهان پوءِ تون لاءِ، لڱين تيل لقاءَ جو.

(2)

ڪر ڪبوتر روح ڪي، دل پڃري پارينس،
سِره صاف سُرت جي، چُوٽي چِت وارينس،
پاٽي پاڪ پريت جو، پلپل پيارينس،
هُو ۾ محو "مراد" ڪري، ٻي وائي وسارينس،
سا ڪا بازي سيکارينس، جنهن سان وڃي وحدت ۾ پوي.

(3)

نِڪر "نانهن" ڪلهي ڪري، وِڃا سڀ وڃاءِ،
رياضت جا روح ۾، فڪر ڪر فناءِ،
حال هلي حيرت سين، تون منهن مهندا پاءِ،
عدم منجهان "مراد" چئي، ڪنهن کي رسي نہ ڪاءِ،
هت ٻِئي جي جُڙي نہ جاءِ، تو پاڻ سڃاڻي پاڻ کي.

(4)

نِڪر "نانهن" ڪلهي ڪري، ڇڏ تعين تات،
هليو وڃ حيرت ۾، جتي ڏينهن نہ رات،
عدم منجهہ "مراد" چئي، جهت ڪانهي جهات،
نفي نڪو اثبات، تو پاڻ سڃاڻي پاڻ کي.

(5)

تنهن کي سَل مَ سور، جنهن کي سڌ نہ آهي سُور جي،
جنهن کي گهاءُ نہ آهي گهٽ ۾، پيچ تنهن کان ڏور،
جي وهم پريان جي وڊيا، رهج تن حضور،
هيءَ اَتِي محبت مُور، "مُوتُوا" تي "مراد" چئي.

(6)

هتون لوپي من! لڏي، وجي پاڙي ويهہ پرين جي،
پکَا پکن سامهون، اوڏا ويهہ اڏي،
موتي چيڪ چڏي، توکي شال چڏيندا کينکي.

(7)

هن تَن ۾ من! مَ ويهہ، جو آهي چوکس چلهہ چورن جي،
نَگندءِ نگيءَ سان، اَتي نگ نگن جو ڏيهہ،
انهيءَ مهل "مراد" چئي، وجي پکي پـرَ جي پيهہ،
سندءِ سو ساٽيهہ، جنهن ۾ وار ونگوئي نہ تئي،

(8)

رهزن نفس نفيءَ سان، توٽي کوڙين کارون کن،
توءِ گڻ ڏسي اوگڻ کري، ڏئي ڏهاڙيون ڏک تن،
تنهن کي مار "مراد" چئي، جيئرو چڏ مَ چَن،
